هرڙ هٿيلا بيٺا سوچن

رسول بخش پليجو



Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

ڪتاب نمبر (٧٧)

هرڻ هٿيل بيٺا سوچن

رسول بخش پليجو

SOORIH SINDHI ADAB

سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ.

١٩٩٥ع

حق ۽ واسطا اداري وٽ

ڪتاب	:	هرڻ هٿيلا ٻيٺا سوچن
موضوع	:	مضمون / ڪالم
ليکڪ	:	رسول بخش پليجو
ڇاپو	:	پهريون
ڇپجڻ جي تاريخ	:	ڊسمبر ١٩٩٥

قيمت: پنجيتاليهه روپيا فقط

سنڌي ساهت گهر ـ ڪتاب نمبر ستهتر (77)

Book : HARAN HATHILA BETHA SOCHEN
By : Rasool Bux Palijo
Published by : NAZ SANAI
Chairman Sindhi Sahat Ghar,
3 - Nizam Lodge, Gari Khato.
Hyderabad, Sindh.

December 1995

Per Copy 45/= only

SOORIH SINDHI ADAB

ٻه اکر

اڄ ۵ ڊسمبر آهي. ڪالهه چوٿين تاريخ رسول بخش پليجي صاحب ڪتاب ڏئي چيو: ”اڄ تاريخ سالگرهه آهي، ڪتاب آٺين وٺ.“ وچ ۾ آءٌ ٽي ڏينهن ۽ ٽن ڏينهن ۾ ڪتاب آٽتو آهي. جڻ اِهو هڪ قسم جو چئلينج هو ۽ مونکي پورو ڪرڻو هو.

۽ اُهو ڪم مڪمل ڪري هيءُ ڪتاب، ”هرڻ هنيلا بينا سوچن“ اوهان تائين، پليجي صاحب جي ٦۵ سالگرهه جي موقعي تي آندو پيو وڃي.

پليجو صاحب سنڌي زبان جو بلوغ ليکڪ آهي. هو نه رڳو ويهي اسان لاءِ ڪتاب لکي ٿو هوند ڏاڍيون وڏيون ڳالهيون اسان سامهون اچي وڃن، پر دنيا ۾ ٻيا به ڪوڙ سارا ڪم آهن، سياست جا جهنجهٽ به آهن، ٻيو ڳالهيون به آهن. انهن کي به مُنهن ڏيڻو آهي. ڪاش! پليجي صاحب کي ٻيا خفا نه هجن ها ۽ هو ڪوڙ سارا ڪتاب لکي سگهي ها.

هن ڪتاب ۾ سندس اُهي اخباري ڪالم آهن، جيڪي ان ئي نالي سان اخبارن ۾ شايع ٿيا آهن. جن کي هتي ڪتابي صورت ڏني وئي آهي.

پليجي صاحب جا ڪجهه ٻيا ڪتاب به ترت پڙهندڙن تائين آندا ويندا.

ناز سنائي

حيدرآباد سنڌ.

۵- ڊسمبر ۱۹۹۵ع

SOORIH SINDHI ADAB

سٽاءُ

١. لکڻ سون آهي	5
٢. پائي صاحب! اوهان وٽ ماچيس هوندو؟	10
٣. اچو تہ سرڪس جا پالتو شير نہ ٿيون	18
۴. اقوام متحده ۾ عالمي سامراج	25
۵. ڪائنات ابتڻ ماڻ تهيل آهي.	38
٦. اصل لانگ مارچ	42
٧. سپر پاور سپر پاور	58
٨. سچو پچو مڙس ماڻهو ڪهڙو ٿيندو آهي؟	68
٩. بابري مسجد جي ڏک جي بهاني دهشتگرديءَ گهرجي	83
١٠. ناٽڪي وڪالت	87
١١. سڌ ڪاٽي صحافت	91
١٢. اچو تہ سوال پڇون	97
١٣. نئون سال، نيون تمنائون ۽ نوان ارادا	101
١۴. ڪاش! سنڌ ۾ هيئن ٿئي	107
١۵. مخدوم طالب المولي	112
١٦. رئيس وڏي جون ٽوپيون	115
١٧. وڏيرڪي راڄ جي ڪرڙهہ	120
١٨. خوشيءَ جهڙي خوراڪ	126

SOORIH SINDHI ADAB

"لکڻ سون آهي!"

"Speech is Silver, Silence is golden" چوندا آهن
"ڳالهائڻ چاندي آهي، ماٺ سون آهي."

آئون چوندو آهيان "ڳالهائڻ چاندي آهي، لکڻ سون آهي."
جيڪو يار ڪا سٺي ڳالهه ٻڌائيندو آهي تنهن کي چوندو آهيان. بلڪ اڪثر ڪيس سمجهائيندو آهيان: "انسان لکين سالن کان ڳالهائيندو اچي. پر تهذيب تڏهن شروع ٿي، هڪڙي قوم ء نسل جو تجربو ٻين قومن ۽ نسلن تائين پهچڻ تڏهن شروع ٿيو ۽ انساني ڄاڻ ۽ سمجهه وڌا وڌا تاريخي ڇال ڏيڻ تڏهن شروع ڪيا، جڏهن اٽڪل ست هزار ورهيه اڳ، اول عراق (سميريا) ۽ پوء مصر جي ماڻهن لکڻ ايجاد ڪيو. پڪين سرن تي لکيل ڪتاب لکيا ۽ انهن جون لائبريريون بڻايون. سچي عمر اها تبليغ ڪندو اچان. نه رڳو ٻين تي پر پاڻ تي به. لکيو گهڻ اٿم پر ان مان شايع اچا به گهٽ ٿيو آهي.

اخبارن ۾ لکڻ جو شوق مونکي گهڻي زماني کان آهي. جنهن ڏينهن بلڪه جنهن رات ڦهريون پيرو ڪنهن "اخبار" ۾ منهنجو مضمون ڇپيو، سا رات اڄ به مونکي ياد آهي. ان ڏينهن سنڌ مدرسي ۾ مئٽرڪ پڙهندو هوس. اسلامي ۽ پاڪستاني جوش عروج تي هو. ٻه ٽي هفتا محنتون ڪري هڪڙو مضمون لکيم. عنوان ڏنو مانس "ڪشمير اسان جو آهي." الوحيد اخبار ۾ ڪٽي ويس. چيائون، "هينئر وڃ، ايڊيٽر اچي ته ان کي ڏيکاريون ٿا." ٻئي ڏينهن چيائون، "اڄ ايڊيٽر موڪل تي آهي." ٽئي چوٿين ڏينهن چيائون، "سڀاڻي ڇپبو." پنجين ڏينهن اسر جو وڃي آنو خرچ ڪري بولٽن مارڪيٽ مان الوحيد اخبار ورتيم. ٻه ٽي دفعا الف کان ي تائين پڙهي ويس. مون وارو مضمون هو ئي ڪونه. وري الوحيد ويس. چيائون، "توکي چيو سون ڪونه ته اڄ ڇپبو." آئون وري

پنهنجي سنڌ مدرسي جي هاسٽل ڪوٺي ويس. الوحيد پريس جي مٿان چڙهي چڙهيو بيٺو هوس. ١٢ وڳي رات جو مون واري مضمون جا پرچا ڇپيا ته هڪڙو پرچو آلو ئي آلو کڻي وري مدرسي جي هاسٽل ڏانهن ڀڳس ۽ هاسٽل جي حسن علي هال ۾ جيڪي به يار دوست ۽ واقف هئا تن کي ننڊ مان اٿاري انهن کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ اهو پڙهي ٻڌائيندو رهيس. صبح تائين اهو پرچو سڄو ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي چڪو هو!

مون کي اهي ڏينهن ياد آهن جڏهن هو دلبر ماڻهو سليم هالائي، مونکي ڪيڪ سلائيس کارائي، چانهه جو هڪ ڪوپ پياري ۽ منهنجي ترجمي ڪرڻ جي لياقت جون خوبصورت ۽ فنڪارانه تعريفون ڪري، ابراهيم منزل ميڪليڊ روڊ ڪراچي تي "نئين سنڌ" اخبار ۾ مون کان خبرون ترجمو ڪرائيندو هو ۽ پاڻ وينو يارن سان ڪچهريون ڪندو هو.

اها خوشي مون کي اڄ ڏينهن تائين نٿي وسري جيڪا مون کي ان ڏينهن ٿي جڏهن ترقي پسند هفتي وار اخبار "صداقت" ڪراچيءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو پهريون دفعو ڇپيل سب ايڊيٽوريل پڙهيم. ان سب ايڊيٽوريل ۾ پنهنجو سمورو انقلابي جوش ۽ جذبو ۽ سموري ادبي فصاحت ۽ بلاغت صرف ڪئي هيم. شروعاتي جملو ڪجهه هن قسم جو هو "نئين چين جون انقلابي فوجون سماجي امن ۽ انصاف جا ڳاڙها جهنڊا ۽ نئين روشنيءَ جون جڳمڳائيندڙ لاٽون کڻي ٿبيٽ جي تاريخي اونداهي تهخاني ۾ داخل ٿي چڪيون آهن." ان وقت آئون صحافي ٿي چڪو هوس ۽ "صداقت" ۾ ٦٠ روپيا ماهوار تي پارٽ ٽائيم سب ايڊيٽر هوس.

مستقل ڪالم مون "نواءِ سنڌ" ڪراچيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيا: "چاچا چنيسر"، "تعارف" ۽ "پسمنظر" پر رپورٽنگ جا مزا ئي اور هئا. وزير صاحبان جا پر مغز بيان، وزير اعظمن جون پريس ڪانفرنسون، لاٽون، ڪيڪ پيسٽريون، شوخ سوال جواب، پنهنجي

اهميت جو احساس، فوٽا، پنهنجي ڏينهن اخبار ۾ ڇپيل پنهنجي قلم جون جولانيون، مطلب ته مزا ئي مزا!

جڏهن ليٽ روزاني ”لئين سنڌ“ جو ايڊيٽر ٿيس تڏهن ائين لڳو ڄڻ رات وچ ۾ ڪا آسماني مخلوق بڻجي ويا آهيون. پير ئي پٽ تي نٿي لڳو! ”عبرت“ سان منهنجو ناتو تمام پراڻو آهي. ڪنهن زماني ۾ آئون ”عبرت“ لاءِ ڪورٽن جون ڪهاڻيون لکندو هوس. ڪورٽن جي سچن ڪيسن کي سچين حقيقتن سان افسانوي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ادبي صنف مون انهن ڏينهن ايجاد ڪئي هئي. منهنجون سچيون قانوني ڪهاڻيون ”ڪيترائين دنيا جو سير ڪيو“، ”ڪرشن نگر جي ڪنواري“ ”شهر بانو شهر گهمڻ ويئي“ ۽ ”سون جا واپاري“ وغيره انهن ڏينهن انهي سلسلي ۾ ”عبرت“ ۾ شايع ٿيون هيون. ان سلسلي ۾ هڪڙي نئين ڪهاڻي تازو عبرت ۾ شايع ٿي هئي. عنوان هوس ”حلالي پٽ“. منهنجو پهريون ڪتاب ”انڌا اونڌا ويڄ“ به پهريائين هڪڙي اخبار ۾ قسطوار ڇپيو هو. صحافت ۽ خاص ڪري ڪالم نويسيءَ جي ميدان ۾ مون کي جيڪي ماڻهو تمام گهڻو پسند آيا. تن ۾ ديوان سنگهه مفتون (هندستاني)، خواجه حسن نظامي (هندستاني)، مجيد لاهوري (پاڪستاني)، والٽ ونمٽن (آمريڪي)، آرٽ بخوالڊ (آمريڪي)، ايليا اهنبرگ (روسي) ۽ ارشاد احمد حقاني (پاڪستاني) شامل آهن. سنڌي صحافت کي وڌيڪ دلچسپ بنائڻ ۽ ان جو معيار بلند ڪرڻ لاءِ اهڙن اعليٰ درجي جي فنڪار ماڻهن کان گهڻو ڪجهه سکي سگهجي ٿو.

ماڻهوءَ جي شوق جو به هڪڙو چڪر (Cycle) هوندو آهي. اڄڪلهه منهنجي گهڻ طرفي مطالعي جو شوق عروج تي آهي. منهنجي عادت آهي ته آءٌ پنهنجي بستري جي پرواري ٽيبل تي مختلف موضوعن جا پنج اٺ ڪتاب چونڊي رکندو آهيان ۽ روز انهن مان ڪڏهن چار ڪڏهن پنج ڪتاب پڙهندو آهيان. مثلن هينئر مون وٽ ٽيبل تي ۽ مطالعي هيٺ جيڪي ڪتاب آهن. تن جا نالا آهن ”سول پروسيجر

ڪوڊ" (سول قانون)، "عدالتي حڪمنامن جو قانون "law of writs"،
"دنيا جو ٻيو نمبر جهونو ڌنڌو" "The second oldest profession"
(دنيا جي جاسوسي ۽ انٽيليجنس جي تاريخ)، سترهين صديءَ جي
ڪلاسيڪل هندي شاعر بهاريءَ جو ڪلام "ستسيءَ"، لاطيني شاعر
هوريس جو ڪلام "The Complete Odes and Ovades"، مشهور
چيني ڪلاسيڪي ناول "The out laws of the Marsh"، مولانا محمد
حسين آزاد جو "دربار اڪبري"، شاهد احمد دهلوي جو دهلي شهر جي
ريتن بابت ڪتاب "اجڙا ديار" ۽ هاڪاري رومي جنرل جوليس سيزر
(قلو پطره وارو) جي فوجي آتم ڪهاڻي "The civil war". قسمين
قسمين سنڌي رسالا به وٺي آيو آهيان ۽ پڙهان پيو. مثلن "ڪوهسار"،
"جاڪوڙ"، "پروڙ"، "مهراڻ"، "جياپو"، "ايگريڪلچر" "ساڃاهه"،
"ڪاڪ"، "سارس". هڪڙو ڪهاڻين جو سڄو مجموعو جنهن جي
ڪئي تعريف پڙهي هيم اهو به وٺي آيو آهيان يعني صنوبر سيد جي
ڪهاڻين جو مجموعو "مشعل ٻرندي رهندي." ان مان ٻه ٽي ڪهاڻيون
پڙهي به ورتيون اٿم. دراصل سنڌي رسالن ۽ ڪتابن جو جائزو وٺڻ
وري شروع ڪرڻ جو خيال اٿم. منهنجو اصل کان دستور آهي ته جنهن
به شيءِ تي تبصرو ڪرڻو هوندو اٿم ان کي گهٽ ۾ گهٽ پنج دفعا
پڙهندو آهيان ۽ اڪثر ضروري نوٽ به وٺندو آهيان. سوچيو اٿم ته فقط
اهڙن ڪتابن ۽ رسالن ۾ ڇپيل فقط اهڙين تخليقن تي تبصرو ڪبو جن
۾ ڪو ڪڙتيل هوندو، چاهي اهي ڪهڙي به مشهور يا گمنام ماڻهن
جون هجن ۽ چالو قسم جي يا سڪڻي ٻرتي جي ڪنهن به شيءِ تي مغز
نه کپائبو، چاهي اها ڪنهن جي به قلم مان نڪتي هجي. اصول هي آهي
ته ضروري ناهي ته ڪنهن به نئين يا گمنام ماڻهوءَ جي ڪابه لکڻي سڻي
يا تمام سڻي نه هجي ۽ ڪنهن به سڻي يا وڏي لکندڙ جي ڪابه لکڻي
چالو يا سڪڻي ٻرتيءَ جي نه هجي. وڏا اڪيئي ڳالهه ڇڻي ڪري ويا آهن

تہ ”ڀلن ڀنيان ڀلا، ڀلن ڀنيان ڀلا.“

جيڪڏهن ڪي دوست چاهين تہ آءُ ڪو خاص ڪتاب يا رسالو پڙهان ۽ جي چاهيان تہ ان تي تبصرو ڪري سگهان تہ اهي مونکي ڊي-10، پرنس ٽائون قاسم آباد، حيدرآباد تي موڪلي سگهن ٿا. خط بہ لکي سگهجن ٿا. صلاحون ڏيئي سگهجن ٿيون. حال احوال ڪري سگهجن ٿا.

گهٽي زماني کان پوءِ هي منهنجو پهريون اخباري ڪالم آهي. پاڻ ۾ ڪئين دلچسپ ڪارائيتون ۽ ضروري ڪچهريون ڪرڻيون آهن.

الله جي آس ڪري، هليو هئائين،
چارڻ ٻڌا چنگ ڪي، جهوڙا ۽ جهائين،
ڏولي راءِ ڏياچ جي، ڏوران ڏٺائين،
وينتيون واحد در، تنهن وير ڪيائين،
سپاجها سائين، راءِ ريجهائين راڳ سين.
(شاهہ)

●●
●

”ڀائي صاحب! توهان وٽ ماچيس هوندو؟“

فيبروري ١٩٧٠ جو زمانو هو. جنرل يحيٰ واري اليڪشن ٿيڻ واري هئي. مهينو اڳ حيدرآباد شهر ۾ دهشت گردي ٿي هئي. ڀٽو صاحب اچي شهر مان ٿي ماڻهن کي دلداري ڏيئي ويو هو. دهشت گردن کي پٽ ۾ مٽ ڪئي هيون. سنڌين ۾ هراس هو ۽ پاڻ کي نڌڻڪو پئي سمجهيائون. مستقبل جي ڪابه خبر ڪانه هئي ته اليڪشن جو اٺ ڪهڙي پاسي جهڪندو. هڪڙي ڏينهن دهشتگرديءَ جا ستايل ڪجهه وڪيل ۽ ٻيا ماڻهو گڏ ٿيا. سوچيائون ته سڄي ملڪ جي اميد جهڙن ماڻهن کي دانهن ڏيڻ گهرجي. ڪي وڃي اولهه پاڪستان جي مکيه شهرن جو دورو ڪري اتي جي چڱن مڙسن کي پنهنجي ماجرا ٻڌائين. ڪي اوڀر پاڪستان وڃن ۽ اتي وڃي دانهين.

تن ڏينهن حيدرآباد ۾ گهٽي سياست ۽ ٿوري وڪالت ڪبي هئي. ون يونٽ ٽوڙائڻ ۽ مارشل لا جي ڏاڍاين خلاف ويڙهه ڪرڻ لاءِ سنڌرو ٻڌيو پڙ جا پاڌا ٿيا ٻيٺا هئاسون.

همراهن فيصلو ڪيو ته آئون اوڀر پاڪستان وڃان. آئون ٻه ٽي سال اڳ هڪڙي ڪانفرنس جي سلسلي ۾ اتان ٿي آيو هئس. ڀهرين ڀيري ٿي وڃڻ کان اڳ ڏاڍي محنت ڪري ٻه ٽي بنگالي جملا سکي ويو هوس. جيڪي اسان کي هوائي اڏي تي وٺڻ آيا تن کي ملڻ شرط جڏهن ڀهريان جملا هي چيم: ”آمار نام رسول بخش پليجو. آپنار نام ڪي؟“

”منهنجو نالو رسول بخش پليجو آهي. توهان جو نالو ڇا آهي؟“

ته هنن جي سرهائي ۽ حيرت ڏسڻ وٽان ٿي ويئي هئي. مٿان وري جو چيو مان ”ڀالو آسين تو؟“ وغيره (توهان خوش آهيو نه؟ وغيره) پوءِ ته اصل مزا ٿي ويا.

دراصل آئون ننڍي هوندي کان ئي وڏي بنگالي ادب جو عاشق

آهيان، پاڪستان کان اڳ هندو اديب سنڌيءَ ۾ هندوستان جي ٻين ٻولين جي شاهڪارن جا جام ترجما ڪندا هئا. ان ڪري آئون شرت چندر چٽرجي (جنهن جي هڪڙي ناول تان عاليشان هندي فلم "راجلڪشمي" ٺهي آهي جنهن جا ڪيسٽ حيدرآباد ۾ ملن ٿا) بنڪم چندر چٽرجي، ٽئگور، نذر السلام ۽ ٻيا بنگالي اعليٰ اديب پڙهيو ۽ انهن جو فدائي ٿيو ويٺو هوس. بنگالي راڳ جي جادوءَ جو اثر مون تي اڳيئي هو پر ويتر جو پهرئين دوري ۾ ڍاڪا جي انجنيئرنگ انسٽيٽيوٽ ۾ اسان ڪانفرنس جي نمائندن جي اعزاز ۾ ڪرايل ثقافتي پروگرام ۾ بدرالدين احمد، فردوسي بيگم ۽ ٻين استاد فنڪارن کان بنگال جا خاص الخاص دلفريب سر ٻڌيا ۽ ٻنيالي ٻڌم ته پوءِ ته بنگالي راڳ جو عاشق بڻجي ويس. اهو پهريون دورو ڪيترين ڳالهين ڪري يادگار هو جن جو ذڪر وري ڪنهن ٻئي دفعي.

هن دوري ۾ ڍاڪا مون لاءِ ايترو گهٽو اوپرو ڪونه هو. بنگال جي عوامي سياست جي ٻنهي فيل مستن سان اڳ ۾ ئي دعا سلام ٿيل هئي. مولانا ڀاشانيءَ سان ٽوبه ٽيڪ سنگهه جي زبردست تاريخي جلسي ۾ ۽ مجيب سان سندس پاڪستان جي دوري ٻيري لاهور ۽ ڪراچي ۾ ٻه ٽي مختصر ملاقاتون ٿي چڪيون هيون.

آئون ڍاڪا پهتس ته مجيب اليڪشن ورڪ تي ويل هو. سو پهرين وڃي مولانا ڀاشانيءَ جي سندس ڳوٺ حاضري ڀريم. ڏاڍا قرب، ڏاڍيون محبتون ڏنائين. صلاحون مشورا، نصيحتون، هدايتون، حجتون، مڙس ڳالهين جو ڳهير ۽ قرب جو ڪوٽ. طبيعت خوش ڪري ڇڏيائين. پوءِ ڍاڪا جي ٽوٽا واٽا ورتيم. تن ڏينهن ترقي پسند انگريزي هفتيوار اخبار "هاليڊي" جو نالو هو. سندس ايڊيٽر عنايت سان پرپٺ خطن پٽن رستي دعا سلام هئي. سو اوڏانهن ويس. انهن ڍاڪا پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس جو بندوبست ڪيو. هڪڙو سوال جيڪو مون کان ان ٻيري پڇيو ويو هو سو ۽ ان جو جيڪو جواب ڏنو

هوم سي اجان تائين ياد اٿم. هڪڙي رڌ ڪاري بهاري اخباري نويس شرارت ڪري پڇيو ته، ”توهان پاشاني ۽ مجيب مان ڪنهن کي بهتر ليڊر سمجهو ٿا؟“ وراڻي ڏنم، ”جنهن کي بنگالي عوام پنهنجو بهتر ليڊر تسليم ڪري.“ پڇيائين، ”ڀلا توهان جي خيال ۾ بنگالي عوام ڪنهن کي ٿو پنهنجو بهتر ليڊر تسليم ڪري؟“

مون چيو، ”اها خبر هڪڙي هوندي توهان کي ۽ ٻي هوندي بنگالي عوام کي. اوهان فيصلو ڪري جنهن کي بهتر بنگالي ليڊر ٺهرائيندا اسين به ان کي ائين سمجهنداسين.“ چپ ٿي ويو.

جيسين مجيب ورڪ ڪري ڍاڪا موٽي، تيسين ڍاڪا جو چڪر ڏنم. نيو مارڪيٽ، پراڻيون بازاريون، ڪتابن جا دوڪان، شاعر، اديب، ثقافتي گڏجاڻيون، هڪڙي رات ڏاڍي گهٽ هئي. منهنجو ڪمرو هوٽل جي ٻه ماڙ تي هو. وڏي اسر جو لهي هيٺ آيس ۽ هوٽل جي گيٽ مان نڪري هوا کائڻ لاءِ گهٽيءَ ۾ چڪر هڻڻ لڳس. اوچتو پريان اوندهه ۾ ائين لڳو ته چوپائي مال جو ڪو وڏو شاهي ڌڻ گهٽيءَ مان ڌوڪيندو آيو ۽ اچي چپ چاپ منهنجي پرسان لنگهيو ۽ لنگهيندو ئي رهيو. غور سان ڏٺم ته ڍور نه پر ماڻهو هئا. ميلن ۾ جلوس هو پر سڀ چپ! آئون پاسو وٺيو هلندو رهيس. اوچتو مون محسوس ڪيو ته گهٽيءَ ۾ هلڻ جو آواز فقط منهنجي بوٽن جو ٿو پڌڻ ۾ اچي. سمجهيم ته ٻين جا پير اگهاڙا آهن. سوچيم ”سيني جا؟ ڇو؟“ ان وچ ۾ ڪنهن تيلي هنئي ۽ هڪڙو مضبوط هٿ اچي منهنجي ٻانهن ۾ پيو ۽ سٽ ڏيئي مونکي بيهاري ڇڏيائين. جلوس هلندو ويو. پر ڪي ماڻهو ان مان ٽٽي مونکي گهيري ويا. هوڏانهن هنن جي بنگالي پاشا ۽ هيڏانهن مون واري انگريزي. قصو ڪوتاهه گهٽي مڻ هٽان ۽ ڇڪتاڻ ڪان پوءِ ڳالهه سمجهه ۾ آئي.

بنگالي ٻوليءَ کي اردوءَ سان گڏ پاڪستان جي سرڪاري ٻولي بنائڻ جي مطالبي واري جدوجهد ڪرڻ وارن ڪن شاگردن کي سرڪار

ڪجھ سال اڳ فائرنگ ڪري شهيد ڪيو هو. ڍاڪا ۾ ان ڏينهن ٿيندڙ انهن جي ورسيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مختلف شهرن کان آيل اهو هڪڙو شاهي جلوس هو.

شهيدن جي احترام ۾ وچان سيني جا پير اگهاڙا هئا. سندن خيال ۾ آئون جيڪو مغربي پاڪستاني هوس ۽ ظاهر آهي ته بنگالين، بنگالي ٻوليءَ ۽ ان ٻوليءَ جي لاءِ شهادت قبول ڪندڙن جو دشمن هوس، سو انهي سيني جي توهين ڪرڻ لاءِ بوٽ پائي جلوس ۾ اچي گڏيو هوس ۽ سندن مذاق اڏائي رهيو هوس. مون ڏٺو ته ڳالهه سمجهڻ ۽ سمجهائڻ کان زور آهي. نه مون کي ايتري بنگالي اچي ٿي ۽ نه هنن کي ايتري انگريزي جو کين ڳالهه پيرائتي سمجهائي سگهان. سو سوچي سوچي بنگاليءَ جو هڪڙو تمام ننڍڙو ٻن اکرن جو جملو ٺاهيم، سوچيم ته جان ڇٽي هوندي ته ان قسم جي ڳالهه سان ڇتندي نه ته پوءِ ڪتراڳ کي منهن ته ائين ڏيڻو آهي. سو چيو مان "آمي شنڌو!" انهن ٻن اکرن سڄو مسئلو حل ڪري ڇڏيو. چو ته انهن جو مطلب هو "آئون سنڌي آهيان!" ڪٿي ياڪر وڏائون! هٽ ٿي نه ڪين. ٻئي ڏينهن سندن گيت، تقريرون ٻڌيوسين. هڙا نس نس ۾ جوش ۽ ولولو پيدا ڪندڙ منظر مون ڏٺا ته ڇا پر منهنجي وهم گمان ۾ به نه هئا.

ٻه ٽي ڏينهن پوءِ ٻڌم ته مجيب موٽي ڍاڪا آيو آهي. شام جو ملاقات جو ٽائيم مقرر ٿيو. وڃڻ وارو هوس ته هوٽل جو بيرو ڦري آيم. چي "مجيبر (مجيب) بنڌوءَ (يار، دوست) کي ڇٽجانس "تنهنجي فلاڻي دوست توکي سلام ڏنا آهن." پڇائي پڇائي وڃي ڌان منڊيءَ کان نڪتس. مجيب جو گهر وچولي قسم جو هو. ياڪر پائي مليو. عوامي ليگ جو هڪڙو ٽئي درجي جو پٺاڻ ليڊر (بادشا گل؟) اڳم ئي ويٺو هو. ٻه چار بنگالي بابو ويٺا هئا. چيائين ڀهرين "طعام پوءِ ڪلام". ڏسي عجب ٿيم ته ڪرسيءَ وٽ هٿ ڌوئڻ لاءِ ڪونرو ۽ چلمچي رکيا آهن. آئون هٿ ڌوئڻ لاءِ نميس ته ويٺلن مان هڪڙو بنگالي ڪونرو کڻي منهنجا هٿ ڌوئارڻ لڳو. ايتري ۾ مجيب اڳتي وڌي ڪونرو ان کان ورتي،

منهنجا هٿ ڏڻارڻ لڳو! مون کي ڏاڍو عجيب لڳو پر آداب محفل جو خيال ڪري ماٺ مٺيءَ ۾ هٿ ڏوتم. مائي ڪائيندي مجيب ڪجهه ٻوٽيون چوندي هڪڙي ڏار پليٽ ۾ وجهي ڪٽي منهنجي اڳيان رکيون.

مائي ڪائيءَ حال احوال وٺي چيائين "جٽ رڳو اوهان سان ڪانهي. وڏي جٽ ته اسان سان آهي. هي ڏس منهنجي نرڙ تي نشان!" ڏسان ته برابر همراهه جو نرڙ سڄيو پيو آهي. چيائين "اڄ اليڪشن ورڪ ڪندي بهاري غنڊن مونتي حملو ڪيو. مون کي پنهنجي وطن ۾ تقرير ڪرڻ نٿا ڏين! هنن جي ذهنيت ڏسو! هتي بنگال ۾ اچي اهي خرمستيون ٿا ڪن! خير اليڪشن آئون ڪٽندس. يقينن يقينن. وزير اعظم هن دفعي بنگالي ٿيندو. پوءِ سڀ ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويندو. توهان فڪر نه ڪريو. رڳو اليڪشن ٿيڻ ڏيو. پوءِ ڪنهن کي به غنڊا گردي ڪرڻ جي اجازت نه هوندي. نه هتي نه اوهان ڏانهن."

پوءِ مون کان يٽي صاحب بابت پڇيائين ته گهٽيون سيٽون ڪٽندو؟ جيتريون سيٽون در حقيقت يٽي صاحب ڪٽيون تن جو ته ان وقت مونکي ته ڇا شايد ڪيس به اندازو ڪونه هوندو. تنهن ڪري مون پنهنجو حساب ڳڌي چيس. ٥٠-٦٠ سيڪڙو ڪٽي سگهي ٿو. ته هڪڙي بزرگ سنڌي سياستدان جو حوالو ڏيئي چيائين "اهو ته چئي ٿو ته خود سندس پنهنجي لاڙڪاڻي واري سيٽ به مشڪل ڪٽي." مون چيو ته "ائين ناهي. هو تمام مقبول آهي." هو ماٺ ٿي ويو. ڪجهه دير سوچيندو رهيو. پوءِ اوچتو چيائين "آئون توکي هڪڙو پيغام ڏيان. تون ڏيندين؟" مون چيو ته "هائو ڇو نه؟ ڪنهن کي؟" چيائين "يٽي کي!" مون چيو "ڀلي!" پوءِ هڪ هڪ اکر چٻي چٻي گنڀيرتا سان چيائين "چوينس، "پاڻ سڀ هڪڙي ٻيڙي ۾ سوار آهيون. جي خدا نه ڪري اسين ماريا وياسين ته يقين رک ته پس پيش ڇڏيندا توهان کي به ڪونه! تنهن ڪري اچو ته پاڻ ۾ نه وڙهون. اچو ته جمهوريت ۽ عوام پاڻ ۾ ٺهون. اهڙي ٺاهه جي گنجائش آهي جيڪو سموري ملڪ

جي عوام ۽ جمهوري قوتن لاءِ فائدي مند ۽ قابل قبول هجي". مون اهو پيغام پوءِ پنهنجي صاحب کي کهڙين حالتن ۾ پهچايو ۽ سندس رد عمل ڇا هو سو الڳ داستان آهي ۽ وري ڪڏهن ٻڌائيندس. بهرحال ان وقت مون سائس واعدو ڪيو ته آئون سندس لفظ لفظ جيئن هن چيو آهي تيئن پنهنجي صاحب کي پهچائيندس ۽ مون پهچايو.

پوءِ ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي هُن چيو ته، "هي ماڻهو جيڪي تنهنجي خدمت پيا ڪن سي پلا ڪير هوندا؟" مون چيو، "آئون اندازو لڳائي نٿو سگهان. شايد توهان جي پارٽيءَ جا ساٿي هوندا." چيائين "نه. هي اوير پاڪستان جا چوٽيءَ جا سرڪاري عملدار آهن. هي اوير پاڪستان جي نيشنل بئنڪ جو پريزيڊنٽ آهي. هي صوبائي سيڪريٽري آهي. هي منهنجون اکيون، منهنجا ڪن ۽ منهنجا دماغ آهن. بنگالي آفيسر وطن سان وفادار آهي ۽ منهنجي حڪم جي تابع آهي. وقت اهو ثابت ڪندو." وقت ثابت ڪيو. پوءِ چيائين، "توکي خبر آهي ته اسان وٽ مهمانن جا هٿ چلمچيءَ ۾ ڌوئارڻ جو رواج ڪونهي. اهو مهمانداريءَ جو انداز مون اوهان سنڌين کان سکيو آهي. هاڻي آئون مهمانن جي خاطري سنڌين وانگر ڪندو آهيان ۽پنهنجي سر سندن خدمت ڪندو آهيان. مونکي ان ۾ ڏاڍو سڪون ۽ راحت ملندي آهي."
موڪلائڻ مهل قرب سان ڀاڪر پاتائين. در تائين گڏجي هليو. سندس ڪار مونکي ڇڏڻ لاءِ ڏنائين. ان مهل اوچتو مونکي هوٽل جي بئري جي سلامن واري ڳالهه ياد پيئي. جيئن هن چيو تيئن چيومانس. کلي پيو. چيائين "سالا بدمعاش! ميرا يار هي پرانا. ميرا سلام دينا اور کهنا که مل کي جائي."

چيف ڪوٽ مونٽڻ کان اڳ ڪجهه ٽنگ ڏکي ڪجي. سو ڍاڪا کان چٽگانگ ويندڙ گاڏيءَ ۾ چڙهي پيس. يارنهن ڪلاڪن جو سفر هو. ڍاڪا مان به شاگرد چڙهيا. هڪڙي چيو ته مجيب جي شاگرد جماعت جو آهيان، ٻئي چيو ته ڀاشانيءَ جي شاگرد جماعت جو. ...هندي هڪبئي کي بحث ۾ چ... گاڏو نٿي به اڌ تي پيو.

مسافرن جو هڪڙو اڌ ٿيو هڪڙي جي پاسي ٻيو ٿيو ٻئي جي پاسي. گاڏي چٽگانگ پهتي ته همراهن جو بحث جاري هو ۽ سڀوگاڏو زالين مڙسين سندن حمايت ۾ بحث ۾ سرگرم هو.

چٽگانگ ۾ ڏسان ته پٺاڻ مڙس هوٽلين ڪيو، نسوارون هٽيو، پاڻ ۾ جرڳا ڪريو لڙدي مچايو وينا آهن. چؤ ته ڪر پشاور يا ڪوهاٽ جي پهاڙن ۾ وينا راجوٽيون ڳوٺاٽيون ڪن. چيم "ڪاش! سنڌي به دنيا جي ڏورانهن ملڪن ۾ هيئن راڄ ڳوٺ ٻڌيو وينا ڪچهريون ڪندا هجن ها!"

چٽگانگ ڪان بس ۾ چڙهيس ۽ وڃي ايرندي پاسي برما جي سرحد وٽ چڪما قبيلي جي علائقي چٽگانگ پهاڙي سب ڊويزن جي هيڊ ڪوارٽر رانگاماٽيءَ ڪان نڪتس. جنهن هوٽل ۾ ترسيس تنهن ۾ پلنگ بدران ڪاٺ جو هڪڙو شاهي بنڌ رکيو هو. مسواڙ هيس ڏيڍ رپيو روز! هوٽل هيٺان وهي پئي هڪڙي ندي. ان ۾ آيون ويون پئي ٻيڙيون ۽ ٻيڙين ۾ اهڙا خوبصورت مرد، عورتون ۽ ٻار ويٺل هئا جو ماڻهو ڀانئي ته وينو ڏسان. خاص ڪري فجر مهل جڏهن درياءَ مان درياهه تي نظر ڪير ته ائين لڳو چڻ خواب پيو ڏسان يا اعليٰ درجي جو فلمايل قدرتي منظر پيو ڏسان. اهي سڀ رنگ هئا ڏيڍ روپئي روز ۾! فلم اسٽار "شبنم" به رانگاماٽيءَ جي مٽيءَ جي پيدائش آهي.

ٻن پهرن جو ڏسان ته هڪڙو ڊنب چڪما قبيلي جي ڪاليجي شاگردن جو اچي منهنجي ڪمري ۾ نڪتو. بحث شروع ٿي ويو. موضوع "انقلاب ڪير آڻيندو؟ مزدور؟ هاري؟ قبائلي يا وچولو طبقو؟" سڄو ڏينهن بحث ۾ گذري ويو. هڪڙو عجيب انڪشاف ٿيو. هنن يارن لاءِ بنگالي ائين هئا جيئن بنگالين لاءِ پنجابي. موٽندي سندربن ڪان ٿيندو آيس. چٽگانگ ۾ جنهن هوٽل ۾ ترسيس تنهن جو نالو هو سفينه. حسب دستور هوٽل جي بيرن سان به ڪچهريون ٿيون. هڪڙو بيرو ٻين ڪان وڌيڪ ڳالهين جو ڳهير هو. نالو هوس رؤف. ڪچهري ڪندي

اوچتو چيائين، ”هي بنگالي ڇُوتيا آهن!“ چيم ”ڪيئن؟“ چيائين، ”ماڻهو سندن پرسان لنگهي کين چولدو ”توهان وٽ ماچيس آهي؟“ ته بنا سوچ ويچار جي وجهندا هٿ کيسي ۾. تيسين ماڻهو ماٺ مٺيءَ ۾ سندن ڪک ۾ خنجر هڻي ڪيلدو ۽ ڪنهن کي پتو ئي ڪونه پولدو ته ڇا ٿي ويو!“ هن فاتحانه نموني مرڪندي چيو. آئون دهلجي ويس. پڇيو مانس ”ماڻهو کين خنجر ڇو هڻندو؟“ چيائين ”يائي بنگالي حرامين جي ڳالهه پيو ڪريان. ٻين لاءِ ٿوروئي ٿو چوان!“

مون چيو ته ”بنگالين کي ائين خواهه مخواهه خنجر هڻي ڇڏبو. ري گناهه؟“ مون کي پنهنجي ڪنن تي اعتبار ئي نه ٿي آيو ته هي ڪارڙو، ڪارڙو نوجوان ائين معصوميت سان ري گناهه ڪنهن کي دوکي سان ڪهي ڇڏڻ جي ڳالهه اهڙي مزي ۽ بيپرواهي سان ڪندو هوندو.

پنهنجي ڇهري تي وحشت، بي ويساهي ۽ دٻيل غصي جون ريکائون شايد پڙهي ورتائين. مونکي ائين سمجهائڻ لڳو جيئن ٻار کي سمجهائبو، چيائين، ”ادا ڏس! توهان مغربي پاڪستاني ۽ اسين بهاري پاڻ ۾ مسلمان ڀائر آهيون، پاڪستاني آهيون. اردو ڳالهايون ۽ گوشت کائون. هي سالا بنگالي ڪافر ميچي کائين ۽ سوئرن جي ٻولي بنگالي ڳالهائين. انهن حرامين کي ماربو، نه ته ڇڏبو؟ سمجهندا ڪريو نه ڳالهه!“

اها ڳالهه جيستائين مون سنڌ ڇا سڄي پاڪستان جي ڪيترن ماڻهن کي نه ٻڌائي تيستائين مونکي سک نه آيو. اڄ جڏهن پاڪستان سرڪار اهڙن ”شريف“ انسانن کي پنجاب رستي سنڌ ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪري چڪي آهي، تڏهن مون کي ائين لڳي رهيو آهي، ڄڻ سڄي سنڌ لکين رؤفن سان ستجي ويئي آهي، جيڪي گهرن، ڳوٺن، ڪسن، پنڌن، وٽاٽن، ڪوهن، واٽن ۽ شهرن مٿان ڇرا لڪايو ڪٽيو بيٺا آهن ۽ جيڪو سنڌي ٿو لنگهي تنهن کان پيا پڇن.

”بهائي صاحب، آپ ڪي پاس ماچيس هوگا؟“

●

”اڇو نہ سرڪس جا پالتو شير نہ ٿيون“

ويچاري گلبدين حڪمت يار سان ڏاڍي ٿي آهي. اجا ڪالهہ تائين هو جماعت اسلاميءَ، جنرل ضيا واري حڪومت پاڪستان، سعودي حڪومت ۽ آمريڪي سي آئي اي جو دادلو هو. گلبدين جي مي ۽ ڳالهہ گلبدين جي هوءَ ڳالهہ. پاڪستاني، آمريڪي ۽ مغربي پريس جي وات ۾ سندس مداحون ڪري ڪري لقون پئجي ويون هيون. پر اڄ ويچاري جي حالت قياس جوڳي ٿي ويئي آهي. آمريڪا تہ آهي ئي ناصارو، اسلام دشمن ۽ بي وفا پر خود حڪومت پاڪستان ۽ سعودي عرب جهڙن مومنن بہ هن مرد مومن کان نظرون ڦيرائي ڇڏيون آهن. هاڻ افغانستان جو امير المومنين ٿيڻ تہ پري رهيو پر جيڪا ”اسلامي حڪومت ايڏي ڏکي عرصي جي ”سوڀاري جهاد“ ڪانپوءِ ٺهي آهي تنهن ۾ توڙي سندس فوجي هاءِ ڪمانڊ ۾ سندس ڪوبہ نمائيندو ڪونهي.

آمريڪا، سعودي عرب، پاڪستان ۽ گلبدين واري چئوياري ٽٽي چڪي آهي. آمريڪا ڪانپوءِ مجاهدين جو ٻيو نمبر ان داتا سعودي عرب ويچارو ٿيو، ڪابل کان پريرو ٿيو وينو آهي. گهڻ ۾ گهڻ افغانستان جي حوالي سان پاڪ- سعودي عرب دوستيءَ جي جاءِ پاڪ ايران دوستيءَ والاري ڇڏي آهي. تاجڪستان جيڪو اڳي مجاهدن جو دشمن هو سو افغانستان جو وارث ٿيو وينو آهي. نئين ٽمورتي آهي ايران، تاجڪستان ۽پاڪستان.

قـرن تـا چـرخ جـا ڦيرا،
ڪڏهن کهڙا ڪڏهن کهڙا.

٢٤ مئي ١٩٩١ع تي مجاهدن جي سدائين پاڻ ۾ وڙهندڙ مختلف ڌڙن جي وچ ۾ پشاور وارو ٺاهہ ڪرايو ويو. پر جڏهن سازش

ذريعي ڊاڪٽر نجيب الله جي حڪومت جو تختو خود سندس جنرلن هٿان اونڌو ڪرايو ويو، تڏهن مجاهدين ۾ خانه جنگي شروع ٿي ويئي. ٽن مهينن جي مارا ماريءَ کانپوءِ آگسٽ ۾ جنگ بندي ٿي. سيپٽمبر جي شروعات ۾ ايراني صدر هاشمي رفسنجاني پاڪستان آيو. تنهن کانپوءِ ٢٥ سيپٽمبر تي افغانستان جو عارضي صدر برهان الدين رباني آيو. پويان نجيب الله جو تختو اونڌو ڪندڙ ڪابل تي قابض ازبيڪ مليشيا جو ڪمانڊر جنرل دوستم ۽ سعودي عرب جي جاسوسي کاتي جو سربراهه شهزادو ترڪي الفيصل به پاڪستان آيا. ربانيءَ جي استقباليه جي موقعي تي صدر غلام اسحاق خان جيو هو ته، "آئون ان ڳالهه تي زور ڏيڻ چاهيندس ته اسين پنهنجي علائقي ڪي ان ڳالهه لاءِ ڪتب اچڻ نه ڏينداسين ته ڪو اهو علائقو افغانستان ۾ امن خراب ڪرڻ يا افغانستان جي جائز حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ ناجائز طرح استعمال ڪيو وڃي." وزير اعظم نوازشريف به اها ساڳي ڳالهه ڪئي. مطلب ڳالهه جو ته حڪمت يار ڪي پاڪستان ۾ ويهي افغانستان ۾ گڙٻڙ مچائڻ نه ڏني ويندي. ٽي ڏينهن پوءِ ٢٨ سيپٽمبر تي شهزادو ترڪي الفيصل پاڪستان ۾ سعودي عرب جو سفير ۽ آئي ايس آئي جو ڊائريڪٽر جنرل ليفٽيننٽ جنرل جاويد ناصر گڏجي وڃي ننگر هار صوبي ۾ حڪمت يار سان مليا ۽ چيائونس ته آگسٽ واري جنگبندي ۾ گڙٻڙ نه ٿئي. وري پاڪستان ۽ ايران گڏجي اهو فيصلو ڪيو ته ٢٤ مئي واري پشاور واري ناهه ۾ جيڪي ڌريون شامل هيون، تن ۾ گلبدين حڪمتيار جي جاني دشمن جنرل دوستم جي حامين ۽ شيعن مجاهدن جي گروهه حزب وحدت کي به شامل ڪيو وڃي.

مطلب ته "جيڪي لڳي سو ڪاٺي اک ۾!" جيڪو فيصلو ٿئي سو اسان جي مجاهد اعظم گلبدين حڪمت يار جي خلاف.

اڳي اٿين هياس جو پنهون ڏوتم ڪپڙا،

اڄ اٿين ٽياس، جو جت نه نينم پاڻ سين. "شاهه"

اهو ڦرڪو ڪيئن ڦريو؟ افغانستان ۾ پشتون اڪثريت ۾ آهن. پر اقتدار تي احمد شاهه ابدالي واري فارسي ڳالهائيندڙ تاجيڪ، ازبيڪ ۽ ٻيون ٽورايون ڇانئيل پئي رهيون آهن. افغانستان جا دراني ۽ محمد زئي شاهي خاندان فارسي ڳالهائيندڙ هئا. ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ تاريخي طرح هلندڙ آهي. افغان انقلاب قوميتي حساب سان ڇڻ ته فارسي ڳالهائيندڙ اقليت جي راڄ خلاف پشتون اڪثريت جي ڪامياب بغاوت هئي. انقلاب جي باني نور محمد ترهڪيءَ وانگر آخري صدر ڊاڪٽر نجيب به پشتون آهي. ڪين پشتون عوام جي ڪافي حمايت حاصل هئي. آمريڪين سوچيو ته لوهه کي لوهه ڪاٽي، پشتون نواز افغان انقلاب کي تباهه ڪرڻ لاءِ سڀ کان وڏيڪ ضرورت ڪنهن پشتون جي هئي. اهو ڪم پشتون گلبدين کان ورتو ويو. ڪانئس "ڪم" وٺڻ لاءِ هڪڙي پشتون نسل جي پنجابي جنرل کي ڪم سان لڳايو ويو. يعني آئي ايس آئي جي ڊائريڪٽر جنرل ليفٽيننٽ جنرل حميد گل کي. گلبدين وڏي خوشي، وڏي اڊمبر سان ان ڪم لاءِ آمريڪا، سعودي عرب ۽ جنرل ضياء جو ماٺهو بنجي ويو ۽ سندن ڪلهي تي چڙهي هو پاڻ کي هڪڙي برڙ باڪاس شي سمجهڻ لڳو. پر آمريڪا بنيادي طرح اندر ئي اندر گلبدين جي آڪڙ ۽ انتها پسنديءَ مان بيزار هئي. دراصل آمريڪا افغانستان تي ڇڙواڳ ۽ بي لغام پشتون غلبي کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. ان ڪري هڪ طرف هن پشتون گلبدين کي پشتون نجيب الله کي تباهه ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ته ٻئي طرف هن ڳجهه ڳوهه ۾ فارسي ڳالهائيندڙ تاجڪن ۽ ازبڪن کي اڪٽي آٽڻ شروع ڪيو. ڪمانڊر مسعود جيڪو تاجيڪ آهي ان جي خاص طرح پٺي ٺپري ويئي. فارسي حڪومتن ايران ۽ تاجڪستان سان ڳجهه ڳوهه ۾ سودي بازي ڪئي ويئي. انهن جي معرفت نجيب الله جي تاجيڪ ۽ ازبيڪ جنرلن جنرل دوستم ۽ ٻين سان سازباز ڪيو ويو. جن اوچتو ئي اوچتو نجيب الله جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح پشتون گلبدين ۽ نير پشتون جنرل

حميد گل جي هٿان پشتون ڊاڪٽر نجيب الله جو ڪم لهرائي، پشتونن کي افغانستان جي اقتدار جي ايوانن مان عملي طرح خارج ڪيو ويو. آمريڪا، جماعت اسلامي ۽ سعودي عرب جي اشاري تي هلايل "اسلامي جهاد" افغانستان ۽ پاڪستان جي پشتونن کي بيحد مهانگي پئجي ويئي آهي ۽ في الحال پشتونن جي قوت جي ڄڻ چيلهه ڀڄي پئي آهي. دراصل افغانستان تي پشتونن جو غلبو پاڪستان جي ڪرتائن ڌرتائن لاءِ وڏو خطرو هو. ڇو ته افغانستان ۽ پاڪستان جا پشتون پاڻ ۾ گڏجي پاڪستان جي حڪومت لاءِ وڏو ڏچو ٿي پون ها. ان ڪري هنن نهايت هوشياريءَ سان هڪڙن پشتونن کي مکڙا ۽ ٻين کي ٻيا سبز باغ ڏيکاري، ڪين پشتون اقتدار خلاف استعمال ڪري، سندن ئي هٿان سندن گهر مسيت ڪري ڇڏيو آهي. پرائي مڙسي پرائي مڙسي آهي. ظاهر آهي ته ماڻهو ماڻهوءَ جو ڪاج آهي. ماڻهوءَ کي ضرور ڪنهن نه ڪنهن جي مدد گهرجي، نه ته اڪيلو ماڻهو جي شينهن آهي ته به ڄڻ گدڙ ڪان به چٽ. جهجهن سان گدڙ به جهڙو شينهن. پر جيڪي پرائي ٻوڙ تي اٿو ٻڌيو، ڪنوڻ تي مال ڪاهي هلندا آهن. تن مسڪينن جو حال ئي ڪونه هوندو آهي. ٻچاڙيءَ جو ويچارا ٿهارن ڪاج ٿيو وڃن. اجان ڪالهوڪي ڳالهه آهي ته ويٽنام ۾ جنرل ڊيم آقائن جو پٽيلو ٿيو پئي هليو ۽ ان خوشيءَ ۾ پنهنجي سڄي قوم کهائي چٽ ڪري ڇڏيائين. آمريڪا ۽ يورپ ڪيس ساراهي ساراهي ڪٿي عرش تي رسايو. جيڪا مغربي اخبار يا رسالو کول تنهن ۾ جنرل ڊيم جي شان ۾ فوٽي سان گڏ قصيدا. ٻچاڙي جو مالڪن جي مطلب جو نه رهيو ته ويچاري کي پنهنجي پالتو فوجي غنڊن هٿان ائين پورو ڪرائي ڇڏيائون، جيئن ميونسپالٽيءَ وارا رولو ڪتن کي پورو ڪرائيندا آهن. ڄڻ ته ان نالي وارو ماڻهو هن ڌرتيءَ تي جائو ئي نه هو. سندس پوءِ جي جاءِ نشين آمريڪي دادلي جنرل ٿيوءَ جي شڪر ٿيو رڳو عزت ويئي. حياتي بچي ويس. صاحب بهادر پاڻ گولي ٿيا ته هن کي به مهرباني ڪري پاڻ سان ڪٽيو ويا. الاهي ڪٿي وڃي

غرق ڪيائونس جو اڄ سندس نالو به نٿو ٻڌجي. اڳي ته سالن جا سال جنرل ٿيوءِ جي نالي ٻنا ڪا اخبار ئي ڪانه ڇپجندي هئي.

منيلا جي منظور نظر فلپائيني صدر مارڪوس تان جڏهن مالڪن جي مهر جو نظر هٽيو، تڏهن ويچارو بين الاقوامي ڇهڙو بنجي ويو ۽ ويچاري جو لاش به وطن جي ڌرتيءَ ۾ پورڻ نه ٿي ڏنائون.

اسان جي مسلمان ڀاءُ شهنشاه رضا شاهه پهلوي آريا مهر کي آقائن جڏهن آسمان تي رسايو تنهن مهل سندس شان ۽ جڏهن ڪم لٿي ڪانپوءِ آسمان تان ڪيرائي آٿي ملڪان ملڪ دربدر ڪري رڻ ۾ رلائي ڇڏيائونس، تنهن مهل سندس ذلت ۽ خواري سڄي دنيا اکين سان ڏٺي. خود اسان وٽ به ساڳي ڪار ٿي. اسان جي "مرد مومن مرد حق" کي پهريائين غازي صلاح الدين ۽ زماني جو سياسي غوث ۽ قطب بنايائون. ڪانئس ڊيڊ وارا سمورا بڇڙا ڪم ڪرائي پوءِ سندس هڪڙي هڏي ڪي ڇڏي باقي سمورو ڌڙ اڏائي ڇڏايائون.

هن ملڪ جا پاڪستاني ڳجها هٿ به هر قوميت جي ڪنهن نه ڪنهن ماڻهوءَ کي ملڪ جي ٻين قوميتن خلاف ڪتب آڻڻ لاءِ اول آسمان تي رسائيندا رهيا آهن ۽ پوءِ ڪم ڪيڻ ڪان پوءِ سندس ترا ڪيي ڇڏيندا رهيا آهن.

پيٽي صاحب ڪان وڌيڪ ذهين قابل برجستو ۽ ڪاريگر عوامي ليڊر ٻيو ڪير هوندو؟ پاڪستان دوستيءَ ۾ هن ڪان وڌيڪ جاکوڙ ۽ قربانيون ڪنهن ڪيون هونديون؟ ڪس بنگالي، بلوچ ۽ پٺاڻ "پاڪستان دشمن" کي منهن ڏيڻ لاءِ سائن ڇا ڇا نه ڪرڻو پيو ۽ پنهنجي سنڌي قوم جي ڪهڙن ڪهڙن دائمي ۽ بنيادي مفادن کي ڪيڏن نه دائمي ۽ ناقابل تلافي نقصانن جي خطرن جي داءُ تي لڳائڻ گوارا ڪرڻو پيو! پر پڇاڙي ۾ انهن سمورين جاکوڙن ۽ قربانين جو نتيجو ڪيس، سندس اولاد کي ۽ سندس سنڌي قوم کي ڇا حاصل ٿيو؟ سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته بلوچن ۽ پٺاڻن سان جيڪي ڪجهه

"سنڌين جي حڪومت" ۾ ٿيو، تنهنجي ڪري هو اڄ دل ئي دل ۾ سنڌين جي سخت خلاف نہ هجن ها ۽ اسان جي سائن روائتي دوستي ۽ پنهنجائپ اصلوڪي روپ ۾ قائم هجي ها. ۽ بنگالي بہ جي اڄ بہ پاڪستان ۾ هجن ها ۽ اڪثريت سنڌن ئي هجي ها تہ اسين سنڌي جيڪر هيئن گهيري ۾ اچي جڳ جهان جو ڪاڄ ٿيون ها ڇا؟ ڇا هيئن وطن ۾ بي وطن ۽ پنهنجي گهر ۾ چور هجون ها ڇا؟

الطاف ڀائي بہ پرائي ڪلهي تي ويهي جيڪي رنگ ڪيا تن جي بدلي ۾ في الحال ڪنڌ ۾ بوٽن جا هار پهرايا ويا اٿس. اڳتي بہ ڏسجي. ايجان پنڌ پري پيو آهي.

اول ڀٽي صاحب ڪان پنهنجي ڀائرن بنگالين، بلوچن ۽پٺاڻن کي "ٺيڪ ڪرڻ" جو ڪم ورتائون. هاڻ وري دهشتگردن کي پالي نپائي تيار ڪري ڪائڻ سنڌين کي نيست نابود ڪرڻ جو ڪم پيا وٺن ۽ بلوچن ۽ پٺاڻن ڪان سنڌين جي بربادي جو خاموش تماشبين ٿيڻ جو ڪم پيا وٺن. نقصان ٻنهي حالتن ۾ مظلوم ماڻهن جو. همراهہ "ابا مرسي تہ بہ پيٽ ڪاسون جي اما مرسي تہ بہ پيٽ ڪاسون." وارو ڪم ٻڌيو وينا آهن. اول پنهنجي مطلب لاءِ دهشتگردن ۽ ڌاڙيلن ۽ سنڌن سرپرستن کي شينهن، بگهڙن ۽ گينڊن جون ڪلون پارائي ڪين خوفناڪ ڀوت بنائي آسمان تي چاڙهيو وينا هئا. هاڻ وري پنهنجي بدليل مطلب لاءِ انهن تي رڳو سڪتي ٺپ ٺپ ڪئي اٿن تہ مڙسن جون حاجون لهي ويون آهن ۽ ڳوليا نٿا لڀن. رات وچ ۾ شيرن، بگهڙن ۽ گينڊن مان ڦري رڍون، ٻليون ۽ سهڪيءَ ۾ پيل سها ٿي پيا آهن.

سنڌين ڪان پشتونن ۽ بلوچن خلاف ڪڏا ڪرتوت ڪرائي ۽ پشتونن ۽ بلوچن کي غيرتون ڏياري، سنڌين، بلوچن ۽ پشتونن کي هڪٻئي جو مخالف بنائي، هنن واري واري سان ڪين هڪٻئي خلاف استعمال ڪري، هر قوميت جي چيلهہ ڀڃي، ان کي بيڄڙو ۽ بدحال ڪيو آهي. هڪڙي پاسي هنن مٿئين نموني گڏيل پشتون قوت جي چيلهہ ڀڃي

ڇڏي آهي ته هنن پاسي پشتونن ۽ بلوچن کي بلوچستان ۾ هڪٻئي خلاف جارحانه نموني استعمال ڪري رهيا آهن ۽ بلوچستان ۾ اها ساڳي تفرقي بازي ۽ مارا ماريءَ جي آڳ ڀڙڪائي رهيا آهن جيڪا هتي ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن هٿان سنڌ ۾ ٻارايو ويٺا آهن.

قصو اتي ختم ڪونه ٿيو آهي. الذوالفقار جيڪا ڪيترن ڇاٽو ماڻهن جي نظر ۾ ٺهرايل ٿي حقيقت ۾ ڏر ڏٺين جي آهي ان جي نالي ۾ توڙي ٻين اهڙين ”ببر شير“ ٽائيپ پنهنجن هٿرادن ناهيل ”باغي ۽ تخريب ڪار“ ”خطرناڪ گروهن“ جي خطري کي منهن ڏيڻ ۽ سندن پاڙ پٽڻ جي آڙ ۾ هڪڙي پاسي سنڌ ۾ ڪهرام مچايو ويو آهي ته ٻئي پاسي خود ڀاءُ کي ٽيهڪرون ڏيئي، ڪانئس مٿو رلائڻ وارا بيان ڏياري، سندس ڀيڻ جي گهر ۾ گهوٽالو وڌو پيو وڃي ۽ کين هڪٻئي جي خلاف استعمال ڪيو پيو وڃي.

ڊيم، ٽيو، مارڪوس، رضا، ضيا، الطاف ڀائي ۽ ٻين وانگر حڪمت يار به ڌرتيءَ جي آقائن جي خيراتي مڙسيءَ تي ببرشير بنجڻ جا خواب پيو ڏٺا. پر آقائن کي ته اصلي ببر شير گهرجن ئي ڪونه. هنن کي انهن سرڪس جي پالتو شيرن جي گهرج آهي جيڪي رنگ ماسٽرن جي چهبڪ جي هڪڙي اشاري تي هيبتناڪ گجگوڙون ڪرڻ لڳن ۽ ٻئي اشاري تي ٻلي بنجي اڳلي جي پيرن ۾ ليٽڙيون پائڻ لڳن! تعميل ۾ ٿوري دير ٿي ناهي متان چهبڪ ٺڪاءُ ٿيو ناهي! جيڪو ”شير“ اها ڳالهه نه سمجهندو تنهنجو حال مٿئين مڙسن جهڙو ٿيندو! توجهه! يا اهلِ سرڪس! سموري اڳوڻي توڙي هاڻوڪي تاريخ اهو ئي ٿي سيکاري ته ٽجي ته پنهنجي ۽ پنهنجن جي مڙسيءَ تي پنهنجن ماڻهن جو اصل ببرشير ٽجي. نه ته پرائي مڙسيءَ جي زور تي سرڪس جو پالتو شير ٿيڻ جي خواريءَ کان ماڻهو گمنام رهي حياتي جا ڏينهن عزت سان پورا ڪري ته چڱو سون ٿيو.

•

"اقوام متحده ۽ عالمي سامراجي"

ڇُرپر، تبديلي، ارتقا ۽ انقلاب ڪائنات ۾ واڌاري جون مکيہ صورتون آهن. لقاء، شيون ۽ ڳالهيون پهريائين هونديون ئي ڪونہ آهن، پوءِ سرجنديون، اُسرنديون، نسرنديون ۽ جوان ٿينديون آهن ۽ پاڻ مان نيون ڳالهيون ۽ شيون پيدا ڪنديون آهن، پوڙهيون ٿينديون آهن ۽ نيٺ مري وينديون آهن. دنيا ۾ حاڪميت ۽حڪومتن جي قائم ٿيڻ ۽ وڌڻ گهٽجڻ جو قصو بہ ان اصول پٽاسر آهي. پهرين دنيا ۾ ڪابہ مجيل انساني اختياريءَ نالي ڪا شيءِ ڪانہ هئي. پوءِ ڳوٺن ۽ قبيلن جون ننڍڙيون ننڍڙيون اختياريون وجود ۾ آيون. ننڍا وڏيرا ۽ قبيلائي سردار پيدا ٿيا. پوءِ ڇڻ ٻارهن ٻارهن ڪوهن جون ننڍڙيون الڳ الڳ بادشاهيون ٿيون، پوءِ هڪيڙي پويان ملڪي حڪومتون ۽ شهنشاهيتون اُسريون نسريون ۽ ڍهي ختم ٿي ويون ۽ انهن جي جاءِ ٻين ورتي. سڄي دنيا تي حڪومت ڪرڻ جو خواب تهذيب جي پرڀات کان وٺي ماڻهن جي ذهنن تي سوار ٿي رهيو آهي. پهريون ماڻهو جنهن علي اعلان سڄي دنيا فتح ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ نہ وسهڻ جي حد تائين ان ۾ ڪامياب ٿيو سو هو سڪندر اعظم. حيرت انگيز انسان هو. مشرق ۾ هن بابت رڳو قصا ڪهاڻيون آهن. ان جي گهڻن غير معمولي پاسن واري نرالي شخصيت ۽ ڪارنامن ڪي سمجهڻ جي اڃان هتي ڪوشش بہ شروع ڪانہ ٿي آهي.

هندستان ۾ بہ هڪڙي عجيب ماڻهوءَ سڪندر جي جاءِ نشين ٿيڻ جا خواب ڏٺا پر سندس دور جي ماڻهن سندس ڳالهہ ئي ڪانہ ٻڌي. منجهس ايترو دم بہ ڪونہ هو. پر گهٽ ۾ گهٽ ان قسم جو حوصلو سو ظاهر ڪيائين. اهو هو علاؤالدين خلجي، چنگيز خان هڪ حد تائين عالمي فاتح ٿيو. ڪانئس اڳ ڪيئن جنهجو قبيلا نڪري پيا

هئا. هون، سٿين، آريا، عرب ۽ ٻيا ڪئين راڄ رڌن پٽن جي اونهاين مان نڪري دنيا جي وڏن حصن کي وڪوڙي ويا هئا. دنيا جي پهرين وڏي ۾ وڏي سلطنت هئي رومي سلطنت جيڪا پوري يورپ ۽ برطانيہ سان گڏ اولهہ ايشيا ۽ اتر آفريڪا جي مالڪ هئي. رسمي طرح اها تقريبن ٢٠٠٠ سال قائم رهي. ان ڪانپوءِ دنيا جي وڏي ۾ وڏي سلطنت برطانيہ جي هئي جيڪا اٽڪل ٢٠٠ سال هلي.

ان ڪانپوءِ ٻہ سپر پاور ٿيا آمريڪا ۽ روس. هاڻ آمريڪا اڪيلو پڙ جو پاڙو ٿيو بيٺو آهي. يورپ ۾ گڏيل جرمني وري بہ ايري پئي، اوير ۾ جاپان ڏاڍيون فلڪون پيو ڏيکاري پر اڃڪلهہ مڙس ڪجهہ مڙيئي ٿورو ليٽ آهي.

ڪنهن هڪڙي قوت جي عالمي شهنشاهيت جي تصور سان گڏوگڏ ڪيتري زماني ڪانوئي دنيا جي سيني انسانن جي رضامنديءَ سان سيني جي ڀلي خاطر قائم ڪيل هڪڙي سچي دنيا جي عالمي حڪومت جو تصور بہ گڏوگڏ هلندو رهيو آهي.

ان سلسلي ۾ پهريون اهم تجربو League of Nations جو آهي. اها عالمي حڪومت جي ڄڻ تہ پهرين ريهرسل هئي جيڪا پهرين جنگ عظيم جي خاتمي کان ٻي جنگ عظيم جي شروعات تائين هلي. ان جي باري ۾ وڏيڪ اهم ڳالهہ اها ناهي تہ اها چا چا نہ ڪري سگهي، پر وڏيڪ اهم ڳالهہ اها آهي تہ اها هڪ نئين تصور ۽ نئين تجربي طور وجود حاصل ڪرڻ ۾ ڪيئن ڪامياب ٿي ۽ هڪڙي عالمي اداري طور هيترا ڏينهن پنهنجو وجود ڪيئن ايري سيري حال ۾ قائم رکي سگهي ۽ ڪيئن ڪيترين نين روايتن منصوبن ۽ اميدن کي پيدا ڪرڻ ڪانسواءِ ختم نہ ٿي.

ان جي جاءِ نشين جميعت اقوام آهي جنهن جي ڪمزورين، ناڪامين، پاس خاطرين ۽ مغربي طاقتن جي هٿن ۾ هٿيار طور ڪتب اچڻ جي حقيقتن جو داستان دنيا جي سمجهو ماڻهن کي ياد آهي. ڪا

مظلوم قوم ڪانهي، ڪو هيئو ملڪ ناهي جيڪو اقوام متحده ڪي ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان هڪ سياسي مڙدي، هڪ ڍونگ ۽ هڪ فراڊ جي روپ ۾ نہ ڏسي چڪو هجي. پر اقوام متحده جي سلسلي ۾ بہ سڀ ڪان اهم ڳالهہ اها ڪانهي. سڀ ڪان اهم ڳالهہ اها آهي تہ اها هيترين ناڪامين، خوارين ۽ ڦشرين ڪاڻپوءِ بہ نہ رڳو زنده آهي پر ڏسڻ ۾ بہ زنده پئي نظر اچي. هينئر ان ۾ ١٨٩ ميمبر شامل آهن. هر شڪايت جي باوجود ڪنهن ملڪ ڪي ان مان نڪرڻ جي ڌمڪي ٿي ملي تہ سندس منهن لهيو وڃي.

تازو يوگوسلاويہ ڪي اها ڌمڪي ڏني اٿن تہ "توڪي اقوام متحده مان نيڪالي ٿا ڏيون." تہ اهو ٽنڪاٽولي ٿي ڪڄڻ لاءِ تيار آهي پر رضاخوشيءَ سان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ روءِ زمين جي هزارين سالن جي سياسي تاريخ ۾ هي پهريون ادارو آهي جتي ننڍي ۾ ننڍي ١٠,٥ هزار ماڻهن جي حڪومت ڪي بہ، رسمي، قانوني ۽ آئيني حق حاصل آهي تہ هو بين الاقوامي پارليامينٽري زبان ۾ دنيا جي وڏي ۾ وڏي قوت جي خلاف ڪيس داخل ڪري، سلامتي ڪاؤنسل جي اڳيان پنهنجو ڪيس پيش ڪري، اربن ماڻهن اڳيان ان ملڪ خلاف خواري مچائي ۽ دنيا جو ضمير ڇاهي اهو ڪهڙي بہ حالت ۾ آهي تنهن ڪي جهنجهوڙي، دنيا جا يار دوست گڏ ڪري اڳلي ڌر تي دٻاءُ وجهي وغيره وغيره. اقوام متحده تاريخ ۾ پهريون دفعو بين الاقوامي ۽ رياستي ڏاڍاگيري ۽ غنڊه گردي ڪي سمورا ليڪا نہ لتاڙڻ تي ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين مجبور ڪيو آهي. ان اهڙا گس ۽ واٽون ڪڍيون آهن، جن جي وسيلي حڪومتي ڦڏن ۽ تڪرارن جو راهوٽي ڳوٺائي نموني ڇار ڇڳا ويهي ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين ٽوري گهٽي حياءَ ۽ فضيلت وارو فيصلو ڪري سگهن ٿا.

هن وقت اقوام متحده جي هاڻوڪي سيڪريٽري جنرل مصر جي بطروس غاليءَ اقوام متحده پاران "عمل جي ايجنڊا" "Progassive of Action" ..... نالي هڪڙو پروگرام پيش ڪيو آهي جنهن ۾ هڪڙي عالمي

جمهوري حڪومت جا ڪي ٻج نظر اچن ٿا.

اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل اڳيان هن وقت ٽي مکيه انتظامي مسئلا آهن.

(۱) هڪڙي تربيت يافته فوج جيڪا بين الاقوامي جهيڙن ۽ توڙي خانه جنگين ۾ اقوام متحده طرفان نافذ ڪيل جنگ بنديءَ جي اثرائتي نگراني ڪري ۽ ان کي يقيني بنائي ۽ ڇڪتاڻين جي حالتن ۾ انهن کي اثرائتو منهن ڏيئي سگهي.

(۲) اقوام متحده جي انهن بين الاقوامي ذميوارين جي پورائيءَ لاءِ مناسب ۽ مستحڪم مالي وسيلا.

(۳) جميعت اقوام طرفان اهڙو واضح هدايت نامو جنهن مطابق انساني نوعيت جي مسئلن ۽ خاص حالتن ۾ واسطيدار حڪومتن جي راءِ کي ريٽي به ستايلن جي انساني امداد ڪري سگهجي.

هن وقت جميعت اقوام جي اڳيان يوگوسلاويه ۽ صوماليه ٻه وڏا عالمي چيلينج آهن. هڪڙي ۾ خانه جنگي آهي ٻئي ۾ ڏڪار. مغربي ملڪن، جن گذريل ڏهاڪن ۾ انساني حقن جي حمايت جون هيڏيون وڏيون دعوائون پئي ڪيون، ۽ روس ۽ چين ۾ انساني حقن جي ڇڪتاڻين بابت اصل ساهه تي نڪتن، سي يوگوسلاويه جي معاملي تي جنهن شرمناڪ ۽ مجرمانه انداز سان مظلوم ٿوراين جي قتل عام جو تماشو ڏسي رهيا آهن، تنهن مان سرمائيدار نظام جي پاڪستاني عاشقن ۽ خاص ڪري سنڌي پروانن کي عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي مواد موجود آهي.

روس ۾ سوشلزم جي زوال ڪانپوءِ سنڌ ۽ پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ اهي واڌايون ڊوڙي ويون ته غريبي، بک ۽ ڏڪار جو يڪ ٽڪ علاج هاڻ سرمائيداري نظام آهي.

سوشلزم معنيٰ ڪنگال پڻو ۽ سرمائيداري معنيٰ سک ۽ سڪار. صوماليه ۾ سوشلزم جي "س" به ڪانهي ۽ سماجي نظام سرمايه دارانه

۾ جاگيردارانه آهي تہ بہ ڏڪار سبب لکين ماڻهن جو مرڻ هيتري وڏي عرصي گذرڻ کانپوءِ بہ بند نہ ٿيو آهي.

روس، چين ۽ ٻين سابق سوشلسٽ ملڪن جي ماڻهن جي غريبيءَ تي رت جا ڳوڙها ڳاڙيندڙ آمريڪي- يورپي سرمايہ دار ملڪ ۽ جپان جيڪي دولت جي ڪري هڪيءَ کان ٽا ڦاٽن، انهن جي ڏسندي صوماليہ جا ماڻهو هزارن جي حساب سان ڦٿڪي ڦٿڪي، موت جو بک تي رهيا آهن. روس جي زوال کانپوءِ اقوام متحده ۾ غير جانبدار ملڪن جن کي ٧٧ جو گروپ ٿو سڏجي تن جي اڳوڻي لئي ڪانہ رهي آهي ۽ دنيا جي وڏن سرمائيدار ملڪن سان اقتصادي سوديبازيءَ ۾ سندن پوزيشن اڳي کان بہ گهڻو ڪمزور ٿي ويئي آهي. هاڻي جنگ جا وسيلا صرف سرمائيدار ملڪن جي هٿن ۾ آهن، جيڪي جنهن کي وٽين تنهن کي ڀليءَ مان شير ۽ جنهن کي وٽين تنهن کي شير مان ڀلي بڻائي سگهن ٿا. ان ڪري ٽين دنيا جي ملڪن لاءِ هاڻ اجهو آسرو رڳو اقوام متحده ٿي وڃي رهي آهي. ان ڪري هو قدرتي طرح سان ان کي مضبوط ڪرڻ جي وڏيڪ فائدي ۾ آهن. جيتوڻيڪ ان ڳالهہ مان سندن واسطي ڪيترا خطرا بہ آهن.

ٽين دنيا جي ملڪن جي انهيءَ رجحان کي ڪيترائي سرمائيدار حلقا ناپسند ڪن ٿا. ايتري قدر جو دنيا جي پراڻي بدنام سامراجي ملڪ انگلينڊ جي وزير خارجہ ڊگلس هرڊ تہ اهو بہ چئي ڏنو آهي تہ اقوام متحده کي پراڻو سامراجي ڪردار ادا ڪرڻ طرف ڌڪيو پيو وڃي. ٻين لفظن ۾ سندس چواڻي "اقوام متحده هڪ نئون عالمي سامراج بنجي رهي آهي." اها ڳالهہ ڪيتري قدر صحيح آهي سو هر ڪو سمجهي سگهي ٿو پر ايتري حقيقت ضرور آهي تہ اجوڪي دنيا ۾ اقوام متحده اهو ڏنڊو نہ رهي آهي جنهن سان دنيا جا سرمائيدار ملڪ آسانيءَ سان غريب ملڪن جا مٿا ڦاڙي ڇڏيندا هئا.

”هڪڙي ننڍڙي، سهڻي، سٺي جنگ!“

تنهن ڏينهن هڪڙي انگريزي اخبار ۾ جرمنيءَ بابت هڪڙو مزيدار ڪارٽون ڇپيو. ڪارٽون جا ٻه حصا هئا. ٻنهي حصن ۾ جرمنيءَ جا نقشا ٺهيل هئا. ٻنهي ۾ لوڙها ڏنل هئا. هڪڙو لوڙهو هڪڙي نقشي جي وچان ڏنل هو. ان تي لکيل هو ”برلن جي ديوار.“ ٻيولوڙهو ٻئي نقشي جي چوڌاري ڏنل هو ان تي لکيل هو ”جرمني!“ ڪارٽون جو مطلب هو ته اڳي ”جمهوريت دشمن“ ڪميونسٽن اڌ جرمنيءَ يعني اوير جرمنيءَ کي لوڙهو ڏيئي ان مان اچ وڃ بند ڪري ڇڏي هئي. هاڻ جڏهن جرمني وري گڏجي سڄي هڪڙو وڏو ملڪ ٿي ويئي آهي تڏهن جرمنيءَ جي جمهوريت جي علمبردار سرمائيدار حاڪمن يکي ملڪ کي ئي لوڙهو ڏيئي ان کي دنيا کان ڪاٽي الڳ ڪري ڇڏيو آهي!

ڪيتري وقت کان جرمنيءَ ۾ ٻاهرين ملڪن جي مزدورن "Guest workers" ۽ اوير يورپ ۾ ايشيا مان آيل پناهه وٺندڙن مٿان هٽلر پرست نازي غنڊن باهه ٻاري ڏني آهي. روز مٿن حملا پيا ڪن ۽ سندن گهر پيا ساڙين. اڳتي هلي ڇا ڪندا، سو ڄاڻڻ لاءِ نجومي هجڻ ضروري ناهي. جرمن جمهوريت دوستن توڙي ٻي سڄي دنيا کي خبر آهي ته نازي ٽائيپ غنڊا ۽ دهشتگرد جڏهن زور وٺندا آهن تڏهن اول پنهنجي اوڙي پاڙي جي ايرن مسڪين ماڻهن جي خبر وٺندا آهن. تنهن ڪانپوءِ ٻي دنيا جي. جنگ عظيم ۾ شڪست ڪائڻ ڪانپوءِ اهي ڇڻ گم ٿي ويا هئا. پوءِ ٿورڙا ٿورڙا ظاهر ٿيا ۽ وڏن ڏينهن تي هٽلر جا فوٽا کڻي پريڊون ڪندا هئا ۽ هٽلري سانگ رچائيندا هئا. ماڻهن کي هو ناٽڪي مسخرا لڳندا هئا. روسي دانهون ڪندا هئا ته ”جرمنيءَ ۾ فاشزم وري پيٽي آسري ۽ ڪنهن ڏينهن اها وري دنيا لاءِ ممڻ مچائيندي.“ ته مغربي ملڪن جي پروپيگنڊا مشينري سندن مذاق

اڏائيندي هئي ۽ چوندي هئي ته "روسي ڪميونسٽ تيليءَ مان ٽنب پيا بنائين. اهي ٻني ڪَل ٽڙيل سرڪس جا مسخرا دليا لاءِ ڪهڙو خطرو پيدا ڪندا؟"

پر هاڻ ڳالهه ٻي ٿي ويئي آهي. اڳي جرمني ڪمزور بلڪ ڪٽ داخل هئي. هينئر اها ڦيل مست اقتصادي طاقت آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ يورپ ۾ ته سندس ڪوبه ثاني شريڪ ڪونهي. جرمن سائنسدان دنيا جا چوٽيءَ جا سائنسدان آهن. ايٽم بم اول جرمن سائنسدانن ئي ته ٺاهڻ شروع ڪيو هوا جرمنيءَ پنهنجي ٽن مکيه تاريخي ويرين يعني انگلينڊ، فرانس ۽ روس مان هڪڙي يعني فرانس سان گهاٽي ياراني رکي ڇڏي آهي. باقي جيڪي سندس ٻه روايتي حريف وڃي رهيا آهن تن مان روس في الحال تباهه ٿي ويو آهي ۽ انگلينڊ جا حال برا آهن. ان ڪري جرمنيءَ لاءِ هاڻي دنيا ۾ پهريون نه ته ٻيو نمبر ايٽمي قوت ۽ دنيا جي سڀ کان وڏي بري قوت بنجڻ ڇڻ ڏائي هٿ جو کيل وڃي رهيو آهي.

جنگ عظيم ۾ شڪست کائڻ کانپوءِ جرمني دنيا جي سياسي اسٽيج تي گهٽي اچ وڃ، نمائش ۽ لئي نٽي ڪري. ان جو سبب اهو ڪونهي ته ڪا اها سياسي طرح لاطمع، تارڪ الدنيا ۽ الله لوڪ درويش بنجي ويئي آهي. پنجابي چوڻي آهي "ميسٽي کائي، مون نه هلائي." "ميسٽي کائيندي آهي چپ نه چورينديي آهي." ان پهاڪي واري ڳالهه وانگر جرمني به جپان وانگر گذريل اڌ صديءَ کان ڇڻ اندر گراؤنڊ هلي ويئي آهي ۽ چپ هٽيو لڪي ويٺي آهي ۽ ماٺ مٺيءَ ۾ پيئي مڇي ۽ مواڙ ٿئي. هاڻ ته هڪيءَ کان ٿي ڦاٽي.

ملڪيت وارن حاڪم طبقن ۽ عام ماڻهن جي سياسي هلت ۾ جيڪو زمين آسمان جو فرق آهي، سو هن ڳالهه مان به ظاهر ٿيندو آهي ته حاڪم ماڻهن، طبقن ۽ قومن جا پاڻ ۾ ڪيڏا به وير هوندا ته به جنهن ڳالهه ۾ سڀني جو گڏيل ڀلو هوندو، تنهن جي مجال آهي جو سڌي يا اڻ سڌي يڪراءِ حمايت نه ڪن ۽ جيڪا ڳالهه سندن گڏيل

نقصان جي سمجهن، تنهن جي مجال آهي جو يڪراءِ مخالفت نہ ڪن.

ٻئي طرف عام پورهيت ۽ غريب مخلوق هميشہ پنهنجي گڏيل فائدي جي ويري آهي. پنهنجي خسيس انفرادي نفعي نقصان خاطر گڏيل فائدي جو ڪنڌ جهوري ڇڏيندا ۽ گڏيل نقصان واري ڳالهہ کي چنبڙيا پيا هوندا. ڪين ٻين ڌارين دشمن جي ضرورت ئي ڪانهي. سندن گڏيل فائدي جي ڳالهين، ڪمن ۽ ڪم جهڙن ماڻهن کي ناڪام بنائڻ لاءِ سندن گهر جا ڇڙواڳ، ساڙ سڙيل ۽ ڌارين جا دادلا بنايل ريزالا ئي ڪافي هوندا آهن. رهيل ڪهيل ڪسر دشمن جا پاليل شعوري ڇاڙتا پوري ڪري ڇڏيندا آهن.

جيئن پهرين جنگ عظيم جي پيانڪ شڪست ڪانپوءِ جرمنيءَ ”ويمر جمهوريت“ جي ڇتيءَ هيٺ اشراف بنجي ٻي جنگ عظيم جي تياري ڪئي هئي. تيئن ٻي جنگ عظيم ۾ هارائڻ ڪانپوءِ جرمني سياسي طرح دنيا جي نظرن کان ڄڻ روپوش ٿيو وئي آهي. ان ڳالهہ کي سيني سمجهو جرمن سمجهيو آهي ۽ چپ چاپ پنهنجي انهيءَ قومي روش جي حمايت ۾ لڳا پيا آهن. ٻاهر ڪابہ ڳالهہ ڪانهي. اندر ڪابہ ڪسر رهيل ڪانهي.

ڇٽن سالن جي ڳالهہ آهي. بهار جي موسم جي هڪڙي ڏينهن هڪڙي ڳري بئگ هٿ ۾ ڪري ۽ هڪڙو ڳرو تيلهو ڪلهي ۾ لتڪائي، فجر مهل ريل ۾ وڃي چڙهيس. الائي ڪيتري زماني ڪانپوءِ ريل ۾ چڙهيو هوس. ريل گاڏي بہ عجيب شيءِ آهي. هڪڙي هزار داستان بلبل وانگر هر مسافر کي هزارين الڳ الڳ ٻولين ۾ داستان ٻڌائي ٿي. سڀ کان وڏيڪ رهاڻيون اها ريل کان جيل ۽ جيل کان ريل ويندڙ مسافرن سان ڪندي آهي. ٻي. ٻيءَ ۽ ضياءَ دور جي ساڙيندڙ اونهارن ۽ ٿڪري سيارن ۾ سکر ۽ خيرپور جيلن کان ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ڪورٽن ڏانهن سفر ڪندڙ غدار سنڌي وڏيرا شاهيءَ جي عتاب ۽ لانگ بوٽن جي چيڀاٽ هيٺ آيل اسان جهڙن ڪاري ٽوپي ۽ ”ڊانڊرس“ (Dangerous)

قيدين لاءِ ريل رڳو ريل تہ نہ هئي! هوءَ اها مهربان ۽ شفيق هستي هئي جيڪا قيديءَ کي جڙ هٽ کان وٺي جبر ۽ اوپرائيءَ جي جهنم مان ٻاهر ڪڍي ڪن پل جي مختصر آزاديءَ ۽ پنهنجائيءَ جي بهشت تائين پهچائيندي ۽ محبوبن سان ملائيندي هئي.

مون ٻاهر نظر ڪئي تہ ائين لڳو ڄڻ ڪنهن سئنيما ۾ اچي ويٺو آهيان ۽ درين کان ٻاهر مختلف بدلجندڙ اسٽيجن تي ساڳئي وقت ڪئين رومانوي فلمون گڏ پيون هلن! مون کي لڳو تہ هي منظر مون اڳ ڏٺا آهن. هڪ دفعو بہ نہ، سوين دفعا! دنيا جي عظيم ترين شاهڪار ناولن ۾! اهي ساڳيا ساوا ڇهڇ وڻ، گاهہ، ننڍڙا ننڍڙا پاڻيءَ جا چشما، نظر جي حد تائين ساوڪ ۽ خوبصورتي جا سوين منظر هئا. ريل گاڏي جنهن علائقي مان پئي لنگهي تنهنجي وک وک تي هزارين سالن جي تاريخ جي رنگين ۽ نرالن ڪردارن جي سوچن جا خاموش پڙاڏا ۽ ڪارنامن جا يادگار هئا.

اسين شارليمن، جون آف آرڪ، روسو، بالزاڪ، والٽيئر، ڊڊرا، ڊانٽن، رابسپيئر، نيپولين، "ٻن شهرن جي ڪهاڻي"، مدام بو واري، "بيباڪ ڪهاڻيون" جي سرزمين مان پئي لنگهياسون. آئون پئرس کان ڙرين ۾ چڙهيو هوس ۽ برلن پئي ويس. تاريخ جي ڏنڊلن پاڇن ۾ ملندي هلندي الائي ڪيڏي مهل ڪنهن چيو "جرمني اچي ويئي" مون نمور سان ٻاهر ڏٺو، ها منظر ڪجهہ بدليل هو. ہ پهر اچي ٿيا هئا ۽ ئون جرمنيءَ بابت سوچڻ لڳس، جيڪا عظيم مذهبي سڌارڪ مارٽن يودر، عظيم موسيقار بيٿوون، عظيم فلسفي هيگل، انقلابي عالمن دانائن ارڪس ۽ اينجلس، جابر حاڪمن، فولادي شهزادي، بِسمارڪ ۽ پيدرڪ اعظم ۽ خوني درندي هٽلر آمر جهڙن ماڻهن جو وطن هئي.

پاسي ۾ ويٺل بيٺر پئيندڙ نهايت خوبصورت نوجوان الائي ڇا چيو. ٻولي نہ انگريزي هئي نہ فرينچ. دل جي دوڙ مان سمجهيم تہ رمن هوندي. انگريزي ۾ چيو مانس "مونکي جرمن نٿي اچي."

چيائين، ”توکي انگريزي اچي ٿي! شاندار!“ معلوم ٿيو ته ڪافي انگريزي ڳالهائي سگهيو ٿي. حال احوال ٿيا. مون دستور موجب ڪائنس سندس پنهنجا، سندس خاندان جا، سندس ملڪ جا حال احوال پڇيا. خوش هو. سندس محبوبه ڪيس اسٽيشن تي وٺڻ لاءِ اچڻ واري هئي. سٺو روزگار هوس، سندس پيءُ جي فرم جو نمائندو ٿي انگلينڊ ويٺوهوس. ان لاءِ انگريزي پڙهي سگهيو.جلدئي پاڻ ۾ گهرا ٿي وياسون. سياست جون ڳالهيون نڪتيون. ذهين ۽ باخبر ٿي لڳو. ڳالهيون ڪندي ڪندي مون چيو، ”توهان يورپي تاريخ جا ظالم توڙي مظلوم ڪردار آهيو. توهان تي رومي سلطنت کي تباهه ڪرڻ جو ٺڪر ڀڳل آهي. يورپ ۾ مذهبي جنگين ۾ مرڪزي ڪردار توهان ادا ڪيو. سڀ يورپي طاقتون توهان کان ڏڃن ٿيون ۽ موقعو ملين ٿو ته هٿيو تومان کي تباهه ڪريو ٽڪرا ٽڪرا ڪريو ڇڏين. هٽلر ۽ نازين توهان کي سڄي دنيا ۾ بدنام ڪري ڇڏيو. هاڻ شڪر آهي. امن ٿي ويو آهي، سڀ لڙ لهي ويا آهن، اوهين وري مچي مڙس ٿي ويا آهيو. هاڻ مڙس ماڻهو ٿجو. اهو خيال رکجو ته وري ڪو ممڻ نه مچي. امن آهي ته سڀ ڪجهه آهي.“ هن بي صبريءَ سان چيو ”هڪڙو منٽ!. امن پلي ٿئي پر ڪجهه دير ڪان پوءِ!“

مون چيو ”ڪڏهن؟“

چيائين ”هڪڙي ٻي جنگ کان پوءِ!“

مون حيران ٿي سندس سدا ملوڪ چهري ۾ نهاريو. هو بلڪل سنجيدو هو. چيائين ”مونکي توهان جي جذبن جي خبر آهي ۽ انهن لاءِ احترام آهي پر هڪڙي ٻي جنگ ٿيڻي آهي.“

”ڇو؟“

”جرمنيءَ سان ٿيل تاريخي زيادتين جي تلافيءَ لاءِ“

”وري ٽين جنگ عظيم مچائيندؤ؟!“

”جنگ عظيم نه. رڳو هڪڙي ننڍڙي سٺي سهڻي جنگ! جرمن

جي ڏيءُ“ جي نالي سان سڏيندو آهيان. رٽائرڊ جنرل مٺا جي ڌيءُ آهي. ان ڳالهه تي هوءَ چڙندي آهي ۽ چوندي آهي ته ”ڇا آئون رڳو ڪنهن جنرل جي ڌي آهيان ٻيو ڪجهه به نه؟) هينئر حڪم جاري ڪري ۽ ڪتان عابده جي ائڊريس هٿ ڪري ۽ عابده شهر ۾ هجي ته هينئر ئي ملي سگهجي ٿو! ”سچ؟ ته پوءِ پلا نويد ۽ ڊورا ۽ ٻين دوستن کي چو نه وٺي هلون! سڀ ڪيڏو خوش ٿيندا عابده سان ملي!“

عابده ۽ غلام حسين دلبر ماڻهو. سچي راڄ کي ماني ڪارائي ۽ ڳائي وڄائي سڄي رات مهمانن جي لڏي جي دل خوش ڪيائون. وچڻ کان ٿورو اڳ عابده ڊورا جي ڇهري ۾ ۽ سندس يوپيءُ واري لباس ۾ نهاري مون کان پڇيو، ”هي ڀيڻ ڪير آهي؟“ مون چيو ”هيءُ جرمن فوج آهي ۽ مظلوم سنڌي قوم جي مدد لاءِ آئي آهي.“ هوءَ حيران ٿي ويئي، مون ڊورا کي انگريزيءَ ۾ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽ چيو مانس ”صحيح آهي نه؟“ انگريزيءَ بدران ولايتي اردو ۾ چيائين ”صرف جرمن فوج نهين عوامي جرمن فوج.“

آئون سدا ملوڪ ڊورا کي چرچي ۾ ”مظلومن جي مددگار جرمن فوج“ سڏيندو آهيان. هوءَ مونکي پهرين پهرين لنڊن ۾ ملي. اي اين پي لنڊن جي سيڪريٽري نويد جي محبوبه هئي، ۽ اسيڪس يونيورسٽي ۾ پي ايڇ ڊي پئي ڪيائين. منهنجو ان يونيورسٽي ۾ ”عوامي جدوجهد ۾ هارين جو ڪردار“ جي موضوع تي ليڪچر رکيل هو، هن ان موضوع تي ريسرچ پئي ڪئي، اڻاهم مواد گڏ ڪريو ويئي هئي. خوب بحث ٿيا. هاڻ نويد سان شادي ڪريو، پٽ ڄڻيو. اسلام آباد ۾ ويئي آهي. نويد جمعيت اقوام جي ملازمت ۾ آفريڪا ۾ هو. اڄڪلهه بوسينا ۾ آهي.

پاڻ هتي انگريزي سينٽر ۾ ڪم ڪري ٿي. تنهن ڏينهن فرزانه چيو ”ڊورا ته پاڪستاني بيگم بڻي ويئي آهي. چئو ته ڪر يورپ هن اکين ڪوله ڏٺو آهي!“

قوم سان انصاف ڪرڻ جي پياري پياري جنگ.“

مو: ڪي لڳو منهنجي پاسي ۾ ماڻهو نہ پر درندو ويٺو آهي. برلن جي انڊر گرائونڊ ٽرين ۾ سفر ڪندي مون پنهنجي ميزبان ساٿين جيڪب آباد جي سنڌي يار (نالو وسري ويو آهي) ۽ ٻين سنڌي دوستن کي چيو ”هي پاڻ ۾ نهارين تہ نٿا چڻ لٺ هٿيو ڪيئن“ چيائون ”هي آهن ئي اهڙا“ جيڪب آبادي هندو يار گهر هلي مائي ڪائڻ جي دعوت ڏيندي چيو ”منهنجي زال توهان سان ملڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ لاءِ ڏاڍي بيچين آهي“ مانيءَ تي مائيءَ چيو ”مون تنهنجي ڳالهہ ٻڌي چيو تہ توهان ماڻهن کي خبردار ڪريان تہ اسان جرمن جي ٻاهرين مِٺ مِٺ تي متان لڳوا سوٽ ۽ فوجي هيڊ ڪوارٽرن ۾ اندر سڀ پراڻا يا نوان نازي ويٺا آهن، جيڪي ٽي جنگ عظيم جون ۽ توهان ۽ اسان سڀني کي غلام بنائڻ جون تياريون پيا ڪن. اسين جرمن شيطان آهيون، اسين انتقام لاءِ سئو سال بہ انتظار ڪري سگهون ٿا. انتظار ۽ ڳجهہ ڳوهہ ۾ تياري!“ پوءِ ڪٿين ڪاغذ ڪٺي آئي ”هي انگ اکر پڙهو! هي ڏسو! هي آهي هتن جو حال. سڀ دوکو، سڀ فريب، سڀ ٻاهران اشراف جمهوريت پسند ۽ اندر ۾ فاشي ڪتا ۽ درندا. اسان جي قوم تي اعتبار متان ڪريو! متان ڪريو! متان ڪريو!“

اها ڳالهہ مون هوسٽن، آمريڪا ۾ گيزلا کي ٻڌائي جيڪا منهنجي دوست نذير ملتاني جي جرمن زال آهي. چيائين ”سئو فيصد صحيح!“

گذريل سال اسلام آباد هٽاسين تہ عابده پروين جي ڳائڻ جي ڳالهہ نڪتي، يميما متا جيڪا اڳي صحافي هئي ۽ پوءِ آڪسفورڊ انگلينڊ ۾ پڙهڻ ويئي ۽ اتي اي اين پي جي سيڪريٽري تي ڪم ڪندي هئي ۽ هاڻ آڪسفام جي پاڪستان ۾ ڊائريڪٽر آهي تنهن چيو ”مون کي عابده ڏاڍو وڻندي آهي، ڪڏهن ان سان ملايو نہ!“ مون چيو ”اها ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ جنرلس ڊاٽر (آئون ڪيس ان نالي سان يعني ”جنرل

اڳئين دفعي اسلام آباد ويس تہ پڇيومانس "ڊورا سچ ٻڌائي!
تون ڇا ٿي سمجهين؟ هاڻ جڏهن تنهنجي جرمني وري متحد ٿي ويئي
آهي ۽ هيڏي طاقتور ٿي ويئي آهي تڏهن ان ۾ وري ڪو ٻيو هٽلر پيدا
ٿي سگهي ٿو ۽ وري ڪا نازي تحريڪ جرمنيءَ کي باهہ ۽ خون ۾
غرق ڪري سگهي ٿي؟"

هن جو قربائتو ۽ خوبصورت چهرو نهايت اداس ٿي ويو.
سوچي سوچي پنهنجي مخصوص جرمن لهجي واري انگريزيءَ ۾ جڻ پاڻ
کي ڏوهاري سمجهندي چيائين "پليجا صاحب! مونکي ڪا خبر ڪانهي
تہ اسان جي بدنصيب جرمن قوم جي ڇسڪي فطرت. اسان جي تاريخ جي
روايتن جو بي لغام گهوڙو ۽ اسان جا حڪمران طبقا هاڻ اسان کي
ڪهڙي پاسي وٺي وڃڻ وارا آهن."

”ڪائنات ابتڙ مان تهيل آهي“

هڪڙي پاسي ڪائنات جون سڀ ڳالهيون ۽ شيون پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. ٻئي پاسي ان جي هر شيءِ ۽ ڳالهہ ۾ تضاد آهي. هر شيءِ ۽ ڳالهہ پاڻ ۾ جهڙو ڪنڌڙ ابتڙ ان جي جو ميلاپ آهي.اهو ابتڙ ۽ هيڪڙائيءَ جو رشتو هڪڙي ئي زماني ۾ موجود شين ۽ ڳالهين جي وچ ۾ بہ آهي تہ مختلف زمانن جي شين ۽ ڳالهين جي وچ ۾ بہ آهي.

ڳالهين مان ڳالهيون نڪرن ٿيون ۽ ڏيئن مان ڏيئا ٻرن ٿا. اڄ اسين ايترا قابل ان ڪري آهيون ڇو اسان ڪان اڳيان اسان ڪي عقل ۽ ڏاهپ جو صدين جو خزانو ڏئي ويا.

دنيا جي ديو جيڏي رياضيدان، فلسفي، سائنسدان سر آئزڪ نيوٽن ان ڪري ئي چيو هو، ”جيڪڏهن منهنجي نظر ٻين ڪان پري پهتي ي تہ اهو تڏهن ٿيو آهي جڏهن آئون ديو جيڏن ماڻهن جي ڪلهن تي چڙهيو بيٺو آهيان.“

شين ۽ ڳالهين جا ڪيئن پاسا آهن، هڪڙو ڪونهي. بدقسمت آهن اهي ماڻهو ۽ قومون جيڪي ڳالهين جي فقط هڪڙي اڌ پاسي تي ڳنڍ ٻڌيو ويهيو رهن ۽ جيڪي حقيقت جي باطن بدران رڳو ان جي ظاهري ڏيک ۾ گم ٿيو وڃن ٿا.

”مئي هاٿي سين مامرو، اڇي پيو انڌن“ واري ڳالهہ وانگر ڪنهن انڌي جو هاٿي جي ڪن تي هٿ لڳو تہ ان چيو تہ ”هاٿي سپ جهڙو آهي“ جنهن جو هاٿيءَ جي ٽنگ تي هٿ لڳو تنهن چيو تہ ”هاٿي ٿنڀي جهڙو آهي“ جنهن جو هاٿيءَ جي پڇ تي هٿ لڳو تنهن چيو تہ ”هاٿي لوڙ جهڙو آهي“. منجهائن ڪنهن کي بہ سماء ڪونہ پيو تہ هاٿي اهو سڀڪجهہ بہ آهي ۽ ان ڪانسواءِ انهن سڀني کان هڪڙي نرالي شيءِ بہ آهي. زندگيءَ جا ڪيئن ذاتي ۽ قومي مامرا اهڙا آهن جن تي

ڳوڙهي سوچ ۽ ويچار جي ضرورت آهي ۽ وڏي سوچ ۽ غور سان انهن جا حل ڳولي لهڻا آهن. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن اسان پنهنجي وهمن جڏين، ذاتي مفادن ۽ دوستي ۽ دشمني جي خيالن کان بالاتر ٿي نيڪ نيتي، ڏاهپ ۽ خالص عقل تجربي سائنسي ڇاڻ ۽ سان مسئلن جي تپاس ۽ اختلافي ڳالهين جو نبيرو ڪنداسين. رومي جوليس سيزر چيو آهي ته، "جيڪي ماڻهو اختلافي مسئلن تي غور ڪندا هجن، تن کي نفرت، سنگت، ڪاوڙ ۽ رحم کان بالاتر هجڻ گهرجي." اها ڳالهه هن اڄ کان ٢٠ صديون اڳ ڪئي هئي.

اسين جنهن زماني ۾ رهون ٿا. سو اڄ يعني ٦ نومبر ١٩٩٢ع به آهي ۽ ١٩٩٢ع جو سڄو سال به اسان جو زمانو آهي. دراصل اسين جڏهن کان ڄاوا هئاسين تڏهن کان وٺي دنيا ۾ جيڪو به ٿيو اسين ان کي پاڻ سان واسطيدار سمجهي سگهون ٿا ۽ پڻ اهو زمانو جنهن ۾ اسان جي ابن ڏاڏن ۽ انهن جي ابن ڏاڏن هن دنيا ۾ زندگي گذاري، محبتون ۽ نفرتون ڪيون، ڪتيو، ڪمايو، وڃايو، سٺو ۽ لوڙيو، جوڙيو ۽ ماڻيو ۽ پنهنجو سڀ ڪجهه اسان لاءِ ڇڏي ائين هليا ويا جيئن سياڻي اسان پنهنجو سڀ ڪجهه پنهنجي پوين لاءِ ڇڏي هليا وينداسين. جيڪڏهن اسان جا پويان اهڙا عقل جا وير ٿين جو اسان جي دؤر بابت چون ته ان سان اسان جو واسطو ڪونهي، اسان جو دؤر الڳ آهي ۽ اسان جي دور جي هر ڳالهه ان ڪري ردي‌ءَ جي ٽوڪري ۾ اڇلائي ڇڏين، ڇاڪاڻ جو اهي ڳالهيون سندن ڇيل ناهن ته پوءِ اهي اهڙا بي عقل ٿيندا، جهڙا اسين ٿينداسين، جيڪڏهن اسين پنهنجي وڏن جي ڳالهين کي ائين چئي ردي‌ءَ جي ٽوڪريءَ ۾ اڇلائي ڇڏيون، "ته اهي اسان جون ناهن، اسان جو انهن سان ڪهڙو واسطو؟"

۽ تنهن پوءِ اسان جا وڏا ڪير آهن؟ اسين ڪنهن کي پنهنجو وڏو ليکي سگهون ٿا؟ ڇا اسان جا وڏا فقط اهي آهن جيڪي نسلي طرح اسان جي ذات يا قبيلي جا آهن؟ پر ذاتيون ۽ قبيلا ته ڪلهه شروع ٿيا!

ان کان اڳ اسان جا وڏا ڪير هئا؟ ڪي ته هوندا توڙي جو اسان کي انهن جو نالو نشان به معلوم نه هجي. انهن جي جاچ ڪرڻ سان به جي سندن ڪو ڏس نه ملي ته پوءِ؟

اهي ته ٿيا اسان نسلي وڏا. پر اسان جا عقلي وڏا، روحاني وڏا ۽ ذهني وڏا به نه ڪي آهن! اهي ڪير؟ فقط اهي جيڪي اسان جي قبيلي يا قوم جا يا اسان جي صوبي يا ملڪ جا هجن؟

اڄ کان ٢٢ صديون اڳ رومي ناٽڪ نويس ٽيرنيس لکيو هو ته، "آئون انسان آهيان، ان ڪري ڪوبه انسان مون لاءِ ڌاريو ڪونهي ۽ ڪابه انساني ڳالهه مون لاءِ پرائي ڪانهي." اها ڳالهه ٻين به ڪيترن ڏاهن پنهنجي پنهنجي نموني ڪئي آهي ۽ صحيح ڳالهه آهي به اها.

سيني انسانن جون سڀ ڳالهيون اسان سان واسطو رکن ٿيون. شيخ سعديءَ چيو هو "بني آدم اعضائي يڪ ديگرند." "آدم جو اولاد هڪٻئي جا بازو آهن." اها ڳالهه صحيح آهي، نه رڳو جسماني طرح پر ان کان به وڌيڪ ذهني ۽ روحاني طرح به. جڏهن کان انسان سوچڻ ۽ پنهنجي سوچن کي رڪارڊ ڪرڻ شروع ڪيو آهي تڏهن کان وٺي دنيا جي نيڪ ڏاهن ۽ همٿ وارن ماڻهن جيڪي سوچيو لوچيو ۽ ڪيو آهي سو سڀ اسانجي ۽ اسان جي پوين جي ۽ انهن جي پوين جي گڏيل ميراث آهي. تنهن ڪري اسان جي ڄاڻ، سمجهه ۽ شعور جو دائرو ڌرتي جي ڇهن ئي ڪنڊن ۾ رهندڙ ۽ سموري انساني تاريخ جي سمورين اڻ ڳڻين صدين دوران رهندڙ سمورن نيڪ، ڏاهن ۽ مڙس ماڻهن جي سوچن ۽ عملن تائين پکڙيل هئڻ کپي، تڏهن ئي اسين ذهني ۽ فڪري طرح گهر جا گلو ٿيڻ بند ڪنداسين ۽ صحيح معنيٰ ۾ دنيا جا اهڙا شهري بنباسين جهڙا ارسطو، بوعلي سينا، نيوٽن، گليلو، لطيف ۽ ٻيا سوين هزارين ماڻهو هئا.

ڌرتيءَ جي جنهن لڪري تي زماني جي ڪنهن به دور ۾ ڪهڙي به رنگ، نسل، قوميت ۽ مذهب جي ماڻهن ڪابه دانائيءَ جي

ڳالهہ ۽ ڪابہ انساني ڀلائيءَ جي سوچ ۽ عمل ڪيو آهي سا اسان جي ميراث آهي. ائين سمجهڻ ۽ ڪرڻ سان اسان وٽ گهڻ پاسائين چاڻ ۽ گهري سمجهہ پيدا ٿيندي ۽ اسين لڪير جي فقير ٿيڻ کان بچي پونداسين.

خوش قسمتيءَ سان جتي دنيا جي علم ۽ سمجهہ جا اٿاهہ خزانا تاريخ جي ستم ظريفيءَ سبب گم يا ضايع ٿي ويا آهن، اتي انهن مان گهڻو ڪجهہ بچي بہ ويو آهي، ۽ اسين جي خفتي ۽ جاکوڙي ٿي انهن جي پويان پئون تہ اسين انهن خزانن جا مالڪ بہ ٿي سگهون ٿا. اهي خزانا مختصر قولن جي مجموعن جي سورت ۾ بہ آهن ۽ تفصيلي تحريري مضمونن جي صورت ۾ بہ آهن. ڪنهن بہ موضوع کي ڪتبو ۽ مختلف قومن ۽ دورن جي ڏاهن جا ان موضوع بابت خيال معلوم ڪبا تہ ڳالهہ جا ايترا پاسا ۽ ڪندون معلوم ٿينديون جو ماڻهو حڻ تہ ڪن پل ۾ ان موضوع بابت سڄي جهان جي ڏاهپ جو ڏاٽي ٿي ويندو.

ايندڙ ڳالهين ٻولهين ۾ اسين وقت بوقت مختلف موضوعن جي ڪئين مختلف پاسن بابت دنيا جي مختلف قومن، ملڪن ۽ تاريخ جي مختلف زمانن ۾ رهندڙ ڏاهن جا ويچار پنهنجي وطن جي ماڻهن اڳيان سندن لطف، چاڻ، سوچ ۽ ويچار ۽ سمجهہ پرائڻ، پنهنجي علمن ۽ سوچن جي رهبري ڪرڻ لاءِ پيش ڪندا رهنداسين.

••

•

اصل لانگ مارچ!

پاڪستان پريس ۾ اڄ ڪلهه لانگ مارچ جو تمام گهڻو ذڪر آهي. اصل لانگ مارچ اڄ کان اڌ صدي اڳ چين ۾ مائوزيتنگ جي اڳواڻي هيٺ 15 آڪٽوبر 1934ع تي شروع ٿي هئي. لانگ مارچ جو ڪارڻ اهو هو جو ڏکڻ چين ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي قائم ڪيل راڄ کي چيانگ ڪائي شيڪ هڪٻئي پٺيان پنج گهيرا وڌا هئا ۽ پارٽيءَ جي نئين چونڊيل قيادت جي غلط حڪمت عمليءَ جي ڪري آخري ٻه گهيرا سخت نقصان رسائيندڙ ثابت ٿيا هئا ۽ پارٽيءَ فيصلو ڪيو ته ڏکڻ مان مارچ ڪري اتر چين ۾ جپاني حملي آورن خلاف گوريلا جنگ ڪجي. پر غدار چيانگ ڪائي شيڪ کين ان قومي لڙائي تي وڃڻ ٻه نه ڏنو ۽ کين تباهه ڪرڻ لاءِ لکين فوجون وٺي سندن پويان پئجي ويو.

اها لانگ مارچ انساني تاريخ ۾ توڙي دنيا جي جنگي تاريخ ۾ بيحد نرالي ۽ بي مثال ليکي ويئي آهي. ان ۾ چيني عوام، عوامي ڪارڪنن، عوامي فوج ۽عوامي اڳواڻن جنهن بي مثال دليري، دانائي، سهپ، ثابت قدمي ۽ سورهيائيءَ جا معجزا ڏيکا' تنهن جهڙا مثال دنيا جي تاريخ ۾ ڪي ورلا ملي سگهندا.

هن لانگ مارچ دنيا جي ڇهن ئي کنڊن جي انقلابي مردن، عورتن بلڪ ٻارن ۽ ٻڍن جي دلين تي پنهنجا نقش قائم ڪيا ۽ کين اهو سبق سيکاريو ته پنهنجي هيڻائيءَ مان طاقت ڪيئن ٺاهجي ۽ شڪستن کي همت ۽ مڙسيءَ سان ڪيئن فتحن ۾ تبديل ڪجي. هيءَ لانگ مارچ هن ڌرتيءَ تي انساني عظمت جي داستان جو اهڙو رنگين ۽ روشن باب آهي جنهن مان نسلن جا نسل پنهنجون تقديرون بدلائڻ جي ويڙهين ۾ نت نوان جوش ۽ جذبا، همتون ۽ حوصلا ۽ سوڀ جو اعتماد ۽ يقين حاصل ڪندا رهندا. پورا ويهه سال اڳ 1972ع ۾ مون پنهنجي ڪتاب

"مائوزي تونگ" ۾ "لانگ مارچ" جي عنوان سان ان تاريخي ۽ تاريخ ساز لانگ مارچ جو مختصر احوال لکيو هو. اهو ڪتاب عوامي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو، حيدرآباد ۽ ٻين ڪتابن جي دوڪانن تان ملي ٿو. ان مان ان لانگ مارچ جو مڪمل تاريخي پس منظر ۽ ان جا نتيجا معلوم ٿين ٿا. اچوڪي صحبت ۾ اسين هيٺ پڙهندڙن جي خدمت ۾ ان لانگ مارچ جو اهو احوال پيش ڪريون ٿا.

لانگ مارچ!

سڏائـتـي سيـڪا، ٻُـڪ نـہ ٻاسي ڪـا،
جيهيءَ تيهيءَ ذات جي، جنبش ڪانهي جاءِ،
مون سين هـلـي سـا، جا جيءُ مٺو نـہ ڪري!
(شاهه)

ٿڪيائي ٿر ٿيلهه، چڪيائي چڙهه چوٽين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، ٻَوَ مڙيـئي ٻيـل،
آئي رائـو ريـل، ويـٺـي تـان واري وري!
(شاهه)

15- آڪٽوبر تي ڪوچ شروع ٿيو. انقلابي فوج ۾ ڪل هڪ لک ماڻهو هئا. جن مان 85 هزار سپاهي ۽ 15 هزار پارٽي ۽ حڪومت جا ڪارڪن هئا. اتندي ئي شين فينگ شهر وٽ سندن ڪومنتانگ جي فوجن سان جهڙپون ٿيون. پر انقلابي فوج گوهيون ڏيئي پاڻ بچائيندي ڪوان تنگ صوبي جو اتريون چيڙو ۽ ڏاکڻو چيڙو ڏيئي اڳتي وڌي. تان جو اچي ڪوانگ سي صوبي جي اتر ۾ شيانگ نديءَ جي ڪناري تي پهتي ۽ ندي پار ڪيائين. ندي پار ڪرڻ مهل دشمن مٿن سخت گوليبازي ڪئي، جنهن ڪري پار اڪرڻ ۾ کين سڄو هفتو لڳي ويو. انهيءَ وچ ۾ دشمن جي گوليبازيءَ انقلابي فوج جون پٽيون ڪڍي ڇڏيون. ڊسمبر ۾ باقي بچيل انقلابي فوج "ڪوي چائو" صوبي جي وچ

۾ ”وُو“ نديءَ کي پار ڪيو. ”وُو“ نديءَ کي پار ڪرڻ ۾ انقلابي فوج، خاص ڪري سندس اڳواڻ دستن بهادريءَ ۽ سر صدقو ڪرڻ جا لاثاني ڪارناما ڪيا. هوڏانهن دشمن باهه جا الا پئي وسايا ته هيڏانهن هي سورهيه دستا تختن تي چڙهي ترندا، ٽٻيا، رت ڳاڙيندا وڌندا رهيا. ڪيترا سرويچ ٽٻجي ساٿا ٿي درياهه ۾ ڪري غرق ٿي ويا. پر ٻيا درياهه جي پار پهچي ويا. درياهه جي پرينءَ پر هڪ پهاڙي چوٽي هئي. ان مٿان دشمن جا مضبوط مورچا ٺهيل هئا جن مان انقلابي فوج تي سخت توب زني پئي ڪيائون. جيڪي انقلابي سورما پراڙ پهتا سي هڪدم رسين جون ڏاڪڻون لڳائي ان جوٽيءَ تي چڙهي ويا ۽ وجي توب زني ڪندڙ دستن تي ڪڙڪيا. دشمن سان سنگينن جي دوبدو لڙائي ڪري کين ختم ڪيائون ۽ چوٽيءَ تي قبضو ڪري ورتائون. ان کان پوءِ سڄي انقلابي فوج آسانيءَ سان درياهه پار اڪري جلدئي پر واري سون يي شهر تي قبضو ڪيو.

سون يي ڪانفرنس

جنوريءَ جي پهرين هفتي ۾ ان شهر ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ جي سياسي معاملن واري بيورو جي ڪانفرنس ٿي. مرڪزي ڪميٽيءَ جا ميمبر توڙي ٻيا پارٽي ۽ فوج جا ڪارڪن چٽين اکين سان ڏسي چڪا هئا ته جيڪي اڀهرائي ۽ خام خياليءَ واريون پاليسيون گذريل اٺن سالن کان پارٽيءَ تي ڇانيل هيون سي ڪيتريون نه نقصانڪار ۽ ناڪام ثابت ٿيون هيون. تنهن ڪري ماسڪو مان انقلابي امتحان پاس ڪري آيل اڀهري شهري نوجوان انقلابيءَ پوڪوءَ کي مرڪزي ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل جي عهدي تان لاٿو ويو ۽ مائوزي تنگ کي مرڪزي ڪميٽيءَ جي سياسي معاملن جي بيورو جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪجهه سال اڳ ڪيانگسيءَ ۾ باقاعده انقلابي حڪومت قائم ڪئي هئي. انقلابي فوج پاڻ سان انهيءَ حڪومت

جو ڳرو ساز و سامان ڪنيو پئي هليو. الهيءَ ڪري فوج کي سفر ۾ ڏکيائي ٿي ٿئي. تنهن ڪري سن ٻي ڪانفرنس ڪانپوءِ مائو اهو فتو ڪرائي ڇڏيو. ڪوي چائو صوبي جي پرسان شي چان صوبو آهي. شي چان جي صوبي ۾ انقلابي اڏو هو. جنهن جو اڳواڻ چانگ ڪوتاؤ هو. ان اڏي ۾ انقلابي فوج جي چوٿين محاذ واري فوج منزل ڪريو ويٺي هئي. مائو ان سان ملڻ لاءِ اڳتي وڌيو. چيانگ ڪائي شيڪ کي اها خبر پئجي ويئي. تنهن اتي جي مڪاني جنگي سردارن کي لکي موڪليو ته، ”پنهنجون فوجون تيار رکو.“ هتان پنهنجي فوج به ڏياري موڪليائين. دشمن جي ٻنهي فوجن گڏجي مائو ۽ چيانگ ڪوتاؤ جي فوجن تي ڌار ڌار حملا ڪيا. مائو پنهنجي انهيءَ اصول تي عمل ڪيو ته ”جڏهن طاقتور دشمن پيڇو ڪري تڏهن گوهيون ڏيو!“ سو تمام وڏو چڪر ڪاٽي لوشان جبل جي لڪ وٽ ڪوئي چائو صوبي جي جنگي سردار وانگ پيالين تي پٺيان وڃي ڪڙڪيو ۽ کيس سخت شڪست ڏنائين. ان فتح ڪانپوءِ هو سڌو شي چان صوبي ۾ داخل ٿي سگهيو ٿي ۽ چيانگ ڪوتاؤ جي فوج سان ملي سگهيو ٿي.پر سڌي گس تي دشمن جا مضبوط مورچا هئا. تنهن ڪري هو سڌو گس ڇڏي وري سون ٻي ڏانهن موٽيو ۽ ”وو“ ندي واپس پار ڪيائين. اتان سڌو شي چان وڃي ها ته واٽ تي ”ڪيويانگ“ جو شهر ٿي آيس، هن ڪيويانگ ڏانهن ويندڙ واٽ ورتي. چيانگ ڪائي شيڪ اها خبر ٻڌي پنهنجي سر پاڻ اچي ڪيويانگ شهر ۾ منزل ڪئي ۽ واٽ جهلي ويهي رهيو ته انقلابي فوج لنگهي ته مٿن حملو ڪريان. پنهنجي وڌيڪ مضبوطيءَ لاءِ پاسي واري صوبي يونان جي فوج به گهرائي ورتائين. پر مائو کي ته ڪٿي به ڪو سڌو گس وٺڻو ئي ڪونه هو. نڪو کيس ڪيويانگ جهڙي مضبوط مور.ي تي حملو ڪرڻو هو. کيس وچان ئي ٽئين صوبي يونان جي واٽ وٺڻي هئي. پر اتي دشمن جي جيڪا فوج هئي ان مان جند ڪيئن ڇڏائي؟ هن رٿ رٿي ته دشمن کي اڻ ٿين پنيلائجي جو هو يونان صوبي

واري فوج ٻاهر ڪڍي وڃي تہ ان صوبي جو ميدان انقلابي فوج جي لنگهڻ لاءِ خالي ٿئي. ٿيو بہ ائين، چيانگ يونان صوبي واري فوج ڪيويانگ ڏانهن گهرائي ورتي. هوڏانهن اها فوج ڪيويانگ ڏانهن رواني ٿي هيڏانهن مائو ڪيويانگ ڏانهن ويندي ويندي اوچتو وٺي اولهہ طرف يونان صوبي ڏانهن پلٽو کاڌو ۽ سٽ ڏيئي يونان صوبو لتاڙي اڳتي نڪري ويو. ان کانپوءِ وري ڪن منگ جي شهر ڏانهن رخ رکيائين. دشمن سمجهيو تہ هاڻي ڪن منگ تي حملو ٿا ڪن سو ان جي بچاءُ لاءِ هتان هتان فوج گڏ ڪرڻ جي ڀڄ ڊڪ ۾ لڳي ويا. مائو ڪجهہ پنڌ ڪري ڪن منگ ڏانهن مارچ ڪري وري ڦڙتي کائي اتر طرف چينگ دريا ڏانهن منهن ڪيو. انهيءَ سرڪش دريا کي پار ڪرڻ لاءِ ڀهريائين ٿورڙا جانباز روانا ڪيا ويا جيڪي ڪومنتانگ جي پوليس وارن ۽ ڪامورن جو ويس بدلائي ننڍڙين ٻيڙين ۾ چڙهي پراڙ ويا ۽ اُتي ڪومنتانگ جي فوجي چوڪيءَ تي قبضو ڪري باقي فوج جي دريا پار ڪرڻ لاءِ رستو صاف ڪيائون. انهيءَ درياهہ پار ڪرڻ ۾ ڪيترا ڏينهن لڳي ويا. ان کانپوءِ هنن شيچان صوبي جي انقلابي اڏي ڏانهن رخ رکيو.

موت جو وات

هاڻ هو ان خوفناڪ علائقي ۾ داخل ٿيا جنهن کي ”موت جي وات“ وارو علائقو سڏجي ٿو. ان جي هڪڙي طرف گهاٽا گجگاهہ ٻيلا هئا. ٻئي پاسي ٻوائٽيون ڏٽيون هيون تہ ٽئين طرف خوفناڪ جابلو ندي تاتو هئي جنهن جي گجگوڙ ڪوهن ۾ ٻڌبي هئي. ان جي ٻنهي ڪنارن تي اٿانگن لکن وارا هيبتناڪ جبل هئا. چين ملڪ جو اهو ٽڪر انسانن لاءِ ڄڻ اکين ڏٺو موت آهي. اهي ٻيلا، ڏٽيون، ندي ۽ جبل ڄڻ ڪنهن اجگر بلا جون خونخوار ڇاڙيون آهن جن ۾ جيڪو ڦاٿو سو ختم. هي اهو ئي علائقو هو جتي ان کان 75 سال اڳ شيتا ڪائي ٻلجي اچي ڦاٿو هو. هو 1861ع واري زبردست هاري انقلاب جو فاتح هو جنهن شاهي

فوجن جي سپهه سالار کي هر هنڌ ليچو لوايو هو. پر شاهي فوج آخر کين انهيءَ خوفناڪ ڄار ۾ ڦاسائي ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيو هو. چيانگ ڪائي شيڪ سمجهيو ته جيڪو چالاڪ شڪار هيترا سال هر دفعي سندس ڄار مان بچي ويو هو، تنهن جي قدرت آخر مت منجهائي ڪيس هن موت مار ڄار ۾ آڻي ڦاسايو آهي ۽ ڪيس گهر ويٺي شڪار ڏياريو آهي.پر هيءَ ڪا رواجي فوج ڪانه هئي.هيءَ جڳ ڪان نرالي فوج هئي جنهن جي سوچ دنيا ڪان الڳ هئي.

"هي جي آيا هير، سي مون اڳ نه ڏٺا ڪڏهن،
آئون ترسان، هو تکــڙا، پٽ نه لائن پير."
(شاهه)

هن فوج جي هر سپاهيءَ سمجهي سوچي مظلوم عوام سان پنهنجي سر جو سودو ڪري ڇڏيو هو. انهن سرويچ سورمن جون دليون صدين جي سمجهه ۽ صداقت جي جذبي سان روشن هيون، سندن ذهن ۽ دماغ انقلابي ايمان جا فولادي قلعا هئا. سندن اڳواڻي چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جهڙي انقلابي هاءِ ڪمان جي هٿ ۾ هئي جنهن جو ڊسيپلين رُڪ ڪان وڌيڪ سخت هو ۽ انقلابي ارادا پهاڙن ڪان وڌيڪ اڏول هئا. انهي هاءِ ڪمان کين تعليم ۽ تربيت ڏيئي سندن ذهن ۽ روحن کي انقلابي نظريي سان هٿيار بند ڪيو هو. کين هٿيار بند انقلابي جدوجهد جي ڪوريءَ ۾ پچائي ڪندن ڪري ڇڏيو هو. هن وقت سندن سپهه سالار اهو ماڻهو هو، جنهن انقلابي عوام کي اهڙي ته بي مثال جنگي حڪمت عملي ايجاد ڪري ڏني هئي، جنهن جي پيٽ ۾ سڪندر، هيني بال، چنگيز خان، تيمور، وان مول تکي، نيپولين، ڊيوڪ آف ويلنگٽن ۽ ڪيٽل جهڙن جڳ مشهور ۽ هاڪارن جنگي ماهرن ۽ فوجي سپهه سالارن جون حڪمت عمليون ڇڻ ته هيچ هيون. هن اڻ موٽ فوج جا سپاهي هنن مشڪلاتن کي ڏسي ذرو به نه هبڪيا ۽ ڇڻ چٽي رهيا هئا.

جبل ماري جڪ، جو آڏو عجيبن ڪي،
توڙي لڪن لڪ، سڀ لنگهيندي سڪ سينا!

ڏونگر ڏکوين تي تپي ڪنڊين ڪوهه!
تون جي پهڻ پپ جو، ته لڳ به منهنجا لوهه!!
جنهن چوريءَ ۾ چوهه، سا پٿون ٿيندي پير تي!!!

مائوزي تونگ خوفناڪ ۽ موتمار تاتو نديءَ کي پار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انقلابي فوج جهڙي نموني تاتو ندي پار ڪئي تنهن جا داستان ايامن تائين پيا ڳائبا.

درياهه جي پراڙ واري تڙ تي دشمن جو زبردست پهرو هو. انقلابي فوج جي هڪڙي ننڍي دستي دشمن جي اوراڙ واري چوڪيءَ تي قبضو ڪري ورتو ۽ هڪڙي ٻيڙي به هٿ ڪئي. ان ٻيڙيءَ ۾ 18 انقلابي سرويچ پار ويا ۽ جبل جي چوٽيءَ تي ٺهيل دشمن جي مورچي تي اوچتو حملو ڪيائون. ان کي تباهه ڪري فوج جي درياهه پار ڪرڻ لاءِ رستو صاف ڪيائون. پر هيڏي ساري فوج هڪڙي ڏينهن ۾ درياهه پار ڪونه ڪري سگهي ها، ان ۾ ڪيترا ڏينهن لڳي وڃن ها. انهيءَ وچ ۾ دشمن جون زبردست فوجون اچي سهڙن ها. بمبار هوائي جهاز هڪ وک به چرڻ ڪونه ڏين ها. تنهن ڪري مائو فيصلو ڪيو ته اتان نه لنگهجي. اتان سؤ ڏهه ميل پري لوتنگ شهر وٽ درياهه مٿان هڪڙي لٽڪندڙ پل هئي. مائو فيصلو ڪيو ته لوتنگ هلي ان پل تي قبضو ڪري ان تان درياهه پار ڪجي.

انهيءَ وچ ۾ انقلابي فوج جي هڪ ڊويزن فوج پراڙ پهچي چڪي هئي. انهيءَ فوج ۽ اوراڙ ۾ رهيل فوج، ٻنهي کي حڪم ڏنو ويو ته، "درياهه جو ڪنارو ڪنارو ڏيئي جبل جي چوٽين تان مارچ ڪندا ٽن ڏينهن اندر لوتينگ شهر واري پل وٽ پهچو."

وچ ۾ تاتو درياهه مست شينهن وانگر گجيو پئي. ٻنهي پاسن

اوچيون ۽ سوڙهيون ڇپون هيون جن تي پير ڏيندا ٿڙندا ٿاٻڙندا ڪرندا
۽ زخمي ٿيندا انقلابي سپاهي اڳتي وڌندا رهيا. واٽ ۾ ڪيترن هنڌن تي
درياهه مان ڦاٽ ڇڇي نڪتا هئا. انهن جي مٿان هٿرادو پليون ٺاهي انهن
کي پار ڪيو ويو. هر هنڌ دشمن جا دستا کين گهيري ۾ آڻڻ جون
ڪوششون ڪري رهيا هئا ۽ مٿن اوچتا حملا پئي ڪيائون. اڃان انهي
اٺانڪي سفر جا 30 ميل پورا ٿيا ته فوج کي مارچ ڪندي اطلاع مليو
ته، ”دشمن جا ڪٽڪ چئن ئي طرفن کان ڏوڪيندا اچن ۽ جيڪڏهن
کين ٻه ڏينهن پيا ٻه واٽ ۾ لڳا ته هن خوفناڪ موت جي ڪوڙڪيءَ ۾
ڦاسي پوندا.“ تنهن ڪري فوج کي حڪم مليو ته، ”باقي رهيل سفر
24 ڪلاڪن اندر پورو ڪن.“ ٻئي ڏينهن شام تائين دشمن جا اڳواڻ
دستا به اچي پهتا. پل تي پهچڻ لاءِ مقرر ڪيل وقت به اچي تنگ ٿيو.
دشمن کان بچاءَ لاءِ هنن کي روشني ڪرڻ جي به موڪل ڪانه هئي.
اونداهيءَ ۾ هنن هيبتناڪ لڪن ۾ هلڻ جو ڏنو وائنو موت کي سڏ
ڪرڻ هو. هزارين سپاهي انهيءَ مارچ ۾ اونداهي ۾ ڇپن تان ٿاٻڙجي
هزارين فوٽ اونهين کاهين ۾ هميشه لاءِ غائب ٿي ويا. بارود، هٿيارن ۽
رسد سان ڀريل هزارين خچر ۽ گهوڙا لڪن ۽ لانگهن جي ورن وڪڙن
جو شڪار ٿي ويا. ٻئي طرف دشمن اوچتو سرچ لائٽون ڪٽي تي ٻاريون
جن ۾ انقلابي صاف ڏسڻ ۾ پئي آيا. تنهن ڪري کين فورن پنهنجو
رستو بدلائي وڌيڪ خوفناڪ لانگهن تان هلڻو پيو.

25 مئي 1935ع تي فجر مهل انقلابي فوج رٿيل پروگرام
مطابق لٽڪيل پل وٽ وڃي پهتي ۽ دشمن جي اوراڙ طرف واري مورچي
تي وڃي قبضو ڄمايائين. پراڙين طرف لوتين جو شهر هو جنهن جي
چوڌاري هڪ مضبوط ديوار هئي. جنهن جي مٿان مشين گنون ۽توبون
رکيل هيون. لٽڪيل پل لوهي زنجيرن ۽ تختن جي ٺهيل هئي. هيٺ قطار
۾ زبردست زنجيرون ٽنگيل هيون. انهن جي مٿان ڪاٺ جا شاهي تختا
وڇايل هئا. هر هڪ پاسي وري ٻه زنجيرون ٽنگيل هيون جن کي جهلي

SOORIH SINDHI ADAB

ماڻهو تختن تان ٿي پاسي ايندا ويندا هئا. انقلابي فوج جي اچڻ شرط دشمڻ انهن تختن کي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو. هاڻي فقط پري پري زنجيرون پئي لڏيون. انهن مٿان هلي درياهه پار اڪرڻ امڪان کان ٻاهر ڳالهه هئي. تنهن ڪانسواءِ درياهه اَپ ڪپرو هو ۽ پراڙين طرف تمام اوچو هو. تنهن ڪري زنجيرن تان هلڻ مهل ائين ٿي لڳو ڄڻ ماڻهو ڪنهن جبل تي چڙهي رهيو هجي.

فوج کي حڪم جي بدران عام اعلان ڪيو ويو ته، "جيڪي جوان پنهنجي خوشيءَ سان هن پل تي قبضو ڪري ان کي اچ وڃ لائق بنائڻ جي سورهيائي واري ڪم ۾ حصو وٺڻ چاهين سي وڏي اچڻ." سيئي مڙس تيار ٿي ويا. انهن منجهان 23 ڄڻن کي چونڊيو ويو. پرئين پاسي جيڪا انقلابي ڊويزن پهچڻي هئي تنهن جو ڪم هو ته مقرر وقت تي پهچي پراڙين پاسي دشمن جي مورچن تي حملو ڪري ۽ ڪين تيستائين رڌل رکي. پر ان ڊويزن تي واٽ هلندي دشمن جو زبردست حملو ٿي ويو جنهن ڪري اها روڪجي بيٺي. تنهن ڪري انهي ڊويزن جي مدد ڪانسواءِ ڪارروائي شروع ڪئي وئي. 4 وڳي شام جو 23 سورما تلوارون دستي بم ۽ مشين گنون کڻي درياهه ۾ ٽپي پيا. دشمن پرئين پاسي کان ڇتي گولي بازي شروع ڪئي پر ٻي جوان ان آڳ جي بارش ۾ هڪڙي هٿ سان زنجيرن ۾ لٽڪندا ٻئي هٿ سان دستي بم اڇلائيندا. باهه جي شعلن مان اپ ڪپريءَ تي چڙهندا ويا. سندن پويان ٻيو دستو تختا رکندو ويو. تنهن جي پٺيان پيدل ريجمينٽ درياهه پار ڪندي وئي. سج لهڻ تائين اها ريجمينٽ درياهه پار ڪري وئي ۽ پراڙين پاسي جي ٻن ڊويزنن کي ڳترا ڳترا ڪري شهر تي قابض ٿي وئي. ٿوري دير ڪانپوءِ پراڙين ڪناري کان جيڪا ڊويزن پئي آئي سا به اچي پهتي. ڪجهه دستا پٺيان دشمن کي روڪڻ لاءِ شهر ۾ ڇڏي باقي فوج پرهه ڦٽيءَ کان اڳ ۾ اڳتي رواني ٿي وئي. تان جو اها چاچنگ جبل جي برف سان ڍڪيل لڪن کي لتاڙي ٻاهر نڪري وئي،

SOORIH SINDHI ADAB

مائوءَ شهر وٽ مرڪزي فوج وچي چانگ ڪوتائو جي چوٿين محاذ
واري سان ملي ۽ ٻئي فوجون اتر طرف ڪوچ ڪرڻ لڳيون ۽ وچي
ماورء شهر وٽ پهتيون.

پارٽيءَ ۽ فوج اندر قوت

مائي هڪڙيءَ ٻي مصيبت منهن ڪڍيو. انقلابي فوج جي هاء
ڪ ۾ اندروني ڦيٽارو پئجي ويو. مائو هن لمبي، اٽانگي ۽ موتمار
سفر ۾ هڪ سوچيل سمجهيل دور انديشيءَ واري پروگرام ڪي خيال
۾ نڪتو هو. ان وقت جپان جون چين خلاف اره زورايون وڌي
وي هيون. ان چين جي سامونڊي ڪنارن ۽ اتر اوير وارن صوبن تي
نا ز قبضو ڪري ورتو هو. چيني عوام ۾ جپان خلاف سخت تاءُ هو.
• ن مرضي هئي ته جپان سان مقابلو ڪجي. پر چيني عوام جي
ا ن يعني چيني وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن ۽ سندن حڪومت جپان
ڪوبه مقابلو نتي ڪيو. سندن مرضي هئي ته جپان ڪي پوءِ ڏنو
و. سڀ ڪان پهرين چيني هارين ۽ مزدورن جي انقلابي پارٽي ۽
لابي فوج جي پاڙ پٽي ناس ڪجي. ڪومنتانگ پارٽي ۽ خود
ومنتانگ جي فوج اندر انهي پاليسيءَ جا گهڻا مخالف هئا ۽ اها
نالفت روز بروز وڌي رهي هئي.

مائوءَ جو پروگرام هو ته اتر اوير چين ۾ جتي جپان قبضو
ڪريو ويٺو هو. اتي پهچي سڌيءَ طرح جپان سان مقابلو ڪجي ۽
ڪومنتانگ کي به مجبور ڪجي ته هو انقلابي پارٽي ۽ انقلابي فوج سان
لڙايون بند ڪري، جپان سان مقابلو ڪري. هن جو اندازو هو ته
ڪومنتانگ وارا اول هرگز اها ڳالهه قبول نه ڪندا ۽ انقلابي فوج کي
هرحال ۾ پنهنجو بچاءُ ڪرڻو پوندو ۽ ساڳئي وقت جپان خلاف
ڪارروايون ڪرڻيون پونديون. تان جو عوام چٽيءَ طرح ڏسندو ته
چيانگ ڪائي شيڪ سچ پچ ڪنهن سان ٿو وڙهي؟ چين جي دشمن

جپانين سان يا اتلو جپان سان وڙهندڙ چيني هارين ۽ مزدورن جي فوج سان! چيني عوام جڏهن ڪومنتانگ جي اصلي غداريءَ وارو روپ ڏسي وٺندو، تڏهن هو ان جو ساٿ ڇڏي اصل وطن دوست پارٽيءَ سان شامل ٿيندو. انهيءَ پروگرام جي راهه ۾ تمام وڏيون رڪاوٽون ۽ خطرا هئا. ممڪن هو ته انقلابي فوج ۽ پارٽي هڪڙي دشمن هٿان تباهه ٿي مرٽينگ حالت ۾ جڏهن اتر چين پهچي، تڏهن ان تي هڪ طرف جپان ته ٻئي طرف ڪومنتانگ جهڙيون ديو جيڏيون طاقتون حملو ڪن ۽ ڪين جنڊ جي ٻن پڙن ۾ پيهي اٽو ڪري ڇڏين. پر مائو کي پنهنجي انقلابي، سياسي ۽ جنگي حڪمت عملين ۽ حرفتن تي رُڪ جهڙو مضبوط ويساهه هو ۽ ڪيس خاطري هئي ته هو انهيءَ خوفناڪ آزمائش مان به پار پئجي ويندا. پر پارٽيءَ جي سيني اڳواڻن ۾ ايڏو فهم ۽ ايڏي دوانديشي ۽ دانائي ڪانه هئي. ماورڪائي شهر وٽ پهچي چانگ ڪوتائو انهيءَ ڳالهه تي ضد ٻڌي بيٺو ته اتر ڏانهن هلڻ جي بدران موٽ ڪائي سيڪانگ ۽ تبيٽ جي طرف هليو وڃجي، جتي ڪومنتانگ جي فوج پهچي ڪانه سگهندي. في الحال اتي هلي دم پٽجي، پوءِ وري قسمت آزمائي ڪجي. مائو چيو ته، ”اتي هلڻ مان وڌ ۾ وڌ رڳو اهو فائدو ٿيندو جو اتي هلي ڪجهه وقت سسي لڪائبي، پر جنهن فوج کي سواءِ لڪڻ ۽ ساهه بچائڻ جي ٻيو ڪو مقصد ڪونه هوندو اها فوج ۽ پارٽي ازخود ختم ٿي ويندي.“

چين جي اتر طرف وچ واري علائقي ۾ شين سي ۽ ڪان سو جا صوبا آهن. انهن صوبن جي سرحد وٽ هڪ انقلابي اڏو ڪجھ زماني کان قائم ٿيل هو. مائو جي صلاح هئي ته، ”ان اڏي ۾ هلي هيڊ ڪوارٽر ڪجي ۽ اتان جپان خلاف ڪارروايون ڪجن.“ چانگ ڪوتائو اها ڳالهه نه مڃي. تان جو هو پنهنجي چوٿين محاذ واري فوج جو اڌ وٺي سي ڪانگ صوبي طرف نڪري ويو. نه رڳو اها فوج هٿان ويئي پر ان سان گڏ مائو جو جهوني ۾ جهونو ساٿي جنرل چوٿيهه جيڪو چنگ

ڪانگ جبلن واري زماني کان وٺي سائس گڏ هو، سو به چانگ ڪوتائو جي چڪر ۾ اچي سائس گڏ هليو ويو.

نڪو ليڪو ٿي ٿيو، لڪو تتو ڏينهن،
تهان اڳي نيڻهن، چنو آتڻ واريئن!
(شاهه)

مائو پنهنجي باقي رهيل فوج وٺي منزلون ماريندو شينسي ڪانسو وارن صوبن ڏانهن اڳتي روانو ٿيو.

ڏيٽين جي وڪڙ ۾

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هو ڏکي ۽ گهاٽي گاهه جي زبردست ميدانن ۾ داخل ٿيا جنهن ۾ هر هنڌ خوفناڪ ڏيٽيون هيون. ماڻهو هلندي هلندي سڌو هيٺ هليو ٿي ويو. پرسان ڪنهن ساٿيءَ بروقت ڪا لٺ هٿ ۾ ڏيئي ڇڪي ڪڍيو ٿي ته واهه، نه ته اک ڇنڀ ۾ ماڻهو هيٺ غائب ٿي ٿي ويو. انهيءَ علائقي ۾ "مان" قبيلي جا غير چيني وحشي قبيلا رهندا هئا. مائو جي فوج جتان جتان لنگهي ٿي. اتي غير چيني قبيلن سان دوستيءَ ۽ ڀائپيءَ واري هلت هلي ٿي. اڳين چيني فوجن ڪان سندن هلت ابتڙ هئي. هنن ڪابه قرلت نٿي ڪئي جيڪا به شيءِ خريد ڪيا-ون ٿي، تنهن جي مناسب قيمت چانديءَ جي سڪن ۾ ڏنائون ٿي. انهيءَ ڪري هر هنڌ غير چيني ماڻهن، سائن دوستاڻي هلت ڪئي، پر هي "مان" قبيلي وارا ماڻهو چينين جا اهڙا ته ستايل هئا، جو هو چينين جي شڪل ڏسڻ لاءِ به تيار ڪونه هئا. انقلابي فوج جي اچڻ شرط هو پنهنجا مالن جا ڌڻ ۽ لڏا ڪاهي گاهن جي ٻيلي ۾ گم ٿي ٿي ويا. تنهن ڪري انقلابي فوج کي چانديءَ ۽ سون تي اَن، اٽو يا ٻيو رسد نه ٿي ملي سگهيو. پاڻ جڏهن به هو ڪنهن ڏڪئي يا اٽانگي لڪ مان لنگهيندا هئا ته اهي "مان" قبيلي وارا ماڻهو جبلن جي چوٽين تان لڪي لڪي، وٺي وڏين ڇپن کي هيٺ ڏڪيندا هئا ۽ سڄي علائقي ۾

ڇپن جو طوفاني مينهن وسڻ لڳندو هو ۽ ٽاڙو ٽاڙ مچي ويندي هئي. ان کان بچڻ لاءِ انقلابي سپاهي ڪنهن هنڌ پناهه وٺندا يا لڪندا هئا ته هو وري پنهنجن زهر پيريل تيرن سان مٿن حملا ڪندا هئا. انقلابي فوج انهن علائقن جي ٽريل کولي هئي، اتي ڏنڊ ۾ ڪوهيڙو اهڙو ٿيندو هو جو اک نه ڏسي ڳوڙي ڪي. پر "مان" قبيلي وارا ته ان ڏنڊ ۾ ڪوهيڙي ۾ ڇاوا نپنا هئا، سي وجهه وٺي انقلابي سپاهين جي ٽڙيل پکڙيل ۽ ساٿ کان وڇڙيل ماڻهن کي ماريندا هئا. جڏ ن وجهه لڳندو هون تڏهن اچي انقلابي ڪيمپن تي اوچتا حملا ڪري، هن ڦريل لٽيل ۽ ماريل فوج جو رهيو کهيو سفر جو ... به لٽي ڪٽي ويندا هئا.

نتيجو اهو نڪتو ته جيڪو ان انو انقلابي فوج وٽ هو سو ختم ٿي ويو. ماڻهو ۽ جانور بکن وگهي مرڻ لڳا. تنهن تي لاچار هنن سامان ڍوهڻ جا گهوڙا ۽ خچر کهي کاڌا. جڏهن سڀ جانور ختم ٿي ويا تڏهن چمڙي جا بوٽ ۽ پٽيون ٺهڪائي انهن جو پاڻي پيئڻ شروع ڪيائون. جڏهن اهي به ختم ٿي ويا تڏهن جهنگ جي گاهه ۽ ٻوٽن کي اچي لڳا، جن مان ڪيترا ٻوٽا زهريلا هئا جن جي کائڻ سان ماڻهو اتي جو اتي ڇڙيون هڻي پورا ٿي ويندا هئا. فوج ۾ وبا ڦهلجڻ لڳي.

ايتري ۾ وري هڪڙي ٻي مصيبت منهن ڪڍيو. بارشون شروع ٿي ويون. بارشون به اهڙيون جيڪي ڏينهن جا ڏينهن هلنديون رهنديون هيون. هڪڙي اڳيئي ڦهر جي سردي هئي مٿان ٻوڙ ٻوڙان بارشون پيون، تنهن ڪري ماڻهو ويئي ويئي ڄمي ويندا هئا. چوطرف گپ ئي گپ گڏ ٿي پيئي جنهن ۾ زهر جا اثر هئا. ماڻهو فاقن، سيءَ، مينهن، مرضن جي گڏيل حملن ۾ مکين وانگر مرندا رهيا. ڪوبه علاج ڪونه هو. دوا درمل ڪڏهوڪا ختم ٿي چڪا هئا. هر مريض کي دوا بدران فقط گرم پاڻي ڏنو ويندو هو. ڏينهن جو سڄو ڏينهن دشمن جا هوائي جهاز هنن جي تلاش ۾ هوندا هئا. تنهن ڪري هنن کي رات جو سفر ڪرڻو پوندو هو. ٽڪي چور ٿيل، فاقن ۽ مرضن جا ماريل سپاهي بيمار ۽ ڦٽيل

ساٿين جا هڏاوان پڃرا ڪٿي اڳتي وڌندا رهيا. هاڻ اصلوڪي هڪ لک فوج مان فقط ست اٺ هزار ماڻهو وڃي بچيا هئا. اڃا منزل اڳتي هئي. سامهون منشائن جبلن جون قطارون آيون. انهن کي پار ڪرڻ لاءِ ڪوبه لک لانگهو ڪونه هو. تنهن ڪري هنن ايرلدي پاسي لات سي ڪائو واري لڪ جو رخ رکيو. اتان وري اتر طرف وڌيا ۽ ڪانگ سو صوبي ۾ داخل ٿيا. اتي دشمن جي هڪ زبردست فوج سندن انتظار ۾ گس جهليو ويٺي هئي. مائو ائين ڏيکاءُ ڏنو ڄڻ ته ان فوج سان دوبدو مقابلو ڪندو. هو تنگ سو شهر ڏانهن وڌيو. جتي دشمن جو هيڊ ڪوارٽر هو. پر عين ٽائيم تي هو گوهي ڏيئي وري اتر اوپر طرف هلڻ لڳو ۽ انهن علائقن مان لنگهيو جتي مسلمان رهندا هئا. انهن ڪين تنگ نه ڪيو ۽ هو خير سان اڳتي نڪري ويا. هو هوئي تگ ۽ تنگ چينگ شهر جي وچ تي هئا ته اتي دشمن جي فوج اچي وڪوڙين پر انقلابي فوج بي جگريءَ سان لڙي. هن دفعي به دشمن جي گهيري کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي ۽ لويان جبل جي برف مان ڍڪيل چوٽين ۽ لڪن مان لنگهي هو آخر شين سي صوبي ۾ داخل ٿيا جيڪا سندن آخري منزل هئي. اهڙي طرح سٺن هزار ميلن جو سفر ڪري، يارهن صوبن کي پار ڪري 22 ندين 28 جبلن جي قطارن کي چيري ۽ پنهنجي ساٿين جي نون ۽ پٽين جي قرباني ڏيئي انقلابي فوج پنهنجي منزل يعني شين سي ۽ ڪانسو صوبن جي سرحد واري انقلابي اڏي ۾ پهچي ويئي. پر ڏنائون ته اتي اڳيئي ويل ٻريو پيو هو. سندن نوان ميزبان خود زبردست گهيري ۾ هئا! انهن تي ٽن مهينن کان وٺي ڪومنتانگ فوجن جو گهيرو هو. جنهن کي ٽوڙڻ لاءِ هو سر ڌڙ جي بازي لڳائي رهيا هئا. جولاءِ 1935ع ۾ اهو گهيرو شروع ٿيو. هنن دشمن جون به برگيڊون ناس ڪيون. سيپٽمبر ۾ هڪ ٻئي انقلابي اڏي جي انقلابي فوج جو 25 آرمي ڪور اتان دشمن جو گهيرو ٽوڙي تمام وڏو چڪر ڪاٽي اچي شيسي ڪانسو انقلابي اڏي ۾ پهتو، جو ڪيس مرڪزي ڪميٽي طرفان اهڙو حڪم مليل هو.

مائي ننهي فوجن گڏجي دشمن جو گهيرو ڪندڙ فوج تي جوابي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. تان جو آڪٽوبر ۾ مرڪزي فوج لانگ مارچ ڪري اچي هتي پهتي ۽ ننهي فوجن گڏجي دشمن جي گهيرو ڪندڙ فوجن کي ناس ڪيو.

مائو جا ٻار

لانگ مارچ ۾ انقلابي مجاهدن جا ٻار ٻچا به گڏ هئا ڇاڪاڻ جو ڪومنتانگ وارا انقلابي مجاهدن کي ته ٺهيو پر سندن ٻارن ٻچن کي به ڪونه ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن به خبر پوندي هين ته هي ٻار ٻچا فلاڻي انقلابي مجاهد جا آهن ته انهن کي بي رحميءَ سان خون ڪري ڇڏيندا هئا. مائو جي پهرين زال مائو جي ڀيڻ سان گڏ چانگ شا ۾ ڪومنتانگ وارن شهيد ڪري ڇڏي. ان ڪانپوءِ هن ٻي شادي ڪئي. جنهن مان کيس به پٽ هئا. لانگ مارچ واري سفر ۾ مائو جي زال پيٽ سان هئي ۽ پنهنجن ٻارن سان سفر پئي ڪيائين. واٽ تي جيڪي خوفناڪ مصيبتون ۽ مشڪلاتون انقلابي فوج ۽ ان جي قافلي وارن کي سامهون آيون، تن جي ڪري ٻارن جي جيئري بچڻ ۽ منزل تي پهچڻ جي ڪا به اميد ڪانه هئي. ان ڪري عيال دار انقلابي مجاهدن پنهنجا ٻار واٽ تي رحم دل ماڻهن کي ڏئي ڇڏيا ته اسين بچون نه بچون اهي بچي پون. مائو ۽ سندس زال به پنهنجا ٻه پٽ ٻين ماڻهن کي ڏيئي ڇڏيا. اهي هن وري يا عمر اڪين ڪونه ڏٺا. اڄ تائين سندن پتو ڪونه پيو آهي ته مري ويا يا بچيا ڇو ته ان افراتفريءَ ۾ جيڪو جتي ٿي رهيو سو ٿتي ڇٽو. اولاد کي مائٽ جي ۽ مائٽ کي اولاد جي خبر ئي ڪانه رهي. ننڍن ٻارن کي مائٽن جا نالا نشان ئي وسري ويا.

لانگ مارچ آڪٽوبر 1935ع ۾ پوري ٿي. ٻه مهينا پوءِ لانگ مارچ تي تبصرو ڪندي مائو لکيو "ماڻهو پڇن ٿا ته لانگ مارچ جي اهميت ڇا آهي؟ لانگ مارچ انسان ذات جي تاريخ ۾ پنهنجي قسم جي

اڪيلي نرالي مارچ آهي. لانگ مارچ هڪڙو پڌر نامو آهي. هڪڙي تبليغي قوت آهي. هڪ ٻج ڇٽڻ جي مشين آهي. جڏهن کان وٺي آسمان ۽ ڌرتي وجود ۾ آيا آهن تڏهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين انسان جي تاريخ ۾ لانگ مارچ جهڙي ٻي ڪا مارچ ڏٺي؟ ٻارهن مهينا سوين هزارين هوائي جهاز اسان تي روز چوڪسي ۽ بمباري ڪندا هئا. ڌرتي تي لکن جي فوج اسان کي گهيرا وجهندي هئي، پيڇا ڪندي هئي، اڏ ۾ روڪيندي هئي ۽ پڪڙيندي هئي. اسان کي بيان کان ٻاهر مشڪلاتون ۽ خطرا سامهون آيا پر اسان پنهنجي هٿن ٻن ٽنگن سان 16 صوبا لتاڙي ست هزار ميل پنڌ ڪري اچي هتي پهتا آهيون..... لانگ مارچ ڇڻ ته هڪ پڌر نامون آهي. ان سڄي دنيا کي اعلان ڪري ٻڌايو آهي ته انقلابي فوج سورمن ۽ جوڌن جي فوج آهي، جنهن جي سامهون ڌاريان سرمائيدار ۽ سندن چيانگ ڪائي شيڪ جهڙا شڪاري ڪتا خسيس ۽ بيوس آهن. لانگ مارچ هڪڙي تبليغي قوت به آهي. انهيءَ مارچ 46 صوبن جي 30 ڪروڙ عوام کي اعلان ڪري ٻڌايو آهي ته سندن آزاديءَ جو اهو ئي رستو آهي جيڪو انقلابي فوج ورتو آهي... لانگ مارچ هڪڙي ٻج ڇٽيندڙ ناڙي آهي. انهيءَ 16 صوبن ۾ بي انداز اهڙا ٻج ڇٽيا آهن جيڪي اڳتي هلي ڦٽندا، پاڙون هڻندا ۽ پن ڪيندا، گونج ڪيندا، ميوا جهليندا ۽ ڀلا فصل پيدا ٿيندا........"

سپر پاور! سپر پاور!

اڄ جي دنيا ۾ فقط امريڪا ئي هڪڙو سپر پاور وڃي رهيو آهي. ٻي جنگ عظيم ڪانپوءِ هو ٻن سپر پاورن مان هڪڙو ٻنيو. روس جي زوال کان پوءِ هو هن دنيا جي جهنگ ۾ اڪيلو شينهن وڃي رهيو آهي.

دنيا جو پهريون سپر پاور ايران هو، جنهن جو ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا جي علائقن تي راڄ هو. پوءِ روم سپر جيڪو هيستائين جي دنيا جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏي ڊگهي عرصي تائين هلندڙ سلطنت هو. اها سلطنت ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اٽڪل ڏيڍ هزار سال قائم رهي. پوءِ عرب مغربي دنيا جا سپر پاور ٿيا. اوڀر جو سپر پاور زمانن تائين چين پئي رهيو آهي. پوءِ چنگيز وارا منگول سپر پاور ٿيا. ساموندي شاهراهن کلڻ ڪانپوءِ پورچوگال، هالينڊ ۽ اسپين واري واري سان سپر پاور ٿيا. تان جو اسپين وڃي سيني جو سر موڙ سپر پاور ٿيو. ان کان پوءِ انگريز دنيا جا بالادست ٿيا. انگريز سلطنت تان سج لهندو ئي ڪونہ هو. رومي شهنشاهت ڪانپوءِ دنيا جي وڏي ۾ وڏي سلطنت انگريز سلطنت هئي.

سوال آهي تہ موجوده اڪيلي سپر پاور آمريڪا جي اڪيلي سر سپر پاوري سدائين هلندي ڇا؟ جواب آهي نہ! هر قسم جي وڏي ويڙهہ ۽ جنگ ۾ ماڻهن، پارٽين، قومن ۽ ملڪن کي تيهن نسن جو زور لڳائڻو ٿو پوي. تخت يا تختو. ان ڪري سندن صلاحيتون ۽ وسيلا گهٽي ڇڪ ۽ دٻاءُ هيٺ اچن ٿا. انهن ۾ اها ڇڪ ۽ اهو دٻاءُ برداشت ڪرڻ جي جيتريقدر طاقت هوندي آهي اوتريقدر اهي ڇڪون ۽ اهي دٻاءُ انهن جي صلاحيتن ۽ وسيلن کي وڌائي ويجهائي ڪين وڌيڪ مضبوط ۽ طاقتور ڪندا آهن. پر مقرر سهپ کان ٻنهہ ٻاهر ڇڪ ۽ دٻاءُ نہ سهي اهي سسڻ ۽ گهنجڻ بلڪ ٽٽڻ لڳندا آهن.

انهن ڳالهين کي خيال ۾ رکندي عظيم انقلابي سماجي داناءُ اينجلس ”اڪل هڪ سئو سال اڳ اوڻهين صديءَ جي پڇاڙي ۾ پهرين جنگ عظيم کان اٽڪل پاءُ صدي اڳ چيو هو ته، ”جي هاڻ ڪا وڏي جنگ عظيم لڳي ته يورپ جا ڪيترائي تخت ۽ تاج فوٽ پاٿن تي ٿڏبا نظر ايندا.“ ٿيو به ائين. پهرين جنگ عظيم ۾ جرمن، روس ۽ يورپ جي ٻين ڪيترن ملڪن جا بادشاهه بلڪ شهنشاهه يا ته مارجي ويا، يا ته ٽپڙ ٻڌي ملڪ ڇڏي هليا ويا. ڪجهه ملڪن ۾ عوامي انقلاب آيا. روس ۾ انقلاب ڪامياب ٿيو ۽ جرمني ۾ ناڪام. سڄي يورپ ۾ انقلاب جي لهر ڊوڙي ويئي. ٻي جنگ عظيم ۾ هارائيندڙ ملڪ جرمني، جپان ۽ اٽلي ته بلڪل تباهه ٿي ويا. پر سواءِ آمريڪا جي، جنهن کي ميدانِ جنگ کان صفا پري هئڻ ڪري جنگ جو ڪوسو واءُ به ڪونه لڳو ۽ ان اٽلو ٻنهي جنگين مان خوب ڪمائي جاوا ڪيا، ٻيا فاتح ملڪ به ذري گهٽ تباهه ٿي ويا. برطانيه ذري گهٽ ڏيوالي ۾ اچي ويو ۽ برطانوي سلطنت جنهن تان سج ئي ڪونه لهندو هو سا ڇڻ اک ڇنڀ ۾ ڊوڙ ٿي اڏامي ويئي. روس جا ٻه ڪروڙ ماڻهو جنگ ۾ ختم ٿي ويا ۽ سندس اقتصادي ڦيرو تباهه ٿي ويو. ٻي جنگ عظيم ڪانپوءِ به هن لاءِ ويڙهه ختم ڪانه ٿي ۽ آمريڪا روس کي تباهه ڪرڻ لاءِ روس تي سرد جنگ ۽ هٿيارن جي جنگ مڙهي ڇڏي. انقلاب کان اڳ سڄي يورپ ۾ زار شاهي روس هر طرح پوئتي پيل ۽ ڇٽ خاني ۾ هو. پهرين جنگ عظيم، انقلابي جنگ، امريڪا، برطانيه، فرانس، جپان، زيڪوسليواڪيا ۽ نون ٻين ملڪن يعني ڪل چوڏنهن ملڪن جي گهڻ طرفي گڏيل حملو پسماندگيءَ، ڏڪار ۽ تباهيءَ خلاف جنگ، سرمايه دار ملڪن جي اقتصادي، سياسي ۽ سفارتي گهيرن ٽوڙڻ لاءِ جنگ، نئون اقتصادي نظام قائم ڪرڻ لاءِ جنگ، ٻي جنگ عظيم، سرد جنگ، دوست ملڪن کي مدد ڏيئي بچائڻ جي جنگ، نون هٿيارن جي ڳاهڻ ۽ تيار ڪرڻ جي ڊوڙ واري جنگ، انهن لاڳيتين ۽ ساهي به پٽڻ نه ڏيندڙ جنگين جي ان اڻ

ڪٽ سلسلي روس جي عوامي اقتدار ۽ نظام کي هٽي اڊوڙي وڌو ۽ اهو ڪجھ وقت اڳي ئي نيٺ ڍهي پيو.

پر امريڪا سان به:

هم تو ڈوبي هين صنم،

تم ڪو ڀي لي ڈوبينگي.

وارو ڪم ٿيو. جيئن اڳ چئوسين، ٻنهي وڏين جنگين جي ڪري سندس چاندي ٿي وئي ۽ ڪيس قارون جا خزانا هٿ چڙهي ويا. رات وچ ۾ اربن ڪربن ڊالرن جا ڍڪ هٽي، گڙنگ شاهوڪار ملڪ بنجي ويو ۽ چڻ ھِڪيءَ ڪان ٿي ڦاٽو. سڄي يورپ بلڪ سڄي دنيا جي تباهيءَ جي پيڙهه تي سندس اقتصادي، سياسي ۽ فوجي برتري جو شاهي محل اڏجي راس ٿي ويو. پر سرد جنگ ۽ هٿيارن جي ريس، روس کي ته سنڌن ڪان سڪائي ڇڏيو، پر ان امريڪا جي اقتصادي ۽ سياسي صحت کي به آهستي آهستي روڳ لڳائڻ شروع ڪيو. سندس ٽنگون سڄي دنيا ۾ اٽڪي پيون. سندس واسطي دنيا تي بالادستي ڪل مان ذل ٿي پوڻ شروع ڪيو. تان جو فوجي طرح به ڪيس ڪاپاري ڌڪ لڳڻ شروع ٿيا. ڪوريا ۾ ڪٽي نه سگھڻ ڪانپوءِ ويتنام آمريڪا جي آنڊن ۾ هٿ وجهي ڇڏيو. دنيا جي مست هاٿيءَ کي ويتنامي ميڙن هلاڪ ڪري وڌو ۽ سندس شان مان کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو.

من ارچہ در نظر یار خاک شدم

رقيب نيز چنين محترم نہ خواهد ماند

(اسين جي ڪٽي يار جي نظر ۾ ڌوڙ ٿي وياسين ته مڙئي خير آهي (خدا ڪندو ته) رقيب به وٽس کي ايڏيون وڏيون عزتون ڪون ماڻي سگھندا!)

ڪاڏي ڪوهه به ڪٽيو وڃن. اڄ سڄي دنيا جو ڏاتار ٻي دنيا جو ته ٺهيو پر خود پنهنجن شهرين جو به قرضي آهي. سندس بجيٽ ڪنهن زماني ڪان ٻارهوئي ڪوٽ ۾ آهي.

اڄ ڏسين جي ڏاتار جا ڪيترائي ٻچا دانهون ڪري چون پيا ته، "اسين ٻڪيا، اگهاڙا ۽ پارن جا سٽيل آهيون." آءُ امريڪا ۾ مهينو ڪن هوس ته اهو سڄو حال روبرو ۽ ٽي وي تي ڏٺم ۽ ٻڌم ۽ اخبارن ۾ پڙهيم. گهڻن عام ماڻهن چئوطرف غريبيءَ ۽ بدحاليءَ ۽ بيروزگاريءَ بابت دانهن تي ڪئي.

جپان جنهن کي تباهه به امريڪا ڪيو ۽ چين ۽ روس جي دشمنيءَ ۾ آسمان تي رسايو به آمريڪا، تنهن جا ڪارخانيدار اڄ چون پيا ته آمريڪا پوئتي پيل ملڪ آهي، ڪيس بجيٽ جو حساب ڪتاب ٺيڪ رکڻ ۽ اقتصادي ۽ مالي ڊسيپلين قائم رکڻ نٿو اچي ۽ آمريڪي مال سٺو تهيل نه هوندو آهي وغيره وغيره.

لو وه بهي ڪهتي هي ڪه يه بي ننگ و نام هي
يه جانتا اگر تو لٽاتا نه گهر ڪو ميں (غالب)

غازي بش جنهن آمريڪي ماڻهن کي خوش ڪري صدارتي اليڪشن ۾ فتح کي يقيني بنائڻ لاءِ عراق کي اول دلبو ڏيئي، ڪائنس ڪويت تي حملو ڪرائي، پوءِ وري ڦري مٿس حملو ڪري، ڪيس ساڙي ٻاري رک ڪري ڇڏيو، سو ويچارو فاتح مٿي کي هٿ ڏيو ڦريو ماريو مظلوم ٿيو ويٺو آهي. امريڪي ماڻهن نرڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيس.

سائنس ۾ پڙهائيندا آهن ته

Every action has an equal and opposite Reaction

"هر عمل جو اوترو ئي ۽ ان عمل جي ابتڙ رد عمل ٿيندو آهي." آمريڪي اڪيلي سر سپر پاوري به پنهنجو رد عمل آهستي آهستي پئي ظاهر ڪري. دنيا آمريڪا جي اڪيلي فيل مستيءَ ۾ خوش ناهي. هن کي ڪو گهرجي جو آمريڪي هڪ هٽيءَ جي هاٺوڪن ۽ آئنده جي امڪاني هاڃيڪار اثرن کان ڪين نجات ڏياري يا گهٽ ۾ گهٽ هر ڳالهه جي باوجود آمريڪا وٽ ٻين ملڪن مٿان دٻاءُ وجهڻ

جي جيڪا بي پناهه قوت آهي تنهن کي حد اندر رکي.

اڄڪلهه دنيا جي پريس ۾ ٻئي امڪاني سپر پاور جي اڀرڻ بابت آسن ۽ خوفن ڀريون قياس آرايون هلندڙ آهن. جپان جيڪو اڄ دنيا جي ٻيو نمبر اقتصادي قوت آهي سو اڪيلي سر آمريڪا کي چئلينج نٿو ڪري سگهي. سندس سائيز ننڍڙي آهي. ولس پنهنجو ڪجهه مال ڪونهي. سندس فوجي طاقت اُتاهه ٿي سگهي ٿي پر ان جو ڳاٽي ڀڳو خرچ سندس اقتصادي حالت تي وڏو دباءُ وجهندو ۽ کيس ان ميدان ۾ پوئتي ڌڪي ڇڏيندو. جرمني تمام زور آهي پر سندس سپر پاور ٿيڻ لاءِ گهربل فوجي طاقت تي جيڪو خرچ ايندو سو سندس اقتصادي پوزيشن خراب ڪري ڇڏيندو. ٻي ڳالهه ته يورپ ۾ جرمنيءَ جي وري اڀرڻ خلاف سخت جذبو موجود آهي. خود انگريز به ان ڳالهه ۾ خوش ناهن ته ڪو جرمني وري اهڙي پوزيشن ۾ اچي سگهي جو هٽي اڳي وانگر يورپ کي آزار ۾ وجهي ڇڏي. سيني کي خبر آهي ته روس وري اڀرندو پر ان لاءِ وقت کپي، ڪافي وقت. فرانس ٺيڪ آهي پر سپر پاوريءَ لاءِ اڃا ڪجهه گهرجي. مطلب ته في الحال دنيا جي سياسي مبصرن کي سرمايه دار صنعتي ملڪن مان ڪو به ٻيو سپر پاور ٿيڻ جي وزن ڪٿڻ جهڙو نظر نٿو اچي.

مزي جي ڳالهه اها آهي جو هاڻ ماڻهو ٻيو امڪاني سپر پاور ترقي يافته سرمايه دار ملڪن بدران ٽين دنيا جي پوئتي پيل ملڪن ۾ پيا ڳولين. في الحال نالو اهڙي عجيب غريب ملڪ جو پيا وٺن. جيڪا بکي بلا ويچاري پنهنجي پيٽ ۾ جهلي پيئي آهي. جنهن کي گذريل ٻن ٽن صدين کان چڻ ٻچا وات ۾ آهن ۽ جنهن جا اڃا ڪالهوڻي ڪالهه "غريب جي جوءِ جڳ جي ڀاڄائي" واري ڳالهه وانگر اوڙي پاڙي جي ماڻهن ٻوٽ پٽي پئي ڪاڏا. الائي ڪتان ڪتان جا ماڻهو ڪاهيو اچيو سندس ڇاتيءَ تي چڙهيا ويٺا هوندا هئا ۽ جيڪا نرڙ تائين ڦڏن، فسادن، جهيڙن، جنگين جي ڳپ ۾ ڪتي پيئي هئي. ڪيترن عالمي

رسالن ۾ چين جي پهرين نمبر سپر پاور بنجڻ جي امڪان لاءِ هيٺيان دليل ڏنا پيا وڃن:-

1- ونس ملڪ وڏو ۽ قدرتي وسيلا گهڻا آهن.

2- ملڪ جا ماڻهو نه اجايا اجايا تورا آهن ۽ نه اجايا گهڻا.

هونئن ته ان ۾ تمام گهڻا ماڻهو آهن، پر جيڏو ملڪ آهي، جيترا وسيلا هيئنر موجود اٿس، واڌو جيتري قدر آهي وسيلا، مڙسي ۽ قابليت سان وڌائي ويجهائي سگهجن ٿا. ان حساب سان چين جا ايترا ماڻهو اجايا گهڻا ناهن.

3- چين ٿين دنيا جو اڪيلو وڏو ملڪ آهي، جنهن آباديءَ جي اڻ رٿيل واڌ تي فولادي ضابطو رکيو آهي، اتي زال مڙسن کي هڪڙي ٻار ڄڻڻ جي اجازت آهي پوءِ چاهي اهو ٻار پٽ هجي يا ڌيءَ.

امريڪا ۾ ڊاڪٽر وقاصيءَ مونکي چين بابت هڪڙي زبردست فلم ڏيکاري، جنهن ۾ هڪ ڪان وڌيڪ ٻار ڄڻڻ يا نه ڄڻڻ جي مسئلي بابت هڪڙو سچو واقعو ڏيکاريل هو. مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ پيڪا ساهرا ته ٺهيو پر اوڙو پاڙو، جج جيوري ۽ پارٽيءَ جا نمائندا سڀ اچي گڏ ٿيا هئا ۽ جنهن اعلي سطح جي سنجيدگي، ارادي جي پختگي، سياڻپ، ڏاهپ، قرب ۽ محبت جي آميزش سان اهو معاملو پيش ڪيو، ٻڌو، بحث هيٺ آندو ۽ فيصلو ڪيو ويو، تنهنکي ڏسي ماڻهو واقعي دنگ رهجي ٿي ويو، ته بيشڪ عظيم تهذيبون ماڻهن کي عظيم سياڻپون، عزم ۽ ماڻهپا بخشين ٿيون ۽ بيشڪ اهي ماڻهو پاڻ ۾ وڏا انقلاب آڻڻ ۽ پنهنجون تقديرون بدلائڻ جا لائق ۽ ان جا حقدار آهن.

4- چين هڪ وڏي علائقائي فوجي طاقت آهي، ان ۾ اقتصادي وسيلن جي سهپ سارو ۽ فقط ان حد اندر لاڳيتي خاصيت جي توڙي مقدار جي لاڳيتي واڌ پيئي آلدي وڃي.

5- چين جي اقتصادي صورتحال " رٿيل سوشلسٽ مارڪيٽ جي اقتصاديات " (Planned socialist market economy)

جنهن تي سامراجي پروپئگنڊا مشينري چٽرون ڪري، ان ڪي "سوشلزم جي ليبل هيٺ سرمايه داري" جو طعنو ڏيئي خوار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، تنهنجي بنياد تي نه رڳو روس جي پيٽ ۾ اڳتي وڌندڙ آهي، پر خود ايشيا ۾ به چين هڪڙي اقتصادي وڏي شيءِ پيو بنجي.

6- ان جو ثبوت اهو آهي جو امريڪا ۽ يورپ سان سندس واپار ۾ سندس روانگي وڌيڪ ۽ آمدني گهٽ آهي ۽ سراسري طرح ڪيس هر سال ٻنهي هنڌان اربين ڊالر بچن ٿا.

7- جپان سان سندس اقتصادي تعاون وڌي رهيو آهي. ٻنهي ڪي هڪ ٻئي جي سخت گهرج آهي، چين کي جپان جي ٽيڪنيڪي ڄاڻ، انتظامي، تجربي، واپاري صلاحيتن ۽ پيداوار جا وسيلا پيدا ڪندڙ اعلي درجي جي مشنري جي ضرورت آهي ۽ جپان کي سندس اٿاهه مارڪيٽ، خريداريءَ جي ڪافي قوت ۽ تمام گهڻي ۽ گهڻن قسمن جي ڪچي مال جي ضرورت آهي.

8- چين ۽ جپان جا سفارتي ۽ سياسي تعلقات ٺيڪ رستي تي سمجهه، ڏاهپ، ثابت قدمي ۽ دور انديشيءَ سان اڳتي وڌي رهيا آهن. تازو جپان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو جپان جو شهنشاهه چين ويو. جيڪا ڳالهه ٻنهي ملڪن جي تعلقات ۾ هڪڙو اهڙو تمام وڏو قدم آهي، جيڪو انهن لاڳاپن جي سطح کي گهڻو اوچو ڪندو ۽ سندن راهه ۾ موجود گهڻيون تاريخي رڪاوٽون دور ڪري سگهندو.

9- چين جا روس سان به سياسي لاڳاپا ٺيڪ ۽ اقتصادي لاڳاپا سڌريا آهن. روسي چين جي اقتصادي ترقي کي وڏي رشڪ جي نظر سان ڏسن ٿا. ٻه ٽي سال اڳ ماسڪو ۾ هڪڙي ڪچهريءَ ۾ روسي ڪميونسٽ پارٽي جي هڪڙي نمائندي دوست مون کان پڇيو "توهان جي خيال ۾ اڄ روس ۾ لينن کان پوءِ ٻيو نمبر مقبول ليڊر ڪير هوندو؟" مون چيو "گورباچوف." چيائين "وري ڏڪو هڻ" مونکي ڪو

صحيح جواب ڪونہ سجهيو. چيائين ”ڪابا ڪتا؟“ مون چيو تہ ”ڪتا.“ چيائين ”ڊينگ شيائو پينگ!“ تن ڏينهن ماسڪو ۾ چيني ڪارخانن ۾ ٺهيل سامان جي نمائش پئي ٿي. گريگري مونڪي ائين ڪاهي اوڏانهن وٺي هليو، جيئن هڪڙا سنگتي ٻين کي گهلي ڪنهن وڏي ميلي تي وٺي ايندا آهن. روسي، مردن، عورتن ۽ ٻارن جي وڏي تعداد وڏي چاهہ سان چيني مشينري ۽ شيون پئي ڏٺيون. روس ڳري مشينري ۾ تہ دنيا جي چوٽيءَ تي هو پر ننڍي مشينري ۽ روز مره جي استعمال جي معمولي شين کي وڏي پئماني تي پيدا ڪرڻ ۽ ماڻهن جي روزمره جون ننڍڙيون دل گهريون خوشيون ۽ ضرورتون پوريون ڪري، سندن دل خوش ڪرڻ جي ننڍڙي ۽ معمولي ڳالهہ لاءِ اجان وقت ڪڍي نہ سگهيو هو ۽ اجان انهن جو وارو ڪونہ آيو هو. ان ڪري اهو، روسي اقتصادي مشين لاءِ ٻاراڻي کيل جهڙي ان ننڍڙي خسيس ڪم ۾، پوئتي رهجي وڃڻ ڪري، مار کائي ويو.

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو ٻهرين وڏين ڳالهين کي پورو ڪري، پوءِ ننڍڙين ڳالهين کي پورو ڪرڻ جي چڪر ۾، وڏا وڏا ڌڪ کائي ويندو آهي.

10- چين دنيا ۾ تهذيبي ۽ ثقافتي وڏو ۽ اڳواڻ ٿي رهڻ جو هزارين سالن جو نفسياتي، انتظامي، سماجي، فوجي، سفارتي ۽ ثقافتي تجربو رکي ٿو. تاريخ جي ننڍڙن وقفن کي ڇڏي، وڏو ٿي رهڻ، چين جي قومي عادت ۽ قومي ريت رهي آهي. ان ڪري سپر پاور جي سمورين تقاضائن ۽ ڍنگن، فضيلتن ۽ آدابن بابت اهو قومي طرح قابل ۽ سڄاڻ آهي. ڪيس ان مرتبي کي رسڻ ۽ ان تي قائم رهڻ ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ ۾ ڪابہ قومي نفسياتي مشڪلات پيش ڪانہ اينديون.

11- چين جي ليڊر شپ نهايت تجربہ ڪار آهي. اها جدوجهد، جنگ، دوستي، دشمني، سڪار، ڏڪار، ڪوٽ، واڙ، شڪست ۽ فتح جا سمورا امتحان فل پاس ڪريو ويٺي آهي. تنهنڪري

ان لاءِ سياسي، اقتصادي، سفارتي ۽ فوجي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ توڙي ضرورت مهل هڪڙي هنڌ بيهي يا چپ هٽي ويهي رهڻ يا مورڳو گمنام ٿي وڃڻ آسان ڳالهه ۽ هلي چلي آهي.

12- چين جي شاندار جنگ آزادي، گوريلا جنگين، چيانگ ڪائي شيڪ، جپان ۽ آمريڪا خلاف سورهيائي واري جنگ، لانگ مارچ، مائوزي تنگ جي شخصيت ۽ ٻين سببن جي ڪري هيترين سارين اڻ وڻندڙ ڳالهين ۽ روسي- آمريڪي مخالف پروپئگنڊا جي باوجود، چين جي نالي ۾ اجا تائين هڪڙو سحر، هڪڙو جادو ۽ هڪڙي خاص ۽ غير معمولي ڪشش آهي.

13- جڏهن روس جيڊو سپر پاور پنهجا اندروني سياسي ۽ اقتصادي مسئلا حل ڪري نه سگهيو ۽ آمريڪي سي آءِ اي جي روس اندر ڪيل سازش کي منهن ڏيئي نه سگهيو، تڏهن چين جي ثابت قدميءَ سچي دنيا ۾ سندس واسطي عزت پيدا ڪئي آهي ۽ غير جانبدار ماڻهن کي قائل ڪيو آهي ته چيني واقعي سمورين سخت مخالف حالتن کي ڪاميابي سان منهن ڏيئي چاڻن.

14- ويجهڙائيءَ ۾ هندوستان جنگ، خانه جنگي ۽ بدحالي جي ايڏن ڏکهن دورن مان ڪونه لنگهيو آهي جيڏو چين. پر چين ان ساريءَ تباهي مان بي پناهه طاقت حاصل ڪري اڳتي وڌيو آهي، بهرحال چين هڪ دفعو وري دنيا جي اڳيان هڪڙو معجزو بنجي نظر اچي رهيو آهي. اڳي اهو معجزو رڳو نظرياتي، فوجي، سياسي ۽ سفارتي هو. هاڻ اهو اقتصادي به آهي.

چين في الحال سپر پاور بنجي سگهي يا نه. پر اها ڳالهه بلڪل صاف پئي آهي ته ڪلهه واري مئل ماريل ۽ بدحال چين جو سيائي واري دنيا ۾ شمار، دنيا جي وڏن سياسي، اقتصادي ۽ فوجي مهاندن ۾ ٿيڻو آهي.

اها ڪرامت هوندي دنيا جي عظيم انقلابي اڳواڻ مائوزي تنگ

جي نظرئي ۽ رهبري ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽي ۽ عوام جي اڻٿڪ هڪ صديءَ کان به مٿي عرصي واري سخت، اڻانگي ۽ ورن وڪڙن واري جدوجهد ۽ سندن حوصلن، سهپ، ثابت قدمين، سورهيائين ۽ قربانين جي.

ڪڙي ۽ ڪڙهي، پر ۾ پير پنهون جو،
سڪ پڏائين سندرو، جالب لاءِ جڙي،
لانچي لڪ لطيف چئي، منڌ جهيڙي ۽ جهڙي،
پٽيءَ تان نه پڙي، جي عمر سڀ ائين ڪري.
(لطيف)

●●

SOORIH SINDHI ADAB

سچو پچو مڙس ڪهڙو ٿيندو آهي؟

بهترين انسان ڪهڙو هئڻ گهرجي ۽ ان ڪي ڇا سڏڻ گهرجي؟ اهڙن ماڻهن لاءِ تاريخ ۾ مختلف ماڻهن مختلف نالا استعمال ڪيا آهن. جرمن ڏاهي گوئٽي اهڙي ماڻهو کي سپر مئن يا برتر ماڻهو سڏيو آهي. اقبال ڪيس مرد مومن سڏيو آهي. انگريزن ان کي جينٽل مين يا شريف انسان سڏيو آهي. اسين سنڌي اهڙي ماڻهوءَ کي مڙس ماڻهو سڏيندا آهيون.

مڙس ماڻهو لفظ جون گهڻيون معنائون آهن. سنڌيءَ ۾ مڙس ماڻهوءَ جي مڙسيءَ جو تصور البت نهايت سادو، نهايت محدود آهي. ويڙهه جي فن بابت اسانجي ڄاڻ ۽ نظريو ٻاراڻي سطح مطابق نهايت هيٺاهين درجي جو ۽ پوئتي پيل آهي. ڪو سخي آهي، ڪو درگذر ۽ لانگهوڪرڻ وارو آهي، ڪو مهل ڪرڻ وارو آهي ته ان کي مڙس ماڻهو سڏيندا آهن. ٻيو مڙس ماڻهو ان کي چوندا آهن جيڪو جسماني طرح بهادر هجي، اڪيلي سر گهڻن ماڻهن جي سامهون هليو وڃي. هٿيار هٿ ۾ نه هجي ۽ هٿيار واري ماڻهوءَ سان مقابلو ڪرڻو پئجي وڃي ته سامهون هليو وڃجي، پوئتي لوٽو نه هٽجي. ايتري قدر جو گهران وڃي هٿيارکڻڻ لاءِ به پوئتي نه ورجي. آخري حد اها ته پنهنجو بچاءُ به نه ڪجي، مورچن کي به استعمال نه ڪجي، ويڙهه جا فن به استعمال نه ڪجن! لطيف جهڙو ماڻهو به مڙسيءَ جي ان سطح جي تصور کان متاثر ٿيڻ بنا رهي نه سگهيو:

اڙن مٿان اُسري، پاڪر جو پائي،
ايجان ان کي جيئڻ جو، آسانگو آهي،
سورهيه سوچائي، جو رڳو ئي رڻ ڪهڙي. (شاهه)

دنيا جي اڳتي وڌيل ۽ مهذب سماجن ۾ مڙسيءَ جو تصور اسان

واري مڙس ماڻهوءَ جي تصور کان تمام گهڻو وڏيڪ وسيع، وڏيڪ نفيس ۽ وڏيڪ اعليٰ سطح جو آهي. اهو آهي ان مڙس ماڻهوءَ جو تصور جيڪو مڙسيءَ جي پنهنجي خوبين سان گڏ علمي، فڪري، نظرياتي ۽ سائنسي طرح به مڙس ماڻهو آهي. علمي، فڪري، نظرياتي ۽ سائنسي نقطهٔ نظر کان مڙس ماڻهو ان کي چوڻ جڳائي، جنهن ماڻهوءَ ۾ پنهنجي خاصيتن سان گڏ هڪڙي لازمي خاصيت اها به هجي ته، "هو جيڪي علمي، فڪري، نظرياتي ۽ سائنسي ڳالهيون بلڪل صحيح ۽ درست سمجهندو رهيو هجي، انهن بابت سندس ڪو بدترين دشمن به ڪيس اهوسمجهائي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته اهي ڳالهيون بلڪل غلط آهن ته پوءِ ان حالت ۾ مڙس ماڻهو اهو آهي جيڪو ڦڏو ڪري دل ۾ ائين نه چوي ته، دشمن آهي! هن جي ڳالهه ڪا مڃبي ڇا؟" اڳلي جي دشمنيءَ ۽ امڪاني بدنيتيءَ واري ڳالهه کي چڱي طرح سمجهندي ۽ انهن کي قطعي پاسيرو رکي، حقيقتن تي ويچار ڪري ۽ جي پوءِ ايمانداريءَ سان ان نتيجي تي پهچي ته هو صحيح ٿو چوي، ته پوءِ صاف ۽ چٽو اعلان ڪري ته "تنهنجي ڳالهه صحيح منهنجي ڳالهه غلط." پوءِ ڀلي ڪٿي سڄو جهان مٿس ان سچي ڳالهه قبول ڪرڻ ڪري کلڻ لڳي. علمي ۽ فڪري مڙسيءَ جي بلندي هيءَ چئبي ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي مرڻ کان هڪڙي به گهڙي اڳ ۾ اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وڃي، ته "مون سڄي عمر جيڪي ڳالهيون صحيح سمجهيون ٿي، سي سڀ غلط هيون ۽ جن شين يا ڪمن لاءِ مون پنهنجي سڄي زندگي وقف ڪري ڇڏي سي بلڪل بيڪار، بي معنيٰ يا نقصانڪار هيون." ته ان آخري گهڙيءَ مهل سيني جي اڳيان اين چوڻ ۾ ڪا به هٻڪ محسوس نه ڪري ته، "مون جيڪا سڄي زندگي گهاري ڇڏي سا "وقف" ڪان ونئي "ي" تائين سڄي غلط، بيڪار ۽ نقصانڪار هئي."

اصول هي ٺهي ٿيو ته وس آهر غلطي ڪرڻ کان بچڻ جي بهترين ڪوشش ڪرڻ ڪاڳهو به، غلطي ڪري وجهڻ ۾ ڪو به عيب

ڪونهي. اهڙيون غلطيون حقيقت جي ادراڪ جي منزل طرف سفر ۾ چاڻ ۽ سمجهه جو رستو صاف ڪن ٿيون ۽ ان ڪري مثبت ۽ تخليقي عمل آهن. عيب آهي پنهنجي اڳين گهڻين صحيح ڳالهين ۽ غلطين نه ڪرڻ جي احساس ۽ انا وچان، پنهنجي غلط هجڻ جي امڪان کي ئي خارج ڪري ڇڏڻ ۽ ان امڪان تي ايمانداريءَ سان جاچ ڪرڻ ۽ ان غلطيءَ جي نشاندهي ڪندڙ حقيقتن تي ويچار ڪرڻ کان پڙ ڪڍي بيهڻ. اسان وٽ مڙسيءَ جو ضد ياڙيائي چيو ويندو آهي. ذهن اٽ ئي پهر پنهنجي غلط هجڻ جي امڪانن ۽ ثابتين بابت ڪليو نه رکڻ ۽ ان تي "نه" جا نَوَ ڪوٽ چاڙهي ڇڏڻ علمي ۽ عقلي نامردي آهي ۽ پنهنجي غلطي محسوس ڪري، ان کان هڪدم جند نه ڇڏائڻ، ان ڳالهه کان لنوائڻ ۽ ان کي نه ميڄڻ ۽ ان کي ڇهنو رهڻ، ذهني ۽ فڪري ياڙيائي آهي. ماڻهو رڳو اهي شيون ۽ ڳالهيون نه پڙهي ۽ معلوم ڪري، جيڪي ڪيس وڻن. فقط انهن ماڻهن سان نه ملي، جن سان ملي ڪيس خوشي ٿئي ۽ فقط اهي ڪتاب نه پڙهي، جن ڏانهن سندس اڳيئي لاڙو هجي. فڪري ۽ ذهني طرح مڙس ماڻهو اهو آهي جيڪو سندس اعليٰ مقصدن لاءِ جيڪي به ڳالهيون ۽ ڪم ضروري هجن، اهي سڀ ڪري، چاهي اهي ڪيس وڻن يا نه وڻن. بلڪ جيڪي ڪيس سخت ۾ سخت نه وڻن اهي ته سڀ کان پهريائين ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪري ۽ ان لاءِ جلد از جلد شروعات ڪري ڇڏي. علمي ۽ فڪري مڙس ماڻهو پنهنجي ذهن کي سدائين ڏکيا ڪم ڏيندو، ورزش ڪرائيندو، ان تجربي ۽ ورزش سبب پنهنجي علمي ۽ ذهني لياقت ۽ پهچ سدائين تازي توانائي رکندو ۽ پنهنجي علمي ۽ فڪري ذوق، پسند ۽ سهپ جو دائرو روز ذرو ذرو ڪري وڌائيندو رهندو. اهڙيءَ طرح علمي ۽ فڪري مڙس ماڻهوءَ جي آزمائش، ضروري ۽ لازمي معاملن ۾ بوريت، اڻ وڻندڙ ۽ بظاهر برداشت جي سگهه جي جواب ڏيڻ جي حالتن سان سخت ۽ اٽانگو مقابلو ڪندو ۽ انهن تي فتح پائيندو رهڻ آهي. علمي، ذهني ۽ فڪري مڙس ماڻهو، پنهنجي علمي ۽

فڪري مقصد ۽ پنھنجي وچان تڪ، بوريت، ناپسنديدگيءَ ۽ ڪوڙاڻ جون ديوارون ڊاھي، پنھنجي ڄاڻ، سمجھ، شعور ۽ عمل کي وڌيڪ وسيع ۽ وڌيڪ گھرو ڪري ٿو. پڙھڻ جي معاملي ۾ ھو ڪڏھن بہ پاڻ کي رڳو من پسند ڳالھين موضوعن، ڪتابن ۽ لکندڙن تائين محدود نہ رکندو. علمي ۽ فڪري، نظرياتي ۽ سائنسي مڙس ماڻھو پاڻ کي تاريخ ۽ ماحول کان مليل خانداني، نسلي، علائقائي، قومي، طبقاتي، مذھبي ۽ نظرياتي تنگ نظريءَ ۽ تعصب جي زنجيرن کان آزاد ڪرڻ لاءِ ھر وقت ويڙھ ۾ جاکوڙ ڪندو رھندو آھي ۽ زندگيءَ جي آخري پل تائين اھا جاکوڙ ۽ ويڙھ ترڪ نہ ڪندو آھي.

جان جان ھئي جيئري، ورچي نہ ويئي (شاھ)

اسين سنڌي ھجون يا غير سنڌي، مسلمان ھجون يا عيسائي، ڪارا ھجون يا گورا يا ريڊ انڊين، پاڪستان جا رھاڪو ھجون يا وچ آفريقا يا ڏکڻ آمريڪا جا. اسان کي پنھنجي ماءُ جي ھنج، پنھنجي گھر، پنھنجي ڳوٺ، پنھنجي قبيلي، پنھنجي وڏن، پنھنجي شھر، پنھنجي تر، پنھنجي صوبي، پنھنجي قوم ۽ پنھنجي ملڪ، پنھنجي ثقافت ۽ مذھب جي نالي ۾ جيڪا بہ ڄاڻ، سمجھ ۽ عقل حاصل ٿئي ٿو سو لازمي طرح نھايت ھڪ طرفو، نھايت محدود ۽ خطرناڪ حد تائين اڻ ڄاڻائين، بي سمجھين بلڪ گمراھين تي ٻڌل ٿئي ٿو. اھو اسان جو يا اسان جي ماڻٽن جو يا اسان جي ثقافت جو ڏوھ ڪونھي. اھا تاريخي مجبوري آھي. انسان ھڪ ھنڌ نہ رھيا آھن ۽ نہ رھي سگھن ٿا. تاريخي طرح انسان تمام ننڍڙين ننڍڙين ۽ ھڪٻئي کان پري پري، ھڪٻئي جي مشاھدي، مطالعي، ڄاڻ، سمجھ ۽ عقل کان بي خبر ۽ اجنبي ۽ ان بابت سخت اڻ ڄاڻاين، بي خبرين، غلط فھمين ۽ نادانين ۽ جھالتن ۽ گمراھين جو شڪار رھيو آھي. ان ڪري ھو ھزارين سالن کان پاڻ ڪانسواءِ (پنھنجي گھر، پنھنجي عقيدي، پنھنجي ثقاتي روايت وغيره ڪانسواءِ) ھر شئي ۽ ھر ڳالھ کي ڌاريو، اڻ وڻندڙ، ڪراھت جھڙو، واھيات ۽ ناقابل

برداشت سمجهڻ تي هريل آهي ۽ ٻي ڪنهن ڳالهہ جي ڪيس خبر ئي ڪانهي. هن لاءِ جهنگ جا مرون ايترا ڊاريان، ايترا اجنبي ۽ خطرناڪ ناهن، جيترا "ڊاريان" انسان. سندس خيال، سوچون، عادتون ۽ رهڻيون ڪهڻيون، تهذيب جو سفر، انسان جو انسان خلاف ڊاريائي، تعصب، ڌڪار ۽ ڪراهت جي احساس تي ڊاڪي ٻہ ڊاڪي فتح پائيندي رهڻ جو سفر آهي. ان سفر ۾ جيڪو سيني ڪان وڏيڪ اڳيرو آهي، جيڪو وڏ ۾ وڏ پنڌ ڇڏائيندو هلي سو مڙس ماڻهو آهي.

جڏهن ڳالهيون تمام گهڻيون منجهيل هجن، مخالف تہ مخالف پر دوست بہ مونجهارن جو شڪار هجن. صحيح ڳالهہ غلط پئي لڳندي هجي ۽ غلط ڳالهہ صحيح. جڏهن سمورو وايو منڊل مخالف هجي ۽ مٺي بہ ماٺ مٺي بہ ماٺ جو وقت هجي، تڏهن ڪنهن فرد، گروهہ، طبقي يا قوم سان وڏو ظلم پيو ٿئي پر ڪيجي تو تہ ڪافر تو سڏجي، اهڙي وقت ۾ سموريون حقيقتون ڄاڻندي بہ ماحول جي خوف ڪان چپن ڪي صفا چنو هٽي، پاڻ ڪي سلامت رکي، بنا ڪنهن بہ قسم جي سڏي يا اڻ سڏي، توري يا گهڻي حق جي حمايت ڪرڻ جي، رڳو تماشائي ٿي ويهي رهڻ پاڙيائي آهي. ۽ اهو سمجهندي حق جو پاسو وٺڻ تہ دشمن تہ دشمن پر دوست بہ اصل ڳالهہ نہ سمجهندا ۽ ماڻهو اڪيلو رهجي ويندو، پر تہ بہ سموري خطا ڪٽي ممڪن حد تائين حقي موقف اختيار ڪري ڳالهہ ممڪن حد تائين پڌري ڪرڻ ۽ گهربل عقل ۽ سمجهہ سان توڙ تائين مسلسل ڪندو رهڻ تانجو اها عام ٿي وڃي، مڙسي آهي.

ان وقت ڪنهن وڏي قومي عوامي ڪاز يا مقصد جي ڪاميابي لاءِ ڊگهي مدي واري رٿا بندي، تياري ۽ جاکوڙ ڪرڻ جڏهن ان جو ڪنهن ڪي احساس ئي نہ هجي تہ اهڙو ڪو محاذ يا مقصد بہ آهي يا ٿي سگهي ٿو. جڏهن ڪنهن ڪان شاباس يا داد ملڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿئي، تڏهن ائين ڪرڻ علمي ۽ فڪري، نظرياتي ۽ انقلابي مڙسي

آهي.

مظلوم فرد، گروهہ يا طبقي کي خطري ۾ ڏسي، ان وقت انجي لاءِ سوچڻ ۽ لوچڻ ۽ ماٺ مٺيءَ ۾ ان لاءِ رٿابندي ڪرڻ، جڏهن خود ڏر ڏٺين کي خطري جو احساس ئي نہ هجي ۽ ساڻن سندن خطري جي ڳالهہ ڪجي تہ هو اڻ چاٿائيءَ وچان پنهنجي مخالفن سان گڏ پنهنجي انهن دوستن تي بيهي ڪلي ۽ دشمنن جي الزامن ۽ بهتانن کان گمراهہ ٿي، دوستن کي دشمن سمجهي ڪاٺين لهرائڻ لڳي، اهڙي سطح جي خاموش، اڻ ڳايل ۽ اڻ وڃايل مڙسي ان سطح جي مڙسي آهي، جنهن سطح جو ذڪر اڄ کان اڍائي هزار ورهيہ اڳ دنيا ۾ جنگ جي فن جي پهرين عظيم ماهر چيني جنرل سن زو پنهنجي جڳ مشهور تصنيف ”جنگ جو فن“ ۾ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

”وڏا جنهن قسم جي ماڻهوءَ کي چالاڪ ويڙهو سڏيندا هئا، اهڙو ويڙهو اهو ماڻهو آهي جيڪو نہ رڳو سوڀ حاصل ڪري ٿو، پر ڪيس آسانيءَ سان سوڀ حاصل ڪرڻ ۾ ڪمال حاصل آهي، پر اهي سوڀون ڪيس ڏاهپ يا سورهيائي جو ڪوبہ داد نٿيون ڏيارين. ڇو تہ اهي سوڀون انهن حالتن جي مقابلي ۾ حاصل ڪيل آهن، جيڪي حالتون ظاهر ٿيون ئي ناهن ۽ جن جي دنيا کي اڃان ڪابہ خبر ئي ڪانهي. ان ڪري سندس ڏاهپ جو نالو نٿو نڪري، نڪو وري ڪيس سورهيہ ۽ دلير سمجهيو وڃي ٿو. ڇو تہ هن جي دليريءَ ۽ دانائيءَ جي ڪري سمورو ڪم ماٺ مٺيءَ ۾ ٿي وڃي ٿو ۽ (سندس پاران ڪيل) ڪا ظاهري ويڙهہ يا رتوڇاڻ ٿئي ئي نٿي (جو اها ماڻهن کي نظر اچي ۽ هو ڪيس سورمو سمجهن.)“

علمي ۽ فڪري، نظرياتي ۽ سائنسي مڙس ماڻهو ڪنهن بہ منزل تي مڙسائي پيش قدمي روڪي، هڪڙي هنڌ بيهي، وڏيڪ جاکوڙ ۽ خطرن کان منهن موڙي، پنهنجي مڙسيءَ جي اڳوٺي موڙيءَ جو گهر ويٺي کٽيو نہ ڪائيندو. هو پنهنجي مڙسيءَ جي ناموس کي بخيلن وانگر

ڪڏ ۾ پوري، ان جي مٿان ٽانگ ٽي پهرو نه ڏيندو ۽ هڪڙي محفوظ ۽ سلامتيءَ واري زندگي نه گهاريندو. هو علم ۽ سمجهه ۽ سائنس جي شوق، تجسس، ڳولا، آزمائش، خطري ۽ جاکوڙ ۾ غلطين، خوارين ۽ غلطين مان سکڻ ۽ پرائڻ، وري ڪوشش ۽ آزمودا ڪرڻ، وري غلطيون ڪرڻ، وري پرائڻ جي ريت ۽ روايت سدائين قائم رکندو ۽ ڪڏهن به ۽ ڪهڙين به حالتن ۾ وچان گوهي ڏئي پويان پير نه ڪندو.

سچ توڙي ڪوڙ پنهنجي اصل نج ۽ نبار حالت ۾ تمام گهٽ نظر ايندا آهن، انهن جا بي انداز روپ ۽ بهروپ هوندا آهن. ڪيترين حالتن ۾ ڪوڙ جي لباس ۾ سچ ڍڪيل هوندو آهي ۽ ان جي ابتڙ ڪوڙ کي سچ جا سورنهن سينگار ڪيل هوندا آهن. مڙس ماڻهو انهن کي هر حال ۽ هر روپ ۾ سڃاڻڻ لاءِ واجهه وجهندو، جاکوڙون ۽ ويڙهيون ڪندو رهندو آهي.

اڪثر ائين ٿيندو آهي ته هڪڙي ڪوڙي ڳالهه جي جاءِ ٻي ان جي ابتڙ ڪوڙي ڳالهه والاريندي آهي. اصل حقيقت ۽ سچ انهن ٻنهي جي وچ تي هوندو آهي ۽ انهن ابتڙ ڳالهين ۽ شين مان جڙيل هوندو آهي. هڪڙيون ڪوڙيون ڳالهيون ماڻهن جي ٻي سمجهيءَ واري ميڙتا جي ڪري فڪري فيشن جو درجو حاصل ڪري وٺنديون آهن. ڪين ديوين ۽ ديوتائن وانگر پوڄيو ويندو آهي. ڪيترن ئي سچن تي ڪوڙن جي ڪاراٺ مليل هوندي آهي ۽ سندن شڪل ايڏي ڀوائتي بنايل هوندي آهي جو انهن کي ويجهو ويندي به ماڻهوءَ کي ڏپ لڳندو آهي. سچو مڙس ماڻهو وڏي همت ۽ جاکوڙ سان هر حالت ۾ ۽ هر روپ ۾ سچ ۽ ڪوڙ ٻنهي کي سڃاڻي ويندو آهي، چاهي انهن کي ڪهڙا به بهروپ لڪايو وينا هجن. عام ماڻهن جي سوچ اڃان ٻالپڻ جي وهيءَ ۾ آهي. ماڻهو سوچڻ، لوچڻ ۽ ذهني جاکوڙ ڪرڻ کان لهرائين ٿا. سورهن آنا صحيح ۽ تز ڳالهه ڪرڻ لاءِ ذهني جاکوڙ جي ضرورت پوي ٿي. ان ڪري ماڻهو تز ۽ صحيح ۽ صاف ڳالهه ڪرڻ بدران وڏاءَ واريون ۽ گول مول ڳالهيون

ڪرڻ وڏيڪ آسان سمجھندا آهن. هو هڪڙي وڏاءَ مان جان ڇڏائيندا آهن تہ وري ٻئي ابتڙ وڏاءَ، ٿوري سچ ۽ گھڻي ڪوڙ جو سهارو وٺندا آهن. ان ڪري دنيا ۾ سوچڻ جي غلط طريقن ۽ انهن ذريعي حاصل ڪيل غلط نتيجن جا انبار لڳا پيا آهن ۽ ماڻهو چوطرف انهن ۾ گھيريو پيو آهي ۽ حقيقتن کي سمجھڻ جي رستي تي هر هنڌ رڪاوٽون ڪڙيون ٿيون پيون آهن.

مثلاً: اسان جي سنڌ ۾ اڳي مذهبي وهم ۽ تعصب وچان سمجھيو ويندو هو تہ مسلمان عام ماڻهو توڙي وڏيرا سڀ سؤ فيصدي سٺا، سچا ۽ حق تي آهن ۽ هندو عام ماڻهو توڙي سيٺيون سڀ جا سڀ ۽ سؤ فيصدي ڪوڙا، ڪنا ۽ ناحق تي آهن. وڏي جاکوڙ کان پوءِ جڏهن معلوم ٿيو تہ اها ڳالهہ ڪوڙي آهي تہ ان جي جاءِ تي وري ٻي ابتڙ وڏاءَ واري ڪوڙ، وهم ۽ تعصب جنم ورتو آهي، جيڪو فڪري طرح ماڻهن جي ڪنڌ تي چڙهيو ويٺو آهي ۽ صحيح ڳالهہ سمجھڻ ۽ بيان ڪرڻ نٿو ڏئي. اڄ جو وڏاءُ، وهم ۽ تعصب هي آهي: ”هندو سيٺين سميت سمورا اسان جا هندو ڀائر سنڌ جي معاملن ۾ سدائين صحيح سوچ ۽ عمل رکندڙ ۽ سدائين نيڪ ۽ سدائين سؤ فيصدي حق تي هئا ۽ مسلمان سدائين سؤ فيصدي ناحق تي هئا ۽ انهن جون سڀ شڪايتون ناجائز هيون ۽ آهن.“

اڳوڻو وڏاءُ هو: ”هندو مسلمان پاڻ ۾ ازل جا ويري آهن. هڪڙي جي زندگي ٻئي جو موت ۽ ٻئي جي زندگي پهرئين جو موت آهي ۽ انهن جي وچ ۾ ٽاهہ جي ڪابہ ڳالهہ ڪانهي ۽ ٽاهہ مان فائدو فقط دشمن کي ٿيندو.“ ان جي ابتڙ هاڻوڪو وڏاءُ ۽ ڪوڙ آهي، ”هندو ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڪي بہ اختلاف ۽ جائز شڪايتون هيون ئي ڪونہ. سڀ انگريزن جي حرام پائي هئي!“ ساڳي ڳالهہ نظرياتي سطح تي ٿئي ٿي. اڳوڻو وهم ۽ وڏاءُ هو: ”هر فرد، طبقي ۽ قوم جو پنهنجو پنهنجو قطعي الڳ مزاج ۽ ازلي ۽ ابدي مرتبو آهي، اهو ڪڏهن بہ بدلجي نٿو

سگهي. ڪتي جي پڇ کي ٻارهن مهينا نڙ ۾ رکبو ته به ڏنگي جو ڏنگو ئي رهندو. ڪانو جو ٻچو ڪانو ٿيندو هنج ڪونه ٿيندو. هڪڙا فرد، گروهه ۽ قومون اصل جا ڪمينا ۽ ڪريل آهن. ٻيا اصل کان وٺي خانداني عزت وارا ۽ اشراف آهن. انهن جي وچ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، اهو فرق ڪڏهن به ڪونه مٽبو." ان وڏا، ڪوڙ ۽ تعصب جي فڪري بت جي جاءِ وري هن ابتڙ علم- دشمن، سائنس- دشمن، وڏا، ڪوڙ ۽ فڪري بت ورتي آهي. "انسان سڀ مڪمل طرح هڪ جهڙا آهن. انفرادي، گروهي، طبقاتي ۽ قومي فرق ٿيندا ئي ناهن. فردن، گروهن، طبقن ۽ قومن جا مزاج ۽ ڪردار تاريخ ۽ ماحول مطابق نه ٺهندا آهن. سڀ آدم جا هڪجهڙا ٻچا آهن. سيني جي نفسيات، سيني جا گڻ اوگڻ، هڪجهڙا آهن. انفرادي، گروهي، طبقاتي ۽ قومي گڻ اوگڻ ٿيندا ئي ناهن. سمورن انسانن جي فطرت ساڳي آهي، انهن ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. جيڪو فرق جي ڳالهه ڪندو اهو هٽلر جو پوئلڳ، نازي ۽ فاشسٽ هوندو." مطلب ڳالهه جو ته شيون يا ته مڪمل طور تي هڪ ٻئي کان الڳ ۽ ابتڙ آهن يا مڪمل طور تي هڪجهڙيون ۽ ساڳيون آهن. حالانڪه ڪئين ڳالهين ۽ ماڻهن ۾ هڪجهڙايون به هونديون آهن ۽ فرق ۽ تضاد به هوندا آهن. جيڪي هزارين سالن جي تاريخي ارتقا ۽ انقلابن جي پيداوار هوندا آهن. انهن فرقن ۽ تضادن کي ڪوشش ڪري هڪ حد تائين وڌائي به سگهجي ٿو ۽گهٽائي به سگهجي ٿو، پر فقط هڪ حد تائين ۽ ان کان وڌيڪ بلڪل نه. اهي فرق تضاد ۽ هڪجهڙايون هڪ حد تائين سدائين رهندا ۽ هڪ تمام وڏي تاريخي عرصي تائين صفا ختم نه ٿيندا.

جهالت، الڏي پوڇا ۽ انڌي نفرت ٻڌي حساب سان انتها پسنديءَ جون ڳالهيون ڪن ٿا. علم عقل ۽ سائنس ليکي چوکي ۽ حساب ڪتاب جي ڳالهه ڪن ٿا. "ٻه ۽ ٻه چار ٿيون ليکو." "هيءَ ڳالهه هيترا ٽڪا صحيح ۽ هيترا ٽڪا غلط. هيترا ٽڪا چڱي ۽ هيترا ٽڪا

خراب.“ دمڙيءَ جو حساب صحيح نہ رکبو تہ ڪروڙن جو سچو ليکو غلط ٿي پوندو. سنڌين ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي ڳالهہ نڪرندي تہ هڪڙي طرف ”سنڌي ويچارا سڀ سباجهڙا ۽ اشراف، اسان جا وڏيرا بہ سنڌي ثقافت جا علمبردار، پناهگير، سڀ مڪار، ڪنا ۽ ڪوجهڙا“ ٻئي طرف چئبو ”سنڌي سڀ رجعت پرست، وڏيرن جا ايجنٽ. اردو ڳالهائيندڙ مهذب، پڙهيل ڳڙهيل، “ويچارن پناهگيرن جو الائي ڇا ٿيندو؟“ هاڻ وري هر ڪنهن جي اک تي ڳوڙها! ڇئي ”سنڌي مهاجر اتحاد جو الائي ڇا ٿيندو؟ اصل مسئلو آهي ئي اهو ٻيو سڀ ڪوڙ آ.“

مسئلن کي پيش ڪرڻ لاءِ ڪا خاص ٻولي، ڪو خاص انداز گهربل هوندو آهي. علمي ۽ فڪري پاڙيائي جا ڪئين قسم آهن. هڪڙو آهي ڪنهن اهڙي معاملي ۾ جنهن ۾ ڏرين مان ڪنهن ڌر سان پنهنجائپ يا ڪنهن واسطي جي ڪري سچو موقف اختيار ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ۽ چڱن موچارن ماڻهن، جن جي راءِ کي ماڻهو تمام وڏي اهميت ڏئي، تن جي طرفان غلط فهميءَ جي بنياد تي ۽ مخالفن طرفان بي ايمانيءَ وچان، پاس خاطري ڪرڻ جي الزام جو خطرو هجي ۽ ٻئي طرف جيڪڏهن سچو ۽ صحيح موقف نہ ونجي، گول مول ڳالهہ ڪجي يا لٽي پٽي ماٺ ڪري رهجي، تہ ماڻهوءَ جي شهرت قائم رهڻ يا اڃان بہ وڌڻ جو امڪان هجي، اهڙي حالت ۾ صحيح ڳالهہ ڪرڻ بدران يا تہ گول مول ڳالهيون ڪرڻ يا چپن کي چُڱو لائي ويهي رهڻ.

مثلا: توهان جي ڪنهن غريب عزيز سان زيادتي ٿي آهي. توهان کي خبر آهي تہ ڏوهہ ٻي ڌر جو آهي پر چيو ائين وڃي تہ ڏوهہ توهان جي عزيز جو آهي يا ٻنهي جو هڪ جهڙو ڏوهہ آهي. ان حالت ۾ جيڪڏهن توهان پاس خاطريءَ جي الزام جي پرواهہ نہ ڪري، سچي ڳالهہ چئو ٿا ۽ پنهنجي غريب ۽ مسڪين مائٽ ماڻهوءَ، جنهن جو توهان کي گهڻو لاچار بہ ڪونهي ۽ هن جو ٻيو ڪو ڏٿي ڌوڻي بہ ڪونهي ۽ توهان آسانيءَ سان ان بي واهہ مسڪين کي دٻائي، ماٺ

ڪرائي، پنهنجي فراخدليءَ، چڱ مڙسي جي شهرت کي چار چنڊ لڳائي سگهو ٿا. پر پوءِ به توهان پنهنجي چڱ مڙسيءَ جي شهرت کي خطري ۾ وجهي، ايماندار ماڻهن جا غلط فهميءَ تي ٻڌل الزام ۽ بي ايمان مخالفن جا بي ايمانيءَ وارا بي واجبي الزام سهي، پنهنجي غريب عزيز جي حقي واجبي حمايت ڪريو ٿا ته توهان مڙس ماڻهو آهيو، جي نه ته نه.

ساڳي ڳالهه پنهنجي قوم جي سلسلي ۾ آهي. پنهنجي عزيز، پنهنجي طبقي، پنهنجي قوم جي ناجائز حمايت ڪرڻ به ٻاڙيائي آهي ته جائز حمايت نه ڪرڻ به ٻاڙيائي آهي. ٻين ماڻهن جي غلط فهمي ۽ برن ماڻهن جي ناجائز الزامن کان بچڻ لاءِ ۽ پنهنجي روشن خياليءَ جي شهرت کي خطري کان بچائڻ لاءِ، پنهنجي عزيز، طبقي يا قوم جي جائز موقف جي حمايت نه ڪرڻ يا جيتري ڪرڻ گهرجي اوتري نه ڪرڻ ۽ گول مول ڳالهيون ۽ "يعني مگر چونڪه" چنانچه ڪرڻ به ٻاڙيائي آهي. اعليٰ آدرشن، فراخدلي ۽ وسيع نظريءَ جا حوالا ڏيئي، پنهنجي مظلوم ۽ بي زباني ڌر جي طرفداريءَ ۾ بي ايماني ڪري، پاڻ کي اڳلن وٽ سرخرو ڪري، پاڻ کي سڄو چڱو ماڻهو، روشن خيال، وسيع نظر، ترقي پسند ۽ انسانيت دوست اعليٰ انسان سڏائڻ کان وڌيڪ ٻاڙيائي ٻي ڪانه ٿي ٿي سگهي.

جيڪو ماڻهو ڪنهن ڌر جو مڪمل طرفدار سمجهيو وڃي، حالانڪه هو رڳو نالي جو يا هڪ حد تائين يا مشروط طرفدار هجي، سو ان ڪوڙي شهرت جو ناجائز فائدو وٺي ان ڌر جو نقطه نظر بيان ڪندي، ان جي حمايت ۾ جيڪي به دليل وڏي ڪوجنا ۽ جاکوڙ کان پوءِ حاصل ٿي سگهن، سي نه گڏ ڪري ۽ نه پيش ڪري ۽ پنهنجي شهرت ۽ غيرجانبداري، جي ساک وڌائڻ لاءِ "پنهنجي" تي گند ٺڦي ۽ "پرائي" کي صابڻ هڻي، ڪيس سندس سمورين بدمعاشين کان پاڪ صاف ڪري، "پنهنجي" کي ڌڪ ڏيئي، "پرائي" کان پٺي ٺپرائي ۽

انهن جي وچ ۾ ويهي، مڇون وٽي، لانگ هٽي، پاڻ کي پهلوان سڏائي، سو پڪو پاڙيو آهي.

جيڪو جڏهن ڏسي ته جي پنهنجي ذاتي نفعي نقصان کي ڏسندس ته منهنجي سڄي ۽ مظلوم ڌر کي نقصان رسندو، ته پوءِ ان ڌر کي پلي ڪوبه پتو نه پوي، ته به ماٺ مٺيءَ ۾، سواءِ ٻڙڪ ٻاهر ڪڍڻ جي، پنهنجي حق تي بيٺل مظلوم ڌر جي نفعي نقصان خاطر، پنهنجي نفعي نقصان تان هٿ کڻي ڇڏي، بلڪ ضروي ٿئي ته ان کي خطري ۾ وجهي ڇڏي، توڻي جو ان قربانيءَ جو ڪنهن کي به احساس ٿيڻ جو امڪان ئي نه هجي ۽ اٽلو اهو امڪان هجي ته چالاڪ ۽ قاتل دشمن، ان قربانيءَ کي به خود غرضيءَ جو رنگ ڏيندو ۽ ماڻهن جي اڻوجهائي ۽ نادانيءَ سبب انهيءَ ڳالهه ۾ ڪامياب به ٿي ويندو، اهو سيڪجهه ڏسندي، ڄاڻندي جيڪو مظلوم ڌر جي ڀرپور حمايت ڪري ٿو سو مڙس آهي.

مڙس اهو جيڪو پنهنجي مفادن کي پنهنجي پارٽيءَ جي صحيح مفادن خاطر قربان ڪري ڇڏي. ان کان اڳتي، مڙس اهو جيڪو جڏهن ڏسي ته منهنجي پارٽيءَ جا مفاد منهنجي سڄي قوم جي مفادن سان ٽڪر ۾ اچن ٿا ۽ انهن کي ناقابل تلافي نقصان پهچائين ٿا، تڏهن پنهنجي پارٽي مفادن کي انهيءَ ٽڪر ۽ قومي نقصان جي تلافي نه ٿيڻ جوڳي حد تائين قربان ڪري ڇڏي. همت ۽ بهادري، مڙسيءَ جا اهم عنصر آهن، انهن کان سواءِ سچو مڙس ماڻهو ٿيڻ ممڪن ڪونهي.

اسان وٽ همت ۽ بهادريءَ جو تصور به نهايت هڪ طرفو، محدود، شروعاتي قسم جو ۽ پوئتي پيل آهي.

دنيا جي ڏاهن انهن تصورن کي گهڻن پاسن کان ڏٺو، سمجهيو ۽ سمجهايو آهي. مثلن: مشهور فرينچ اديب ۽ ناٽڪ نويس جين انوئل چيو آهي ”پنهنجي مرڻ جي ڏينهن تائين ڪنهن به ماڻهوءَ کي اها پڪ ڪانه ٿي ٿي سگهي ته هو پڇاڙيءَ تائين دلير رهندو يا نه؟“

عظيم ارسطو چيو آهي تہ "بهادر ماڻهوءَ کي بزدل ماڻهو، هڪڙو انڌ جي گهوڙي تي چڙهيل هر ماڻهو سڏي ٿو ۽ سچ پچ انڌ جي گهوڙي تي چڙهيل ماڻهو وري ڪيس بزدل ماڻهو سڏي ٿو."

اسڪاٽلينڊ جو ناول نويس جي ايم بيئري چوي ٿو "اصل ڳالهہ آهي بهادري. جي بهادري ويئي تہ سڀ ڪجهہ ويو." سادا ٽي سو سال اڳ جي انگريز عالم ۽ اديب ڳالهہ جو هڪڙو ٻيو پاسو ڪنيو آهي "موت کي حقارت جي نظر سان ڏسڻ بهادرن جو ڪم آهي، پر جتي زندگي موت کان وڌيڪ ڀيانڪ هجي، اتي سڀ کان سچي بهادري اها ٿئي ٿي تہ ماڻهو اهڙين حالتن ۾ جيئڻ رهڻ جي جرئت ڪري."

جڳ مشهور اعليٰ اسپيني ناول "ڊان ڪئگزاٽ" (اصل اسپني اچار ڪجهہ ٻيو) جي نامور مصنف سروانٽي (اصل اسپيني اچارکو ٻيو) ساڳي ڳالهہ هن نموني ڪئي آهي تہ "دليري، هوڙهيائي ۽ بي همتيءَ جي وچ پنڌ تي رهندي آهي." سترهين صديءَ جي مشهور انگريز شاعر جان ڊان اچان ٽي ڳالهہ ڪئي آهي "بهادري، بزدلي ۽ مايوسيءَ جي وچ مان سرجندي آهي."

دلير ماڻهو اڪثر ڪهرا ۽ سخت دل هوندا آهن. پر انگريز دانشور ٿامس ڪارلائل چيو آهي "مضبوط دل، قربانيءَ ۽ ٻاجهاري هوندي آهي. قرب خطري سان گڏ رهندو آهي ۽ ان سخت ماحول ۾ رهڻ ڪري وڌيڪ مقدس ۽ وڌيڪ من موهيندڙ ٿي پوندو آهي."

آمريڪي اڪابر بنجامن فرئنڪلن چيو آهي "جيڪا بهادري انصاف تي ٻڌل ناهي، اها ڪمزور آهي." مشهور جرمن ناول نويس هرمن هيس چيو آهي تہ "دليري ۽ اعليٰ ڪردار وارا ماڻهو ٻين کي خطرناڪ لڳندا آهن." آمريڪي صحافي ۽ ناول نويس هاربنگ جو چوڻ آهي تہ "جي توکي خبر هجي ها تہ تنهنجو دشمن ڪيڏو نہ بزدل آهي تہ تون جيڪر ڪيس چماٽ هڻي ڪڍين ها. بهادريءَ جو مطلب آهي دشمن جي ڪمزوريءَ کان واقف هجڻ." سترهين صدي جي مشهور

فرينچ اديب لارو چيڪو فائڊ جو چوڻ آهي تہ "سچي بهادري اها آهي تہ ماڻهو جيڪو ڪم ٻين سڀني اڳيان ڪري سگهي، اهو اهڙي وقت ڪري، جنهن وقت ٻيو ڪوبہ ڏسڻ ۽ داد ڏيڻ وارو نہ هجي."، ساڳئي فرانس ملڪ جي، ان ڪان بہ هڪ صدي اڳ جي دانا، مانٽين چيو آهي تہ "بهادري مضبوطيءَ جو نالو آهي. ٽنگن ۽ ٻانهن جي مضبوطيءَ جو نہ پر همٿن ۽ روح جي مضبوطي جي." عظيم نيپولين چيو آهي "دليري محبت وانگر آهي. ان کي پالڻ ۽ نپائڻ لاءِ اميد جي خوراڪ جي ضرورت آهي." افلاطون چيو آهي تہ "دليري هڪڙي قسم جي نجات ۽ ڇوٽڪارو آهي." گذريل صديءَ جي آمريڪي شاعر، نقاد ۽ ڪهاڻيڪار، ايڊ گر الن پو وري عجيب ڳالهہ چئي آهي "جيڪوماڻهو ضرورت مهل بزدل نظر اچڻ کان ڊڄي ٿو يا اهڙو ضروري ڪم نٿو ڪري سگهي، جيڪو ظاهر ۾ بزدليءَ جو ڪم لڳي، سو سچو پچو بهادر ناهي." جرمن دانا، نتشي چيو آهي تہ "جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن مايوس ماڻهوءَ کي ڏسي ٿو، تڏهن هو دلير بڻجيو وڃي."، مشهور جرمن شاعر رينپيئر ماريا رلڪي هڪڙي خط ۾ لکيو آهي، "اسان کان پس پيش فقط هن دليريءَ جي تقاضا آهي تہ اسين ڪهڙي بہ عجيب غريب، ڪهڙي بہ اچرج جهڙي ۽ ڪهڙي بہ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ صورتحال کي دليريءَ سان منهن ڏيون."

آمريڪي اديب فرينس راڊ مين چيو آهي "دليري سدائين نغارا وڄائي جلوس ڪيي ڪانہ هلندي آهي. ڏيڪاءُ ۽ نمائش جنهن ڪپڙي جا ويس وڳا پائي هلندا آهن، دليري ان ڪپڙي مان ٺهيل نہ هوندي آهي."، ٻئي آمريڪي عظيم شاعر ڪارل سينڊ برگ چيو آهي "دليري هڪڙو تحفو آهي. جن وٽ اها هوندي آهي، تن کي آزمائش جي گهڙيءَ تائين اها خاطري ڪانہ هوندي آهي تہ وٽن اهو تحفو آهي يا نہ ۽ جن وٽ هڪڙي امتحان وقت اهو تحفو هوندو آهي تن کي ڪڏهن بہ اهو پتو ڪونہ هوندو آهي تہ جڏهن ٻي آزمائش ايندي تڏهن بہ اها سوکڙي

وڌن هوندي يا نه.“ الڪل به هزار ورهيه اڳي، رومي اديب ۽ دانشور سينيڪا چيو هو ته ”جنهن زندگيءَ وٽ مرڻ جي جرئت ناهي، سا غلاميءَ جي برابر آهي.“ سنڌي سياڻا چئي ويا آهن، ”ايمان مهمان آهي.“ ”ڪڏهن من ماڪوڙي ڪڏهن ڪيهر شينهن.“ ساڳي ڳالهه شيڪسپيئر هنن لفظن ۾ چئي آهي، ”بهادري موقعي ۽ مهل آهر لهي ۽ چڙهي ٿي.“ بي مثال برطانوي اديب ۽ دانشور جارج برنارڊشا جو چوڻ آهي ته ”اها دليري آهي جيڪا زندگيءَ جي خون کي ڪرمزي رنگ جي شان ۽ شوڪت جي بلندين تائين رسائي ٿي.“ تاريخدان ٿيوسي ڊائينسيس يونانيءَ چيو هو ”اهي روح بلاشڪ سڀ کان بهادر روح ليکجڻ جوڳا ۽ احترام ڪرڻ جوڳا آهن، جيڪي زندگيءَ جي سورن ۽ راحتن ٻنهي بابت، صاف ۽ چٽي سمجهه رکندي به، خطري کان منهن نٿا موڙين.“

ساڳي ڳالهه آمريڪي مزيدار ماڻهوءَ، جڳ مشهور اديب، مارڪ ٽوئن هن يگاني انداز ۾ بيان ڪئي آهي ”دليري اها ناهي ته ماڻهوءَ کي خوف هجي ئي نه. اصل دليري آهي خوف سان مقابلو ڪرڻ ۽ خوف تي غلبو حاصل ڪرڻ. جيستائين ڪو ساهه وارو ٽورو ٽورو بزدل ناهي تيستائين ان جي باري ۾ اهو چوڻ ته هو بهادر آهي، اها ڪا سندس تعريف ڪانهي“. مطلب ڳالهه جو هي آهي ته جيڪو ايترو نادان ۽ چسو آهي، جنهن کي خطري جو احساس ئي ڪونهي، اهو جيڪڏهن خطري جي سامهون هليو وڃي ته اها سندس شعوري بهادري نه پر جاهلاڻي هوڙيائي آهي.

ڪــرڙي ڪــائي رت، پت نه وڃــهي وات ۾،
پــڙ ۾ پهــلوانن جي، ويــئي پرڪي پــت،
جنين نيڻ لست، ليـنهن نه لائي تـن سيـن.

(خليفو نبي بخش)

•

بابري مسجد جي ڏک جي بهاني
دهشتگردي نہ گهرجي

بابري مسجد جي شهادت هڪ اهڙي سوچيل سمجهيل اشتعال انگيزيءَ واري ڪريل ۽ ڪميني حرڪت آهي، جنهن نہ رڳو مسلمان ملڪن پر هين مذهبن سان واسطو رکندڙ ملڪن جي ماڻهن جي دلين کي بہ ڌڪو رسايو آهي. انهيءَ مهم ۾ سرگرم حصو وٺندڙ پارٽيءَ جي اڳواڻ مسٽر آڏوانيءَ استعيفا ڏني آهي. اها ڳالهہ ڏيکاري ٿي تہ مسٽر آڏوانيءَ کي ان ڳالهہ جو احساس آهي تہ مسجدن ۽ ٻين عبادتگاهن کي ڍاهي پنهنجي قوم ۽ مذهب جي بهتر خدمت نٿي ڪري سگهجي. پر آڏواڻي صاحب جهڙن اڳواڻن جي ذميواري رڳو استعيفا ڏيڻ سان پوري نہ ٿيندي. ان قسم جا اڳواڻ هن باهہ کي ڀڙڪائڻ بلڪ دڪائڻ وارن مان آهن جيڪڏهن هو ان قسم جي حرڪتن لاءِ جذباتي ميدان تيار ڪرڻ بدران مضبوطي ۽ ثابت قدميءَ سان فرقيوار جنون ۽ بدمعاشيءَ جي مخالفت ڪن ها ۽ عوام جي جذبات سان کيڏڻ ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪن ها تہ هن قسم جو اشتعال انگيز ۽ شرارتي ڪم نہ ٿي سگهي ها.

جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي مخالف پارٽيءَ جي حڪومت ڍاهڻي آهي تہ ان تي ٻيو ڪو بہ اعتراض ڪري نٿو سگهي. پر ان ڪم لاءِ اهڙا هاچا ڪرائڻ ڪنهن کي بہ زيب نٿو ڏي، خاص ڪري آڏواڻي جهڙن ماڻهن کي، جيڪي سنڌ جهڙي آشتيءَ ۽ محبت جهڙي سرزمين تان ويا آهن. آئون جڏهن اٺ سال اڳ هندستان ويو هئس، تڏهن ڪيترن پنهنجن هندن ڀائرن سان مليو هئس. انهن مان هڪ آڏواڻي صاحب بہ هو. ڳالهين ٻولهين ڪندي مون کي تمام رکي نموني چيو هئائين، "مسلمانن کي بابري مسجد خالي ڪرڻي پوندي." هن ائين

پئي ڏيکاءُ ڏنو ڇوڻ ھن وانگر منھنجي لاءِ بہ مسجد ۽ مندر جي آڙ ۾ جھيڙو ڪرائڻ دنيا جو سڀ کان وڏيڪ ضروري ۽ ڪارائتو ڪم ھو. مون ڪي اھو سوچي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ ھھڙا ماڻھو، جيڪي پنھنجي وطن کان دور آيا آھن ۽ جن مذھب جي نالي ۾ تيل ڪارستانين جا نتيجا ڏٺا بلڪہ لوڙيا آھن، سي بہ تاريخ مان اجان تائين ڪو سبق نہ سکيا آھن، تہ پوءِ ٻين کي ڪھڙي ميار ڏيئي سگھجي ٿي؟

ھي ڪو پھريون موقعو ڪونھي جو مذھب کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويو ھجي. نہ ھندن وٽ عبادت جي جڳھين جي کوٽ آھي، نہ مسلمانن وٽ نہ وري ٻين مذھبن جي ماڻھن وٽ. اقبال ان ڳالھہ لاءِ اڳي ئي اشارو ڪيو ھو تہ.

”مسجد تو بنادي شب ڀر مين، ايمان کي حرارت والون نين،

من اپنا پرانا پاپي ھي، برسون مين نمازي بن نہ سڪا.“

مسجدون ۽ مندر گھٽا آھن، عبادت ڪرڻ وارا ٿورا آھن. تنھن ڪري اصل ڳالھہ مندرن ۽ مسجدن جي گھٽتائي ۽ ٿورائي نہ بلڪہ اصل ڳالھہ ھندو مسلمان جھيڙو ڪرائي ناجائز ۽ ڪريل سياسي ۽ اقتصادي مفاد حاصل ڪرڻ آھي. اھڙن ماڻھن جي نہ ھندوستان ۾ کوٽ آھي نہ پاڪستان ۾. ٻنھي ملڪن ۾ ڪن ماڻھن جو گذر سفر ئي مذھبن جي آڙ ۾ في سبيل الله فساد مچائڻ آھي ۽ اھا ڳالھہ اسان جھڙن ملڪن ۾ آسانيءَ سان ٿيي وڃي ٿي. اسين ڏسون پيا تہ ھينئر بابري مسجد جي غم ۾ سنڌ جي اندر اھڙا ماڻھو بہ نقاب اوڍي اٿي کڙا ٿيا آھن، جن خدا ۽ رسول جي ھر فرمان جي نافرماني ڪندي، انسانيت جا سمورا ليڪا لنگھي، انسانيت سوز ڪڌا ڪرتوت ڪيا آھن. ماڻھن کي گھرن مان لڏايو آھي، باھيون ڏنيون آھن، قتل ڪيا آھن ۽ نياڻين جون چاتيون وڍيون آھن. دنيا جو ڪوبہ ڪميني کان ڪمينو ۽ ڪريل کان ڪريل ڏنڌو اھڙو ڪونھي جو ھنن طرفان نہ ڪيو ويو ھجي. اھي ئي ماڻھو ڀير ٻڌي بابري مسجد جي شھادت جي ڏک جي آڙ ۾ وري بہ غريب ۽ پرامن انسانن لاءِ آزار ٻنجي ۽ غنڊا گردي ۽ دھشتگردي مچائڻ لاءِ

ميدان ۾ پهچي ويا آهن. سنڌ جي هر شهريءَ کي اهو محسوس ڪرڻ کپي ته غنڊن کي غنڊا گردي لاءِ فقط بهانا کپن. هنن کي نه مسجدن سان محبت آهي نه مندرن سان. هنن جو دين فقط فساد آهي. نه اهي ماڻهو جيڪي مسجدون ڊاهين ٿا سي سچا هندو آهن ۽ نه اهي جيڪي مندر ڊاهين پيا سي وري سچا مسلمان. انهن ٻنهي ڌرين جو ساڳيو هڪڙو مذهب آهي يعني شرارت، ڌاڙاگيري، غنڊا گردي ۽ دهشتگردي.

سنڌ جي ماڻهن کي مضبوطيءَ سان اهڙين قوتن جي همت شڪني ڪرڻ کپي ۽ ان ڳالهه جو انتظام ڪرڻ کپي ته جيئن غنڊا ۽ دهشتگرد، مسجدن جي ڪٽتيءَ جو ڍونگ رچائي، وري عوام جي ڇاتيءَ تي سوار نه ٿين، وري رتوڇاڻ نه ٿئي، وري ڪربلائون نه ٿين. ان ڪري هر هنڌ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري، اختياري وارن تي زور آڻڻ کپي، ته بابري مسجد جي شهادت جو غم ظاهر ڪرڻ جي بهاني سنڌي ماڻهن، چاهي انهن جو مذهب اسلام هجي، هندو هجي يا عيسائي، انهن جي ڪنهن به عبادتگاهه، ڪنهن به ملڪيت، جان ۽ لڄ سان کيڏڻ جي ڪنهن به غنڊي ۽ دهشتگرد کي اجازت نه ڏني وڃي.

حڪومت جو فرض آهي ته هوءَ پاڪستان جي هر شهريءَ جي حقن جي حفاظت ڪري ۽ "فطري رد عمل" جي نالي ۾ پاڪستاني شهرين جي عبادتگاهن، انهن جي جانين ۽ مالن کي نقصان رسائڻ جي غنڊا گرديءَ ۽ دهشتگردي واري حرڪت کي ڪچي ۾ ئي ڪچليو وڃي.

سنڌ ۾ هيستائين غنڊن ۽ دهشتگردن کي هر انتظاميه پنهنجن اکين جو نُور سمجهندي رهي آهي. ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ ٻين هنڌن تي جيڪي ڪجهه ٿي چڪو آهي، ان ۾ انتظاميه جو ڪهڙو ڪردار هو، سو ڪنهن کان لِڪل ڪونهي. هاڻ به انتظاميه جيڪڏهن صحيح ڪردار ادا ڪرڻ ٿي چاهي، ته ان کي ۽ خاص ڪري قانون نافذ ڪندڙ ادارن کي، پنهنجو فرض ايمانداريءَ سان ادا ڪرڻ کپي. ملڪ ۾ امن امان بحال ڪرڻ کپي ۽ بابري مسجد جي نالي ۾ غنڊا گردي ۽ دهشتگردي جي اجازت نه ڏيڻ کپي. سنڌ جي ماڻهن توڙي اختياريءَ وارن کي

سمجهڻ کپي ته جيڪڏهن اڳي وانگر هن دفعي به وري غنڊن ۽ دهشتگردن کي سنڌ جي امن ۽ آشتيءَ کي تباهه ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي ۽ امن ۽ قانون جي بالادستيءَ جي حفاظت ڪرڻ لاءِ پنهنجا فرض پورا ڪرڻ لاءِ ڀرپور جدوجهد نه ڪئي ويئي ته ان جا نتيجا تمام اڳرا نڪرندا ۽ دهشتگرد وري سنڌي ماڻهن جي سيني تي سوار ٿي ويندا. قانون جي مٽي پليت ڪندا ۽ سنڌ کي وري به باهه ۽ رت ۾ غرق ڪري ڇڏيندا. هي مشڪل وقت آهي. ڀهري سجاڳ ٿيڻو آهي ۽ اڳي وانگر وات ڦاڙي ڏسڻو ناهي. سڀ ڪجهه ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ڦريل واٽڻي وانگر رڳو دانهون ڪرڻيون ناهن پر پيشقدميون ڪرڻيون آهن ۽ هر شرارت کي ڪچيءَ ۾ ئي ڪچلي ڇڏڻ لاءِ ڀرپور جاکوڙ ڪرڻي آهي.

جيتريقدر بابري مسجد جو سوال آهي ته حڪومت هند، جنهن جي دعويٰ آهي ته اها سيڪيولر آهي يعني مذهبي رواداري جي علمبردار آهي، تنهن جو اولين فرض آهي ته هوءَ مذهبي رواداريءَ جي روايتن کي تباهه ٿيڻ کان بچائي ۽ بابري مسجد جهڙن شرمناڪ واقعن جي ڀرپور تلافي ڪري ۽ انهن کي دهرائڻ نه ڏئي. مسلمانن سميت سڀني مذهبن جي عبادتگاهن ۽ انهن جي جانين ۽ مالن جي حفاظت ڪئي وڃي ۽ قطع نظر انهيءَ جي، ته ٻين ملڪن ۾ ڪي شرپسند هن موقعي جو ناجائز فائدو وٺي ڪهڙيون به دهشتگرديءَ واريون ڪارروايون ۽ ٻريل باهه تي تيل وجهڻ جون ڪوششون ڪن ته به انهن کي ؛ٻانو بنائي فرض ادائي ۾ ڪوتاهي نه ڪئي وڃي. حڪومت سنڌ تي پنهنجي ملڪ جي امن امان کي بحال رکڻ، مذهبي رواداري، امن ۽ آشتيءَ کي قائم رکڻ، جي جيڪا ذميواري آهي تنهن کي پورو ڪيو وڃي. آزمائشون اچن ٿيون. پنهي ملڪن جي عوام کي پنهنجا حوصلا برقرار ڪرڻ کپن. پنهنجون سموريون سياسي، اخلاقي ۽ روحاني صلاحيتون ۽ قوتون ڪتب آڻي سمجهه، سچائي، رواداري ۽ انسانيت جي آدرشن کي قائم ۽ سربلند رکڻ گهرجي.

•

ناٽڪي وڪالت

تن ڏينهن ڪراچيءَ جي سٽي ڪورٽ جو ماحول ئي جي ميچي مارڪيٽ جون سڪون لاهيندڙ هو. هينئر به شڪر آهي، ذري گهٽ ساڳيو رنگ آهي، پر تن ڏينهن ڳالهه اوڙ هئي.

آئون ٽنڊي ۽ ميرپورخاص ۾ وڪالت ڪري، وڌيڪ سکيا ۽ تجربي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچي آيو هوس. ڪراچيءَ جي ڪنهن چوٽيءَ جي وڪيل وٽ جونيئر ٿي ڪم سکڻ جو خيال هو. اجا پهريان هوائي توائي ڏينهن هئا. ڪڏهن هاءِ ڪورٽ ته ڪڏهن سٽي ڪورٽ جا سڪتا چڪر پيا ڪاٽبا هئا. لکنوي دهلوي مخرج باز ٽائوٽن جون ڳالهيون ٻڌي اندر ئي سڙيو ٿي ويو. ٻي ڳالهه نڪا ٻولهه "بس رکو "اسڪا وڪيل نهين آيا، يه لو پانچ روپي! ڪڙي هو جاؤ!" سٽي ڪورٽ ۾ ڪورٽن جو ڇڻ جهنگ لڳو پيو آهي. هڪڙي ڏينهن ڦرندي ڦرندي وڃي هڪڙي ڪورٽ اڳيان بيٺس. پٽيوالي ڪان پڇيم، "هيءَ ڪنهن جي ڪورٽ آهي؟" ته چيائين "غزنوي صاحب جي." بورڊ پڙهيم "ائنٽي ڪ-پشن جج ڪراچي جي عدالت."

غزنوي صاحب کي ڏٺو ڪونه هئم. پر همراهه جون ڳالهيون ٻڌل هيون. سڻئون سڌو پٽاڻ، جهڙي هٿ ۾ تهڙي وات ۾. ڪيس هلائيندي رڳو نسوار جي چپٽي وات ۾ ٽني وڌائين، ٻي ڪا ڪسر رهيل ڪانه هئي.

ڪنهن مهل ڪو ڪيس پڪاريو ۽ هڪڙو وڪيل اٿي بيٺو. مون مٿس نظر اڇلائي. اچي دوپلي لکنوي ٽوپي مٿي ۾. منهن تي ٻچي سونهاريءَ جا مختصر پر معتبر قسم جا وار. اکين تي ڪاري عينڪ. وات ۾ تازي ڇپاڙيل پان مان باقي بچيل مال جي ڳجهي ۽ سست رفتار گردش. جيڪا ان مهل شروع ٿي ٿي، جنهن مهل جج جي نظر پئي

پاسي تي وئي. مٿس نظر پوڻ شرط وات واري اها گردش روڪجي تي وئي. ريڊر جج صاحب کي ٻڌايو ته، ”ڪيس آخري بحث لاءِ رکيل آهي.“ جج صاحب مخصوص پڻائڪي رُکي لهجي ۾، وڪيل صاحب کي چيو، ”بولو!“

”حضور عالي! سڀ کان پهرين مون کي اجازت ڏيو ته آئون مهڙي اعليٰ عدالت ۾ اوهان جهڙي روشن خيال انصاف پسند ۽ حقيقت......“

”بولو!“

وڪيل صاحب ادب سان ڪن تي هٿ رکي چيو، ”حضور جن ڪجهه فرمايو......؟“

”بولو!“

”آئون عرض ڪري رهيو هوس ته منهنجي لاءِ ان کان وڌو ٻيو ڪهڙو اعزاز ٿي سگهي ٿو.......“

جج ڪهرائيءَ مان چيو،

”بات ڪرو!“

”حضور! مون جهڙو حقير ۽ هيچمدان ڪمترين، حضور اڳيان ڪهڙي ڳالهه ڪري سگهي ٿو؟ حضور ماشا الله قانون تي گهرو ۽ وسيع عبور رکن ٿا......“

جج جي صبر جو پيمانو ڀرجي ويو.

”هر ڪو گولي مارو! تم ڪيس ڪي بات ڪرو!“

”ڪيس جي؟ جي بيشڪ!“

هاڻ وڪيل صاحب جو لهجو هڪدم بدلجي ويو. سندس چهرو روئڻهارڪو ٿي ويو. اکين ۾ جڻ ته ڳوڙها ڀرجي آيس. هٿن ۾ هڪڙي اڻ لکي لرزش هيس، ڏلر ته جج صاحب حيران ٿي اکيون ڦاڙي هن کي پئي ڏٺو.

”حضور! منهنجي اصيل سان جيڪي ظلم ٿيا آهن، جيڪي بيداد

ٿيا آهن، سي ٻڌي جيڪر پٿر بہ پاڻي ٿي وڃي.“

”حقائق بيان ڪرو اور قانون بتاؤ.“

”حقيقتون حضور جي سچ جهڙي روشن ضمير تي اڳئي واضح ۽ پڌريون آهن، باقي رهيو قانون سو آئون توهان کي قانون ويهي سيکاريان اهڙي بي ادبي ۽ گستاخي مون گنهگار کان ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟“

هاڻ جج صاحب جي منهن تي هڪڙي مرڪ تري آئي ۽ هو مزي سان هن جي ڳالهہ ٻڌڻ لڳو. وڪيل صاحب لڳو پيو هو:

”سڀ حقيقتون حضور جن کي معلوم آهن. قانون اوهان جي اڳيان ڪير بيان ڪرڻ جي گستاخي ڪري. اهو ڄاڻندي، تہ اوهان ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين قانون جي محبت سان سرشار ۽ ان جي هيئت ۽ تقاضائن کان بخوبي آگاهہ آهيو؟ بس حضور ظلم آهي. حضور ظلم. سراسر ظلم. منهنجي بدنصيب اصيل سان ظالم پلي ظلم ڪندا رهن پر منهنجو اصيل وات مان رڳو آهہ ڪڍي تہ بہ گناهگار ۽ عدالت ۾ چالان!“

مون سوچيو هاڻ باقي اها ڪسر رهيل آهي تہ ڪو دردناڪ شعر پڙهي وجهي. مثلن:

”هم آهہ بهي ڪرتي هين، تو هو جاتي هين بدنام.
وه قتل بهي ڪرتي هين، تو چرچا نهين هوتا.“

۽ هن واقعي وڏي رقت سان دردناڪ شعر پڙهيو ۽ سو بہ بنهہ اهو ساڳيو!

”هم آهہ بهي ڪرتي هين تو هو جاتي هين بدنام......“

۽ پوءِ وڪيل صاحب ڳالهائيندو رهيو. ڪي اردو، ڪي اڌ صحيح فارسي ۽ ڪي صفا غلط انگريزي شعر پڙهندو، رومال سان اکيون اگهندو، جج صاحب جي خوبين ۽ لياقتن جي ساراهہ جا ڍڪ پريندو، ”هلندو“ هليو. تان جو شام جو اچي 4 ٿيا ۽ وڪيل صاحب چيو،

”حضور هاڻ بس!“

جڻ جج صاحب کي اعتبار ئي نٿي آيو تہ ڪو هو اِج واقعي

بس ۽ ڪندو يا سياڻي ۽ "هلندو."

"حضور جن جي خدمت ۾ ڳالهائڻ جي سعادت ۽ اعزاز حاصل ڪرڻ جي موقعي ملڻ ڪانپوءِ بس ڪرڻ تي دل ئي ڪانہ ٿي ٿيئي پر حضور جن جو وقت قيمتي آهي. ڪمترين وڏيڪ گستاخي ڪرڻ جي جرئت نٿو ڪري سگهي." جج صاحب مرڪيو. جوابدار کي چيائين،

"اٿي بيهہ!"

"توتي ڪيس ثابت آهي تہ تو رشوت ورتي آهي. تو ههڙو وڪيل صاحب ڪيو آهي جيڪو حقيقتن، قانونن ۽ دليلن بدران ڳوڙها پيو ڳاڙي ۽ شاعري ڪري مون کي بي وقوف بنائڻ جي ڪوشش پيو ڪري، ڇا آءٌ توکي شڪل صورت مان اهڙو بيوقوف نظر اچان ٿو جو دليلن بدران شاعري ٻائري ٻڌي توکي ڇڏي ڏيندس؟ ثابت آهي تہ تو وٽ حرام جا پئسا آهن جو نوس حقيقتن، نوس دليلن پيش ڪرڻ بدران ههڙا ناٽڪ پيو رچائين. ان ڪري ٽي سال سزا ۽ ويهہ هزار ڏنڊ اصل ڏوهہ جا ۽ 3 سال سزا ۽ ويهہ هزار ڏنڊ روئڻ پچڪڻ جو هي بيهودو ناٽڪ رچائڻ جي ڏوهہ ۾ ڪل ڇهہ سال سزا ۽ چاليهہ هزار ڏنڊ پوليس وارا وٺي وڃوس!" ڪنهن ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ لاءِ ٺنڌي دماغ سان، سڌي نموني صاف ۽ چٽيون حقيقتون بيان ڪرڻ، انهن مان جيڪي نتيجا جائز طور نڪري سگهن سي ڪڍڻ ۽ پنهنجي راءِ جي حمايت ۾ نوس ۽ قائل ڪندڙ دليل ڏيڻ بدران، اک تي ڳوڙهو آڻي، پڇڪ پڇڪ ڪرڻ، روئي رڙي، اوڇنگارون ڏيئي، سڏڪا ڀري، ماتم مچائي، جذباتي دٻاءُ ۽ بليڪ ميلنگ ذريعي ماڻهن جي ذهن کي ٿڪائي، منجهائي، پريشان ڪري، مائوف ۽ موڳو بنائي، پنهنجي ڳالهہ زبردستيءَ ماڻهن تي مڙهڻ جو اهو لاڙو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ دهلي ۽ لکنؤ جي استادان فن کان سنڌ ۾ پهچي ويو ۽ ادب کان ٿيندو هاڻ خيرن سان صحافت جو سينگار بنجي ويو آهي.

•

سڏڪائي صحافت

پراڻي زماني جا عربي ۽ فارسي دان عالم ۽ شاعر قسم جا بزرگ جن مختلف شهرن ۾ رهي چڪا هوندا هئا، تن جو ذڪر هن نموني ڪندا هئا ”احقرالعباد محمد عثمان درهيلائي، حيدرآبادي ثم (يعني تنهن ڪانپوءِ) شڪارپوري“ تيئن سڏڪائي صحافت به ”دهلوي، لکنوي ثم سنڌي“ قسم جي آهي.

سڏڪائي صحافت نُوس حقيقتن ۽ دليلن ڪان ايئن ڀڄندي آهي جئن ڪانو ڀڄي ڪمان ڪان. ان جا هٿيار آهن پنهنجي پاران ڪوڙيون ۽ بوگس دعوائون، ٻين تي گول مول الزام تراشي، جاهلانه دڀون (Sweeping Statement) ”سوال از آسمان جواب از ريسمان“ ”ڪيڏانهن منهن مريم جو ڪيڏانهن تنڊو الهيار!“ اهڙي صحبت ۾ سڏڪائي صحافت جي واردات جي ڪن طريقن سان دعا سلام جي شروعات ڪري ٿا ڇڏيون. تفصيلي حال احوال ۽ ڪچهريون پوءِ. هڪڙي سنڌي رسالي ”ساڃاهه“ جي نومبر ڊسمبر 1992ع جي پرچي ۾ سڏڪائي صحافت جو هڪڙو مزيدار قسم جو نمونو ڇپيو آهي. في الحال ان جي بنهه شروعات تي نظر وجهون، تفصيلي جائزو، جي وقت مليو، ته ڪنهن ٻي صحبت ۾. مضمون جو مرڪزي نڪتو اها ئي ايجنسين طرفان ڪئين سالن کان وڏي زور شور سان ڦهلايل پراڻي پاروٿي ڦشري آهي ته ”قومي سياست خراب شيءِ آهي، ان مان ڪجهه ڪونه ٿيندو. جيڪي جدوجهد ۾ آهن اهي چمچا آهن. جيڪي ٻيءَ ويا سي اڙڌا ۽ سورهيه آهن. سياستدانن ملڪ تباهه ڪري ڇڏيو آهي .وغيره وغيره.“

ڪجهه سياست صحيح ناهي. ڪيترن ئي سياستدانن ڳڙٻڙ ڪئي آهي. ان ڪجهه سچ ۾ گهڻو ڪوڙ وجهي، ان کي بنياد بڻائي، هڪڙي

زبردست قوم دشمن، وطن دشمن ۽ عوام دشمن لائين لاهي ويٺي آهي،

جنهن جو مقصد سموري سياست، هر قسم جي سياست کي سورهن جا سورهن آنا خراب ۽ تباهه ڪندڙ ثابت ڪري، ماڻهن کي سياست کان بدظن ڪري، سياسي ميدان مان ڊوڙائي ڪڍي، آقائن کي سڄو ملڪ مٺائي ڪري ڏيڻ آهي. اها وطن دشمن واٽ ايجنسين جا اڌ پڙهيل "اڪابر" ۽ جڙتو "فلسفي" گذريل ڪيترن سالن کان اکين ۾ واڳونءَ وارا ڳوڙها آڻي، روئي، پڇڪي، سڏڪا ڀري، سنڌي ماڻهن کي ڏيکاريندا رهيا آهن. هي بوگس "تجزيو" به ان "قومي همدرديءَ" واري سلسلي جي هڪڙي ڪڙي آهي.

پر اهڙي واهيات ڳالهه ڦٻي ڪيئن؟ جواب آهي: "ثابت" ڪريو ته:

(1) توهان علم، سائنس ۽ فلسفي جي هڪڙي ارڙ بلا آهيو. ان لاءِ اهڙن عالمن ۽ اڪابرن جا نالا ڪٺو ۽ حوالا ڏيو جو ماڻهو ٻڌي بيهوش ٿي وڃن. ظاهر آهي توهان کي انهن جي اصل تعليم بابت ڪلمي جي خبر هوندي پر اصل ڳالهه آهي منهن جي پڪائيءَ جي. اها آهي ته پوءِ خير آهي.

(2) "ثابت" ڪريو ته توهان ماءُ پيٽان ڄمڻ شرط سنڌي قوم جي غم ۾ دانهون ڪندا، ٻاڪاريندا رهيا آهيو.

(3) ڇٽن کي اهڙا دردناڪ شعر ٻڌايو، جن مان اوهان جو هڪڙو اهڙو تصور ابري جو ڄڻ اوهان جا ڪپڙا قوم لاءِ ڪشالا ڪندي، قيد ڪاٽيندي، جبل جهاڳيندي ڦاٽي ويا آهن. ڄڻ توهان هن شعر:

ڪپڙا ڦاٽل، تن تي ٻاتل، ليڙون ليڙون پوتي ڙي!
ڏکيا منهنجا ڏوٽي ڙي!

جي مجسم تصوير آهيو. توهان جي اکين ۾ ڳوڙها آهن. توهان جا چپ سڪل آهن. گلو ڀريل آهي. توهان جي پيرن ۾ لڦون پيل آهن.

(4) هائي توهان سندرو ٻڌي پنهنجي فتني ۽ ڪوڙ جي ڪتا شروع ڪري سگهو ٿا. اميد ته ڇٽن کي ڪو سماء ڪونه پوندو ته توهان اصل ڇا آهيو؟ ڪنهن جا آهيو؟ ڪهڙي واٽ ويندڙ آهيو، ڪم ڪنهن جو پيا ڪريو ۽ توهان جي ڳالهين جي منهن مهاڙ ڪهڙي پاسي آهي.؟ هاڻ ڏسو ته ان نسخي تي عمل ڪيئن ٿو شروع ٿئي.

پهرين اچڻ ڪپن هوائي حوالا جيڪي "ثابت" ڪن ته پاڻ جاهل مطلق ۽ ٻڌاڪي ناهيون. وڏا اڪابر ۽ علمن جا سمونڊ آهيون.

اجهو فاضل تجزيه نگار جا هي حوالا:

"جرمن فيلسوف آرٿر شوپنهار جو هي جملو: "هڪ علم دوست شخص ڀلي ته ڪيڏو به ايماندار، ٻاجهارو ۽ شرميلو ڇو نه هجي، پر ماڻهو ڪيس سندس انهي ڏوهه ڪري ڪڏهن معاف نه ڪندا ته هو ڪائنڻ ذهني طور تي اتم ڇو آهي؟" منهنجي ڊائريءَ ۾ نوٽ ٿيل آهي."

هائي پاڻ اڻ سڌيءَ طرح "ثابت" ڪيو يا گهٽ ۾ گهٽ پڙهندڙن جي ذهن ۾ اهو پختو خيال وڌو ته پاڻ وڏا علم جا اڪابر آهيون. ٻيا علم ته ٺهيو پر فلسفي کي به پاٿيءَ وانگر پيئو ويٺا آهيون! فلسفو به ڪهڙو؟ ڪٽ مست جرمڻ وارو، ڪٽ مست فلسفو!

ٻيو خيال پاڻ ڇٽن جي دماغ ۾ اهو وجهي وياسين ته پاڻ علم دوست هجڻ جي ڪري ايماندار، ٻاجهارا ۽ شرميلا آهيون ۽ ٻين کان ذهني طور اتم آهيون. ان ڪري ماڻهو پنهنجي برخلاف آهن.

مطلب ته اڪابر به ٿياسين، ايماندار ۽ ٻاجهارا به ٿي وياسين ۽ مظلوم به بنجي وياسين! ان ڪم لاهڻ ڪان پوءِ، هاڻ پاڻ کي "ثابت ڪرڻو آهي ته پاڻ سنڌ تي اصل ساهه پساهه ٿا ڏيون! تڏهن ته ماڻهو پنهنجي ڪوڙن جي ڳوٺرن کي مالڪن جو مٽ سمجهندا. تنهن ڪري فرمائجي ٿو: "آئون انهي جملي جي روشنيءَ ۾ سنڌ تي سوچيان ٿو جيڪا مون لاءِ هميشه خدا کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ محترم رهي

آهي...... هي ذلتن ۽ ويساهه گهاتين جي گهايل ۽ لاچار زمين اسان جي دل کي مڙني مظلوم علائقن کان وڏيڪ ويجهو آهي."

ڪم ٿي ويو نه! پاڻ سنڌ تي صفا سر گهوريندڙ "ثابت" ٿي وياسين نه!

پوءِ آهن سنڌڪائي صحافت جا چاتل سچاتل ڪرتب يعني مٿي ۾ ادبي واري وجهي، اوچنگارون ڏيئي، نڪ مان هر هر سنگهه اگهي، هاءِ هاءِ ڪرڻ ۽ چاتي پٽڻ: "جڏهن به سوچيم ته ڇو لکان ۽ ڇا لکان. جي قوم تي آ بي وفا، ته مان به ڇو وفا ڪيان. غريب ڪنڊ ۾، ويهي خدا خدا ڪيان."

هاڻ پاڻ قوم جا محسن بنجي وياسون، قوم بي وفائي ڪئي پر پاڻ وري پنهنجي وفاداريءَ جو ثبوت ڏيندي، تجزيا پيا لکون ۽ قوم تي احسان پيا ڪريون.

اهي حوالا ڏيئي، ڳوڙها ڳاڙي، سڏڪا ڀري، ٿلهه ٻڌي، هاڻ پاڻ "هلائيندااسون" مٿين استادن طرفان ڏنل سياسي لائين جيڪا "ثابت" ڪندي ته سنڌ ۾ سچي سياسي وٺ پڪڙ اجائي آهي. سچا فقط آقائن جي واڻ ڏسيندڙ اسان جا پنهنجا ۽ پيارا اولياءَ صفت تجزيه نگار آهن. ٻيا سڀ ٺڳ ۽ ڪوڙا آهن.

ان ڪانپوءِ لکيل سڄي پٽاڙ ۽ ڇتي ڪوريءَ واري لانڊي ۾ جيڪي ڪوڙن ۽ بهتانن جا انبار ۽ گاريون گند ڏنل آهن تن جو معيار ڇا آهي ۽ استدلالي وزن ڪيترو آهي، تنهن ڳالهه جو پتو فقط هڪڙا ٻه بهتان نظر مان ڪڍڻ سان ئي پئجي ويندو. مثلاً: فرمايل آهي: "هر باضمير ۽ پيچ لتڪائڻ کان انڪاري سياسي ڪارڪن اڄ به بهادر ۽ ارڏو هوندو. پيشه ور سياستدانن جي چمچي ٿيڻ بدران ماٺ ڪري ويهڻ کي ترجيح ڏي ٿو ڇو؟"

هن جاهلاڻي ڳپوڙي ۾ هيٺيان شرارتي ڪوڙ ۽ بهتان سمايل آهن (1) باضمير سياسي ڪارڪن سڀ سياست ڇڏي گهر هليا ويا

آهن.

اها ڳالهہ سنڌي سياسي ڪارڪنن تي وڏي ۾ وڏو بهتان آهي. سنڌ جا هزارين باضمير ۽ خوددار سياسي ڪارڪن، مرد توڙي عورتون ۽ ٻار جدوجهد جي ميدان ۾ اڻلڀ ۽ اڏول ٿيا پيا ڪشالاڪن سختيون سهن، وڙهن ۽ سوڀون مائين. فقط آقائن جي واٽ وٺائيندڙ ڪوڙا ۽ نڙڪو "تجزيہ نگار" گهر ۾لڪي ويٺل آهن. مڙس ماڻهو (مرد توڙي عورتون) سڀ پنهنجي حال سارو ميدان ۾ موجود ۽ سرگرم آهن.

(2) جيڪي پٺيان ويا سي ارڏا آهن.

اهو بہ ڏنو وائڻو ڪوڙ آهي. ارڏو ماڻهو ميدان ڇڏيندو آهي ڇا؟ ارڏي جي معنيٰ ئي آهي پنهنجي فرض وارو ڪم جاري رکڻ. جيڪو ارڏو آهي سو گهر ڪيئن ويهي رهندو؟ جيڪي پٺيان گهر ۾ ويهي رهيو سو ارڏو ڪيئن ٿيو؟

هاڻي ٽيو ڪوڙ ۽ بهتان ٿا وٺون.

"سچاڻ سياسي ورڪر ٿي ويلا مانيءَ لاءِ پريشان آهن. پر سياستدانن جا ڪتا ڪباب ٿا کائن. متانئن اهو فضل ڪيئن ٿيو آهي."

اهو نسورو ڪوڙ ۽ بهتان آهي ۽ ٿلهي هٿ جي گزي آهي. سياستدان هڪڙا امير آهن ٻيا وچولي يا هيٺين وچولي طبقي جا آهن. جيڪي امير آهن، انهن جي گهر جيڪڏهن ڪباب بہ رڌل هوندا ۽ ٻچي پيا هوندا تہ اوبر برابر ڪتي ٻاهر اڇلي هونداٿون. پوءِ ڪتي ڪنهن ڪتي ڪاڏي هجي تہ ٿي سگهي ٿو. پر اٿين تہ روءِ زمين تي روز پيو ٿئي. امير ماڻهو روز پيا ڪباب کائن. انهي ۾ "نئين فضل" جي ڪهڙي ضرورت پوندين؟ البت اهو معلوم ڪجي تہ ڪهڙي سرمائيدار ۽ جاگيردار سياستدان جي ڪهڙن "سچاڻ سياسي ورڪرن" ڪي تجزيہ نگار ٿي ويلا ماني لاءِ پريشان ڏسي ماني ڪارائي آهي. جي سچاڻ سياسي ورڪر ٿي ويلا ماني ملڻ ڪانسواءِ بہ سرمائيدار ۽ جاگيردار سياستدان جي پٺيان پيو هلي تہ ان ڪي اتان وڃڻ ۽ وڃي ڪو ٻيو ڏنڊو ڪرڻ کان ڪير ٿو

روڪي؟ اهڙا عقل جا وير ۽ ڳامون سڄار "سچاڻ ورڪر" ڪير آهن؟ ڪيترا آهن؟ ڪٿي آهن؟ هيوڪو هڪ اڌ سياستدان وچولي طبقي جو آهي ڪو وڪيل، ڊاڪٽر يا آبادگار آهي. ته اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن ڏينهن ڪباب کائيندو هجي. پر ان طبقي جي سنڌي سياستدانن مان ڪيترا گهڻا وٽ آهن؟ تجزيه نگار انهن ڪٿن ڪي ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪباب کائيندي ڏٺو آهي ۽ ساڳئي وقت ڪهڙن "سچاڻ ورڪرن" کي ڪٿي ۽ ڪڏهن ٿي ويلا ماني لاءِ پريشان ٿيندو ڏٺو آهي؟ ظاهر آهي ٿلهي هٿ جي ڳڙي هنيل آهي. ٿلهي قشري مڇائڻ لاءِ ڪنهن به عقل ۽ دليل ۽ ثبوت جي ضرورت ئي ناهي.

قشري باز سڏڪائي صحافت، سنڌي عوام جي سمجهه ۽ شعور کي مڏو ڪري، ڪيس گمراهه بنائي، جدوجهد جي صحيح واٽ تان ٿيڙي، رندن ۾ رلائڻ جو هڪڙو خطرناڪ ۽ قاتل هٿيار آهي. ان کي بي نقاب ڪري، پيچي پور ڪرڻ، سنڌ جي قومي ۽ عوامي جدوجهد جي بنيادي ضرورتن مان هڪ آهي.

سڏڪائي صحافت جي هن تازي شهپاري جو نالو ٻڌائڻ وسري ويو. اهو آهي "سنڌي سماج جو الميو."

••
•

اڄ تہ سوال پڇون!

سڄي دنيا ۾ ڪي نہ ڪي مسئلا ۽ مونجهارا آهن. پاڪستان ۾ اهڙن مسئلن ۽ مونجهارن جو تعداد ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هوندو، گهٽ ڪونہ هوندو.

سنڌ ۾ اهڙا بہ مسئلا ۽ مونجهارا آهن، جن جي وجود ڪي شعوري طرح قبول ئي نہ ڪيو ويو آهي.

سوال پڇبا تہ جواب بہ ڪڏهن نہ ڪڏهن ليي پوندا. سوال ئي نہ پڇبا تہ جواب ڪٿان ايندا؟ سوال جواب نہ ٿيندو تہ مسئلا ۽ مامرا جتي هوندا، اتي ئي رهندا. سنڌ ۾ ٻيا تہ گهڻائي سوال آهن پر نهايت بنيادي قسم جا فوري سياسي ۽ نظرياتي سوال بہ ايترا آهن جو انهن کي صحيح نموني پيش ڪرڻ ۽ انهن جا جواب حاصل ڪرڻ ۾ سال لڳي ويندا.

چوندا آهن تہ "ايري لڌ سوير ئي سر هجي" آمريڪا ۽ يورپ ۾ وڏيرا شاهي، زمينداري ۽ جاگيرداريءَ جي نظام کي دفن ٿئي کي صديون ٿي ويون آهن. هندستان ۽ بنگلاديش جهڙن ملڪن ۾ بہ وڏيرا شاهي جاگيردار شاهي دوا لاءِ بہ مشڪل ملندي. پر هتي پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ مڊل ڪلاس جو ماڻهو وڏيرا شاهيءَ جي پٺ بنا سياست جو نالو تہ وٺي تہ ڄڻ ڪارو ٿيو پوي.

ٻيا تہ ٺهيو خود ڳاڙهين اکين وارا مڊل ڪلاسي مها انقلابي، جيڪي سڄو ڏينهن انقلاب ۽ سماجي ترقيءَ جي ورد، وظيفي ۽ ذڪر فڪر ۾ مشغول هوندا آهن ۽ جلال وچان انا الحق جا نعرا پيا هڻندا آهن، اهي بہ وقت اچڻ تي ٻج جا جانور ٿي پوندا آهن ۽ آقائن اڳيان سينو ساهڻ وارن سفيد پوشن جا ٻوٽ پٽڻ لاءِ، منهن ٻيڙا ۽ پيانڪ بنايو، ڏند شيڪيندا، واڇن مان گگون ڳاڙيندا، رومڙ ڪندا ايندا آهن.

اسان وٽ ماڻهن جي گهڻائي هاري، مزدور ۽ وچين طبقي جي

آهي. جاگيردار طبقي کي هنن جي نہ ڪا خبر هوندي ۽ نہ ئي انهن جي حل سان سندن ڪا حقيقي دلچسپي ٿي سگهي ٿي. نمائش، ناٽڪ ۽ واڳون وارن ڳوڙهن ڳاڙڻ جي ڳالهہ ہي آهي. اها بلڪل قدرتي ڳالهہ آهي. "اُنان مينهان داڪيهان ميلا، اوچرن جهنگ اي چرن ٻيلا"

انگريز سامراجين 1857ع کان اڳ راجائن، مهاراجائن، نوابن، اميرن، جاگيردارن ۽ ٻين اهڙين آفتن مان هندستاني ماڻهن جي توڙي پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ ڪافي قدم کنيا. خاص ڪري لارڊ ويلزلي (1805ع - 1798ع) ۽ لارڊ وليم بينٽڪ (1835ع - 1828ع) جي ايام ڪارين ۾ اهو عمل تيزيءَ سان اڳتي وڌيو. جيڪڏهن 1857ع ۾ انگريزن جي پاليسيءَ ۾ 180 ڈگرين جو ڦيرو نہ اچي ها تہ هندستان وڏيرڪي، جاگيرداري نظام جي صدين جي پراڻي لعنت ۽ ڪوڙهہ مان ڪڏهن زمانا اڳ جند ڇڏائي چڪو هجي ها ۽ سڄو هندستان هڪڙو وچولي طبقي جو اڳتي وڌندڙ ۽ باشعور ملڪ ٿي وڃي ها. پر 1857ع واري بغاوت ڪانپوءِ انگريزن محسوس ڪيو تہ هندستانين جي ڳچيءَ مان جيڪڏهن جاگيرداري نظام جو ڳٽ نڪتو تہ پوءِ وچئين طبقي وارو باشعور هندستان، ڪين ٻيهڻ ئي ڪو نہ ڏيندو. ان ڪري هنن پاليسي بدلائي، رياستون قائم رکيون ۽ وڏيرا شاهي ۽ جاگيرداريءَ جي سماجي لاشن ۾ نئين سر ساهہ ڦوڪي، وڏيرڪي جاگيرداري نظام کي هڪڙي ارڙ نانگ وانگر هندستاني ماڻهن جي ڳچيءَ ۾ ويڙهي ڇڏيو.

سوال پيدا ٿو ٿئي تہ اهو ارڙ نانگ ڪيستائين هن ملڪ جي ماڻهن جي ڳچين ۾ ويڙهيل رهندو؟ ماڻهن جي دردن جي دارونءَ لاءِ گهربل سياست ڪيستائين ماڻهو- مار وڏيرڪي طبقي جي در جي گولي ٻانهي ٿي رهندي؟ وچولو طبقو ڪيستائين جاگيردار طبقي جي ڪويچن جا ڏنبَ سهندو رهندو؟ وڏي ڳالهہ تہ، وچولي طبقي جي نمائندگيءَ جا اسين مها دعويدار مڊل ڪلاسي ڳاڙهين اکين وارا لکيداس، ڪيستائين مها انقلابي نعري بازي ۽ قلم بازي جي آڙ ۾ جيون مرڪائيندا. ٻيچ

لتڪائيندا. وڏيرڪي جاگيردار سياستبازيءَ جا تاپرو بنيا، سندن شاباس، پٺيءَ تي ٺپڪيءَ ۽ ڪجھ ڇوٽي پائي لاءِ پيا واجھائينداسين؟ ٻيو اهم ۽ بنيادي سوال آهي وفاق پرستي ۽ قوم پرستي ۽ جمهوريت پسندي بابت.

وفاق پرستي ڇا آهي؟ قوم پرستي ڇا آهي؟ ڇا جيڪو ملڪ گير سياست ڪندو سو لعنتي ۽ غدار آهي؟ جيڪو قوم پرستيءَ جو سچو يا ڪوڙو نعرو لڳائيندو سو ري پڇيو بهشت ۾ ويندو ۽ ان تان اهل بدر وانگر دوزخ جي باھ حرام آهي؟ ٻيو ته جمهوريت پسندي در حقيقت ڇا کي چئجي؟ اسان وٽ جيڪي پاڻ کي جمهوريت پسند ٿا سڏائين سي در حقيقت ڇا آهن؟ وڏيرڪي طبقي جي ڪر ۽ نظر واري جمهوريت پسندي ڇا آهي؟ وچولي سرمايه دار طبقي جي ڪر ۽ نظر واري جمهوريت پسندي ڇا آهي؟ عوام جي ڪر ۽ نظر واري جمهوريت پسندي ڇا آهي؟

ڀٽو عظيم شهيد هو. سوال آهي ته ڀٽي صاحب جون سموريون پاليسيون، حڪمت عمليون ۽ فيصلا به اهڙا ئي عظيم هئا ڇا؟ سندس حڪومت جو دور حقيقت ۾ ڪيتري قدر جمهوريت پسند ۽ عوامي هو؟ ممتاز ڀٽو جڏهن سنڌ جي اڇي ڪاري جو مالڪ هو، تڏهن سنڌ ۾ ڇا پئي وهيو واپريو؟ ۽ جتوئي صاحب جي دور ۾ ڇا پئي ٿيو؟ ڀٽو صاحب وڏو داناءُ هو. هن کي غلطيون به ڪيون ڇا؟ جي ها ته اهي سنڌي قوم لاءِ ڪيتري قدر سنگين هيون.

بينظير صاحبه جون پاليسيون ڪهڙيون هيون؟ ڪهڙيون آهن؟

اهي سڀ صحيح هيون ۽ صحيح آهن ڇا؟ جي نه ته ڪهڙيون صحيح هيون ۽ ڪهڙيون غلط؟

پوءِ سوال آهي ته جي هيءَ حڪومت بدلي ته ڇا ازخود سنڌ جا درد دفع ٿي ويندا؟ تاريخ پاڻ کي دهرائيندي ته نه؟ اڳوڻيون پاليسيون ازخود بدلجي وينديون؟ وري تختو اونڌو ته نه ٿيندو؟ وري "مظلوم، مظلوم" جا نعرا ته نه لڳندا؟ وري دهشتگردن سان يارانا ته نه ٿيندا؟ وري اليڪشن ڪان اڳ هڪڙيون ڳالهيون ۽ پوءِ ٻيون ڳالهيون ته نه

SOORIH SINDHI ADAB

ٽيندا يون؟ وري به ساڳيون پراڻيون نياڳ واريون ڳالهيون سچي محنت تي پاڻي ته نه ڦيري ڇڏيندا يون؟ سنڌين سان وري به "انڌيءَ رڏيو، ڪتيءَ چٽيو" وارو ڪم ته نه ٿيندو؟ "ڏکي توءِ ڏڪار، توڻي وسن مينهڙا" وري به ساڳي ويڪائو وڏيرڪي لوڌ، ڇاتيءَ تي ٽڪيٽون هٿائي، سينٽجي اچي اسيمبليون ته نه والاريندي ۽ سڄو ملڪ ته نه پيليندي ۽ پيلائيندي؟ جي بينظير ٿي وري اقتدار ۾ آئي ته وري به بينظير اسلام آباد جي حوالي ته نه هوندي ۽ ملڪ نااهل، دل پليت، لالچي ۽ بي حيا وڏيرا شاهي ۽ دهشتگردن جي حوالي ته نه ٿي ويندو؟ وري به ڏاڙيل ۽ دهشتگرد ۽ ايجنسيون گڏجي سچي سنڌ ۾ قيامت ته نه مچائينديون؟ پي پي وري به بهاري ته نه گهرائيندي ۽ ڪالا باغ لاءِ رقمون ته نه منظور ڪندي؟ اڌ وزارتون دهشتگردن جي حوالي ته نه ڪندي؟

ڇا اسيمبلين جا گيٽ فقط وڏيرن جاگيردارن ۽ انهن جي بي مغز ۽ ناٽڪي چمچن لاءِ کلندا؟ ڇا وڏيرا شاهيءَ جي ساز، حسد ۽ سازش سبب سنڌي قوم سدائين پنهنجي بهترين ذهن، دماغن ۽ روحن جو اسيمبلين اندر ڪو به فائدو نه وٺي سگهندي؟ ڇا پي پيءَ تي قابض وڏيرا شاهي سنڌي ماڻهن جي انڌي پوڄا جو ناجائز فائدو وٺي، سنڌ جي قوم دوست ماڻهن سان سدائين ڀاڇيو ۽ ون پارٽي ڊڪٽيٽر شپ مڙهيو ويٺي هوندي ۽ پنهنجي نااهلي، تنگ نظري، بي حسي ۽ بي درديءَ جو سمورو ڏوهه ٻين تي مڙهي پاڻ سدائين مظلوميت جو چوغو اوڍيو ويٺي هوندي؟ ڇا قوم پرستيءَ جو نعرو پي پي سان في سبيل الله دشمني جي اوٽ طور استعمال ٿيندو رهندو؟ ڇا پي پي ۽ سنڌ جون وطن دوست قوتون هڪ ٻئي خلاف استعمال ٿينديون رهنديون ۽ هڪ ٻئي سان ڪنهن موزون ۽ مناسب سهڪار جي پوزيشن حاصل ڪري نه سگهنديون؟

اهي ۽ ٻيا ڪئين اهم سوال آهن جن جا جواب ڳولڻا پوندا پر پهريائين اچو ته سوال پڇون!.

•

SOORIH SINDHI ADAB

نئون سال، نيون تمنائون ۽ نوان ارادا

دنيا ۾ ڪيترا اهڙا سمجھ ڀريا ملڪ ۽ اهڙيون قومون آهن جيڪي رڳو هينئر ۽ اڄ جي ڏهڻ ۾ گتل ناهن ۽ جن کي ڪالھ بلڪ ٿيون ڏينهن صفا وسري ويل ناهن ۽ جيڪي سياڻي بلڪ ڀرينهن بابت سوچڻ جي ضرورت کان پوريءَ طرح باخبر آهن. اهڙن ملڪن ۾ ماڻهو هر نئين سال جي پهرين ڏينهن نين تمنائن ۽ نون ارادن جو اظهار ڪندا آهن ۽ سال جي آخر ۾ اهو حساب لڳائيندا آهن تہ ڪيتريون تمنائون پوريون ٿيون ۽ ڪيتريون نہ. ڪيترن ارادن تي عمل ٿيو ۽ ڪيترن تي نہ.

جيڪڏهن اسان وٽ بہ ڪي اهڙن ملڪن جهڙا ماڻهو هجن تہ انهن جون نئين سال لاءِ نيون تمنائون ۽ نوان ارادا ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟ منهنجي خيال ۾ اهڙو ماڻهو جيڪر هين تمنائن سان گڏ هيٺيون تمنائون بہ ڪري؛

(1) آمريڪا ۽ يورپ گڏجي، سڄي دنيا کي نئين ۽ وڌيڪ خوفناڪ قسم جي سامراجي غلاميءَ جي، عام ماڻهوءَ کي نظر نہ ايندڙ ۽ محسوس نہ ٿيندڙ، زنجيرن ۾ جڪڙي نہ ڇڏين.

(2) نئون عالمي نظام نئين عالمي سامراجي نظام بدران نئون عالمي انسان دوست نظام بنجي.

(3) دنيا جي اقتصادي ترقيءَ جو بندوبست اهڙو نہ ڪيو وڃي جو ان ترقيءَ جي سڄي ڇٽي غريب تي پوي ۽ هو اڳي کان وڌيڪ ڏهوٽو غريب ٿي وڃي ۽ ان جو سڄو نفعو سرمائيدارن جي بئنڪن ۾ گڏ ٿئي ۽ هو اڳي کان ڏهوٽا دولت مند ٿي وڃن.

(4) دنيا جون خودمختيار حڪومتون فقط نالي ماتر حڪومتون ۽ اصل ۾ آمريڪي يوربي عالمي شهنشاهيت جون خيرپور، جوڌپور،

باڻونگر، حيدرآباد وغيره جهڙيون اسٽيشنون لٽي ويون، جن ۾ انگريز جي ڏينهن حاڪمن کي، اصلي حاڪم، پٽلين وانگر نچائيندا رهن ۽ هڪڙن کي لاهي ٻيا، ٻين کي لاهي ٽيان رکندا رهن.

(5) آمريڪا ۽ يورپ جا غريب عوام پنهنجي سرمائيدار حاڪم طبقن کي مجبور ڪن ته هاڻ جڏهن ته روس جو نام نهاد خطرو نه رهيو آهي، تڏهن پنهنجون اٿاهه فوجي بجيٽون ختم ڪري، اهي رقمون آمريڪا ۽ يورپ جي غريب عوام جي شديد ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۽ دنيا کي ماحول جي گندگي، بک، بيماري ۽ جهالت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻين. 99 سيڪڙو جنرلن ۽ اميرالبحرن کي موڪل ڏيئي ڇڏين ته ماڻهو مارائڻ جي ڏنڌي بدران ڪو ٻيو شريفاڻو ڌنڌو وٺي ڪن. 99 سيڪڙو فوجون ختم ڪري ڇڏين.

(6) هڪ اعليٰ ترين تاريخي رٿا مطابق جميعت اقوام کي ڏاڪي به ڏاڪي سڄي دنيا جي اقتصادي، سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي هاءِ ڪمان، ثقافتي ۽ روحاني مرڪز ۽ انسانيت جي ضمير ۾ تبديل ڪيو وڃي ۽ ان مقصد لاءِ ان کي آمريڪا ۽ يورپ جي سرمائيدار سامراجي بالادستيءَ کان نجات ڏياري وڃي. اقوام متحده پنهنجي ان نئين حيثيت ۾ دنيا ۾ جيڪي سڀ کان اهم ۽ فوري ڪرڻ جهڙا ڪم آهن، اهي هٿ ۾ کڻي.

(7) جنگ تي مڪمل بندش وڌي وڃي ۽ ان کي هڪڙو موت جي سزا جوڳو بين الاقوامي ڏوهه ٺهرايو وڃي.

(8) ٽارچر کي ڪينسر جهڙو عالمي سماجي مرض ٺهرايو وڃي ۽ ان موذي مرض جي پاڙ پٽڻ جي ڪم کي هڪڙي عالمي جنگي مهم طور عالمي سطح تي هلايو وڃي، انسانن کي ٽارچر ڏيندڙ ۽ ڏياريندڙ قانون دشمن بي وردي توڙي با وردي ماڻهن کي سرِ عام وٺي ۽ تار جي ٿنڀن ۾ ٽي ڏينهن اونڌو لٽڪائي، پوءِ سرعام ڦاسيون ڏنيون وڃن.

(9) سڄي دنيا ۾ وڏيرڪي، قبائلي، سرداري، جاگيرداري نظام

تي بندش وجهي، ان جي پاڙ پٽي، سماج کي ان ڪاري نظام جي آهستي آهستي اثر ڪندڙ قاتل زهر کان نجات ڏياري وڃي ۽ ڪروڙين انسانن جي ذهن، روحن ۽ ضميرن کي ان جي زنجيرن کان آزاد ڪيو وڃي.

(10) پوئتي رکيل انساني گروهن، ننڍين قومين، اقليتن، مذهبي ٽوراين، عورتن، ٻارن، هارين، مزدورن ۽ ٻين سماج جي پوئتي پيل ماڻهن تي ظلم ڪندڙ ۽ انهن کي پوئتي رکندڙ ماڻهن، گروهن ۽ حڪومتن کي مجرم ۽ دهشتگرد قرار ڏيئي ڪين مناسب سزائون ڏنيون وڃن.

(11) سڄي دنيا جي بنيادي سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي مسئلن کي جلد از جلد حل ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا جي چونڊيءَ جي سائنسدانن تي مشتمل هڪڙو عالمي سائنسي ٽاسڪ فورس قائم ڪيو وڃي، جنهن کي ڇر روڪ، ڪينسر، ايڊز، سمنڊ جي پاڻيءَ کي مٺو بنائڻ، رڻن پٽن ۽ پهاڙي علائقن کي آباديءَ جي لائق بنائڻ، طوفانن ۽ ٻوڏن کي ڪنٽرول ڪرڻ، مينهن وسائيندڙ ڪڪرن جي چرپر کي ضابطي هيٺ آڻي، گهربل هنڌ تي بارش جو انتظام ڪرڻ، هائيڊروجن مان قوت حاصل ڪرڻ، ڌرتيءَ تان گئسن جي گندگي ۽ غلاظت ختم ڪرڻ لاءِ بجليءَ جون تيز رفتار ۽ سستيون موٽرون ايجاد ڪرڻ، دنيا مان هڪڙي هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين سفر سستو ۽ عوامي ڪرڻ لاءِ انتظام ڪرڻ ۽ اهڙي طرح دنيا جي ڪروڙين اهڙن ماڻهن جن ڪڏهن ٻيو ملڪ ته ٺهيو پر ٻيو شهر به نه ڏٺو آهي، تن کي پنهنجي هڪ مهيني جي ڪمائيءَ مان، دنيا جي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ جو، تيز رفتاريءَ سان، سير ڪري سگهڻ جو لائق بنائڻ ۽ ٻيا اهڙا عالمي سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي فرض سونپيا وڃن.

(12) دنيا مان پاسپورٽ سسٽم ختم ڪيو وڃي ۽ سڄي دنيا کي سڄي دنيا جي ماڻهن لاءِ کليل علائقو قرار ڏنو وڃي.

(13) دنيا جي هر انسان، زال توڙي مرد لاءِ مناسب ۽ موزون

روزگار جو لازمي بندوبست ڪيو وڃي.

(14) عالمي ثقافت کي حقيقت ۾ عالمي ثقافت بنائڻ لاءِ ان ۾ ٽين دنيا جي ثقافت جي بهترين حاصلاتن کي شامل ڪيو وڃي.

سنڌ بابت تمنائون.

(1) سنڌ ۾ هنگامي ۽ جنگي بنياد تي هر سطح جي تعليم نئين سر ۽ وڏي پيماني تي رائج ڪئي وڃي. ڪاپي ڪرائيندڙن ۽ ڪوڙيون مارڪون ڏيندڙن کي، سرعام گڏهه تي چاڙهي، سندن سرگس ڪڍيو وڃي ۽ پڇاڙيءَ جو ڪين شهر جي چونڪ ۾ ٽنگا هنيا وڃن.

(2) ماسترن مقرر ڪرڻ جو حق وڏيرن کان واپس ورتو وڃي ۽ ماستري ۽ بيون نوڪريون لياقت جي بنياد تي باقاعدي ۽ ايمانداريءَ سان ورتل امتحانن جي حقيقي نتيجي طور، ڏنيون وڃن ۽ نه پارٽي ۽ ميمبريءَ جي بنياد تي.

(3) هر سنڌي ماڻهو پنهنجي دماغ کي روزانو گهٽ ۾ گهٽ پنج منٽ وڏيرڪي سوچ ۽ وڏيرا پرست مڊل ڪلاسي سوچ ۽ پروپيگنڊا جي زنجيرن مان آزاد ڪري، ڪيس ڪجهه وقت آزاديءَ سان سوچڻ جي مهلت ڏي. گهٽ ۾ گهٽ انهن پنجن منٽن ۾ وڏيرڪي ڪوڙي ۽ فرادي قومپرستيءَ جي چرش جو سوٽو هڻڻ، وڏيرڪي "جمهوريت پسنديءَ" ۽ "عوام دوستي" جي ڀنگ واپرائڻ، لکنوي، دهلوي ٽائيپ مطلبي "روشن خيالي" منافق "ترقي پسندي" جعلي "انسان دوستيءَ" جي هيروئن کان مڪمل پرهيز هجي.

(4) سنڌي ماڻهو وطن جي حب جي آڙ ۾ ڪني پاڻيءَ جي تلاءَ جا ڏيڏر بنجڻ بند ڪن. حرڪت ۾ برڪت ۽ سفر کي ظفر (سوڀ) جو وسيلو سمجهن. لطيف جا ڪاهوڙي، رمتا جوڳي، لامڪان لاهوتي بنجن.

ڪاري ڪيڙائو، متي مٺي موٽيا،

سودو ڪن نه سون جو، وڏا وهائو.

موتي جي مهراڻ جا، تن جا طاماعو،
ساموندي سائو، لنڪا لٿي آئيا.
(شاهه)

ڏوري ڏوري ڏيهه، ماءُ ڪاهوڙي آئيا،
مَيَن پيرين ڪيهه، ڪوهه ڇاڻان ڪنهن پار جي.
(شاهه)

مڙنيئون موڪل، ڪالهه ڪندا ويا ڪاپڙي،
ڪڏهن اُتر سامهان، ڪڏهن ڏونهينءَ جهل،
ڪالهه ڪندا ويا ڪاپڙي
هُن سيڪيندي هنڙا، مون ڳاڙيندي ڳل
ڪالهه ڪندا ويا ڪاپڙي
چيري چندن ڪاٺ جئن، سور ڏنائون سل
ڪالهه ڪندا ويا ڪاپڙي
(شاهه)

هُو فسيروافي الارض، والبتوا من فضل الله لعلڪم تفلحون.

جي قرآني حڪم تي عمل ڪن (پوءِ سڄي دنيا جو سير ڪريو. سڄي دنيا ۾ الله جي مهربانين جي ڳولا ڪريو ته جيئن توهان جي ڀلائي ٿئي)

ڪنهن هڪڙي ٿوهر، ڪرڙ يا ڇار جي پاسي ڪي يا ڪنهن ڳوٺ جي هڪڙي جهوپڙيءَ يا گهر کي پنهنجو وطن سمجهڻ بدران سڄي جهان کي، ان جي سمورن ڪنڊن، برن ۽ بحرن، برفاني ميدانن ۽ هماليائن جي بلندين کي، پنهنجو وطن سمجهن. سفر ڪرڻ ۽ بهتر گذر جي وسيلن ڏانهن لاڳيتي لڏ پلاڻ کي عادت بڻائين. سدائين حرڪت ۽ برڪت جي حالت ۾ رهن.

(5) سنڌي ماڻهو پنهنجو مقابلو ٻين پاڻ جهڙن "لکي لکانو پڙهي الله ڏنو" قسم جي سنڌين سان ڪرڻ بدران، دنيا جي پڙهيلن سان ڪن ۽ پنهنجو آدرش سڄي دنيا جي اڳوڻن توڙي اڄوڪن چوٽيءَ

جي عالمن، اڪابرن، سائنسدانن، اديبن، شاعرن، ايجادون ڪندڙن ۽ ڪاروبار، سياست، جنگ، ٽيڪنالاجي، سماجي سڌارن ۽ انقلاب جي ميدان جي شهسوارن کي بنائين. سنڌي پڙهيل ماڻهو فقط ٽيڙو ۽ افساني لکڻ کي لکڻ پڙهڻ جو معراج سمجهڻ بند ڪن. سنڌ بيروني، ذڪريا رازي، ابن رشد، ارسطو، ليونارڊو ڊاونچي، نيوٽن، آئنسٽائين، گليلو، هني بال، نيپولين، ڪارل مارڪس، مائو، هوچي منه، ڪاسترو، ڪم ال سنگ، شيڪسپيئر، ڊي ليسي پس، ڪاپر نيڪس، مهاتما گانڌي، گاگارين، مارشل زوڪوف، جنرل گڊيرين، تائيمبي ۽ ٻيا اهڙا هزارين پهاڙن جيڏا سائنسدان، مفڪر، ٽيڪنالاجيءَ جا ماهر، قومن جا نجات ڏيارينڊڙ، انسانيت کي مٿي کڻندڙ، اديب، عالم، مورخ ۽ ٻيا زندگيءَ جي ميدانن جا شهسوار پيدا ڪري.

(6) سنڌ شيديءَ وانگر پنهنجي پٽ کي يوسف ثاني سمجهڻ بند ڪري، ڏاهر، دودي، درياءَ خان، هوشوءَ ۽ هيمون جي نهايت ابتدائي قسم جي مڙسيءَ ۽ همٿ بابت اجائي بي سبب ۽ بي سمجهه ڏيکهه تي پيٽ پارڻ بدران حقيقت سان اکيون ملائي، پنهنجو ۽ پنهنجي قومي هيرن جو دنيا جي هيرن جي حساب سان، صحيح قومي قد ڪاٽ معلوم ڪري، ان کي بلند ڪرڻ جي ڪم ۾ جنبي وڃي.

••
•

ڪاش! سنڌ ۾ هئن ٿئي!

اڳئين ڪالم ۾ اسان نئين سال بابت تمنائن ۽ ارادن جي ڳالهه ڪندي سموري دنيا بابت ڪي تمنائون ظاهر ڪيون هيون. سنڌ ۽ سنڌي قوم بابت تمنائن جو ذڪر هليو پئي. الهيءَ مان ستين نمبر تمنا صحيح ڪانه ڇپي هئي.

اها وري صحيح نموني ورجائيندي، ڳالهه جاري ٿا رکون:-

(7) وڏيرا شاهي ۽ ڌاڙي جو ناجائز تعلق ختم ڪيو وڃي ۽ ان ناجائز تعلق مان پيدا ٿيل ناجائز سماجي پيدائش يعني ڪوڙن ڪيسن، ٽارچرن ۽ جيل جي اذيت گاهن مان خدا جي خلق جي جان آزاد ڪئي وڃي.

(8) سنڌي ماڻهو سوچ جي هيٺين ۽ ٻين غلط اندازن مان جند ڇڏائين.

(الف) اها غلط سوچ ته جيڪا ڳالهه يا شئي دل کي وڻندڙ هوندي سا ضرور صحيح هوندي ۽ سورهن آنا صحيح هوندي. ان ۾ ڪوبه قابل ذڪر نقص يا ڪابه قابل ذڪر غلطي ٿي ئي نٿي سگهي. اها وڻندڙ ڳالهه يا شيءِ دل کي وڻڻ جي باوجود مجموعي طور ۽ گهڻي ڀاڱي غلط يا نقصانڪار به ٿي سگهي ٿي، تنهن امڪان جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

(ب) ساڳي طرح، اها غلط سوچ ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو يا ليڊر دل کي وڻي، ته ان جا ڪم ضرور ماڻهن لاءِ فائديمند هوندا، نقصانڪار نه هوندا.

(ت) اها غلط سوچ ته جيڪو ماڻهو مقبول هجي، سو هر ڳالهه ۾ ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ صحيح، نيڪ نيت ۽ ماڻهن جو گهڻ گهرو هوندو.

(ث) اها غلط سوچ تہ جنهن جو ليڊر عظيم ۽ شاندار هوندو اهو پاڻ بہ ضرور عظيم ۽ شاندار هوندو.

(ح) اها غلط سوچ تہ جيڪو جنهن جا گڻ ڳائيندو، اهو ان جهڙو ئي اعليٰ ۽ عظيم هوندو.

(خ) اها غلط سوچ تہ جيڪا ڳالهہ بار بار پڙهي ساراهي وڃي ۽ جنهن جي ڪابہ شڪايت ڪانہ پڙهي ٿي، سا ضرور سڻي هوندي.

(د) اها غلط سوچ تہ مقبوليت صحيح، سڻي ۽ حق تي هجڻ جو قطعي دليل ۽ ثبوت آهي. جيڪا ڳالهہ مقبول آهي سا صحيح ضرور هوندي. جيڪو ماڻهو مقبول آهي اهو سورنهن آنا حق تي بہ ضرور هوندو.

(9) سنڌ جا باصلاحيت، باڪمال، باضمير، حق پرست ۽ دلير پڙهيل جاڪوڙي اونهي ۽ وسيع مطالعي، عقل ۽ سمجهہ جون شمعون ٻاري کوجنا ۽ تحقيق جي ميدان ۾ ٽپي پون ۽ ٻين ڳالهين ۽ مامرن سان گڏ، اسان جي سنڌي زندگيءَ جي اهم مامرن جي تحقيق ڪري، تر توري، سچ ۽ ڪوڙ کي الڳ ڪري، ڏند ڪٿائن ۽ افسانن کي پاسيرو ڪري، سڪٽي ساراهہ جي قصيدن ۽ اجائي گلا ۽ اجاين بهتانن واري پروپئگنڊا کي پري اڇلائي، کير جو کير ۽ پاڻيءَ جو پاڻي ڪن. سياسي ميدان ۾ تحريڪن، پارٽين ۽ اڳواڻن بابت سموريون حقيقتون معلوم ڪري نروار ڪن ۽ رڪارڊ تي آڻين. انگريزن خلاف آزاديءَ جي تحريڪ، خلافت تحريڪ، مسلم ليگ، پيپلز پارٽي، قومي تحريڪ ۽ ٻين سياسي تحريڪن ۽ پارٽين جا گهرا تجزيا پيش ڪن ۽ گانڌي، نهرو، مولانا آزاد، مولانا محمد علي جوهر، محمد علي جناح، علامہ اقبال، ذوالفقار علي ڀٽو، شيخ مجيب ۽ ٻين جي مثبت خواهہ منفي فڪر، پاليسين ۽ سياسي ڪردارن بابت هر ڳالهہ چٽي ۽ پڌري ڪن ۽ انهن جي تاريخي رول بابت پنهنجي تڪ تور پيش ڪن تہ ڪهڙين ڳالهين ۾ هنن اسان لاءِ نيڪ ڪم ڪيو ۽ ڪهڙين ۾ نہ. خاص ڪري ذوالفقار علي ڀٽي کي

سندس دشمنن طرفان ملڪ دشمن ۽ قوم دشمن ۽ پرستارن طرفان ديوتا ڪري پيش ٿو ڪيو وڃي. سنڌي قوم جي بنيادي ۽ دائمي مقصدن جي روشنيءَ ۾ هو دراصل ڇا هو؟ پيپلز پارٽي ڇا هئي، ڇا آهي ۽ ڇا ٿي رهي آهي؟ ان مان ڪهڙي توقع رکي سگهجي ٿي، ڪهڙي نه؟ ساڳي اونهي تحقيق ۽ چند ڇاڻ سنڌ سطح تي سنڌي قومي گهڻگهرائيءَ جي دعويدار ننڍي وڏي ليڊر شپ جي حوالي سان ڪري سگهجي ٿي ۽ لازمي طرح ڪرڻ کپي ۽ سنڌي قوم جي ذهن ۽ ضميرن ۽ قومي فيصلي کي ٿلهي ڪوڙي سچي روزمره جي اخباري بيان بازيءَ ۽ پروپئگنڊا جي رحم ڪرم تي نه ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

(10) اسين مجموعي طور قومي طرح ڪم چور ۽ بي همت ۽ ٿلهو تائيم پاس ڪندڙ ماڻهو سمجهيا وڃون ٿا. ان حقيقت جو ذڪر گذريل ٽن چئن صدين کان تاريخ ۾ ٿيندو اچي.

انگريزن سڄي دنيا جي گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتو هو. انهن به اها ڳالهه نوٽ ڪئي آهي ته سنڌين جهڙو ڪم جو ٽوٽي دنيا ۾ ڪونهي. سر چارلس نيپيئر ان باري ۾ پنهنجي دلچسپ ٻوليءَ ۾ دلچسپ تبصرا ڪيا آهن.

ڪم نه ڪرڻ کي اسان وٽ عيب بدران ثواب ۽ معتبري ليکيو وڃي ٿو. ان لعنتائي کي سنڌي قوم متان لاٿو وڃي ۽ پنهنجي ٽيهن نسن سان وڌ ۾ وڌ وقت ڪم نه ڪرڻ ۽ هر روز، هر گهڙيءَ اڳتي ۽ ان کان اڳتي وڌندو نه هلڻ کي، ذاتي ۽ قومي بداخلاقي ٺهرايو وڃي ۽ نڪمي ۽ ڪم چور ماڻهوءَ کي ويجهي وڃڻ ۾ به ڪراهت سمجهي وڃي.

(11) سمورا سنڌي سياسي ڪارڪن، سنڌي قوم جي گهڻ طرفن گڏيل، بنيادي ۽ دائمي مفادن کي، پنهنجي ذات، گروپ، تنظيم ۽ پارٽيءَ جي مفادن کان اوليت ڏين. جيڪو پنهنجي ذاتي مفادن خاطر قومي مفادن کي اهڙي اوليت نه ڏئي ان کي قوم دوست ماڻهن جي لسٽ مان خارج سمجهيو وڃي ۽ ان جي ڳالهه اڻ ٻڌڻ جوڳي ٺهرائڻ گهرجي.

(12) سنڌ هن وقت وڏي ڪشمڪش ۽ مقابلي جي حالت ۾ آهي، ان ڪي هيئر اهڙن مردن ۽ عورتن جي ضرورت آهي، جيڪي نسبتن گهڻ پاساوان ۽ مڪمل انسان هجن. پر سفر ۽ لاڏ پلاڻ نه ڪرڻ ڪري ۽ تعليم نه هجڻ، ٿوري هجڻ يا محدود ۽ هڪ طرفي هجڻ جي ڪري، سنڌ جا ماڻهو زندگيءَ جي ڊوڙ ۾، پنهنجي مقابلي جي ماڻهن کان پوئتي رهجي وڃن ٿا. اسان وٽ اهڙن ماڻهن جو هڪ تعداد آهي، جيڪي پنهنجي پنهنجي شعبي جهڙوڪ ڊاڪٽري، انجنيئري، زمينداري، واپار وغيره ۾ ٺيڪ ٺاڪ آهن. پر هو فقط پنهنجي مخصوص لائين ۾ ٺيڪ ٺاڪ آهن. ٻي دنيا جي اڪثر ڪين ڪابه خبر ڪانه هوندي آهي. ان ڪري هو جڏهن پنهنجي شعبي کان ٻاهر جي ڳالهه ڪندا آهن، تڏهن سندن حالت افسوس جوڳي ۽ رحم جهڙي هوندي آهي ۽ سندن هوائي ڳالهيون ٻڌي اندر ئي سڙي ويندو آهي. ان جي ابتڙ اسان جا مخالف تمام گهٽي ۽ گهڻ طرفي ڄاڻ ۽ تجربو رکن ٿا. ان ڪري خالص ڊاڪٽري جي ڳالهين کي ڇڏي هٿن جو ڪمپائونڊر به اسان جي ڊاڪٽر کان وڌيڪ گهڻ طرفو وزنائتو انسان لڳي ٿو. جو سندس ڳالهين ۾ گهڻ طرفائيءَ ڪري، وڌيڪ رس ۽ چس هوندو آهي. اسان جي سنڌي محفلن ۾ جيئن ته رڳو پنهنجي ڌنڌي سان واسطو رکندڙ، ٻي سڄي دنيا کان بي خبر، ان سان ڪا به دلچسپي نه رکندڙ، سماجي محفل جي دلچسپيءَ جي تقاضائن کان اڻ واقف، سڪل بند ۽ اڻ گهڙيل ڪاٺ قسم جا ماڻهو ويٺا هوندا آهن، جن وٽ سندن پيشي يا ڌنڌي سان تعلق نه رکندڙ ڪابه ڳالهه ڪرڻ ۽ سمجهڻ جهڙي نه هوندي آهي، ان ڪري وسيع معنيٰ ۾ اسان جي مجلسي زندگي چاڪيءَ جي اٺ وانگر فقط ڪنهن هڪڙي ڌنڌي يا پيشي جي چوگرد پيئي ڦرندي آهي. اها خطرناڪ صورتحال ختم ٿيڻ کپي ۽ سنڌ ۾ گهڻ طرفي مطالعي، گهڻ طرفي سوچ ويچار، گهڻ طرفين دلچسپين، معلومات، گفتگوئن ۽ لاڳاپن وارا ماڻهو پيدا ٿيڻ کپن جيڪي سنڌي معاشري کي، هڪڙي نئين

زندگي، نئون ولولو ۽ نئين تازگي بخشين ته جيئن سنڌي ماڻهو وڏي شوق سان پاڻ ۾ سدائين ملندا ۽ قومي مامرن بابت خيالن جي ڏي وٺ، صلاح مصلحت، فيصلا ڪندا رهن.

(13) سنڌ جي تاريخ بابت اهم ڪتاب انگريزيءَ ۾ موجود آهن. انهن کي الائي ڪهڙي مصلحت تحت ترجمو ٿيڻ نه ڏنو ويو آهي.

مثلن؛ "تاريخ نواء معارڪ" نيپيئر جي ڀاءُ جون لکيل تاريخون "سنڌ جي فتح"، "نيپيئر جو انتظام"، "ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي بورڊ آف ڊئريڪٽرس اڳيان پيش ڪيل سنڌ بابت لکپڙهه" وغيره. سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌالاجي اهي شايع ڪن.

(14) حافظ شيرازيءَ چيو آهي؛

خامي و ساده دلي، شيوه جان بازان نيست

خبر از بر آن دلبر عيار بيار

(ڪچائي ۽ وائڙپ مڙس ماڻهن جو ڪم ناهي، اسان جو يار عيار آهي. ان چالاڪ دلبر جي خبرچار (ڪٿان به ڪٿان به) هٿ ڪري اچ.)

اسين چوطرف چالاڪ وڏيرا شاهي، سرمائي داري، ايجنسين ۽ سندن مڊل ڪلاس ساٿاري سازشين جي گهيرن مٿان گهيرن ۾ آهيون. ان ڪري اسان جي ماڻهن کي به چالاڪ ۽ هوشيار ٿيڻ کپي. چالاڪ ۽ عيار ماڻهن، تنظيمن ۽ ڪارروواين بابت ادب ۽ احوال پڙهڻ گهرجي، خاص ڪري ٻي جنگ عظيم جي سازشي جاسوسي تنظيمن ۽ فردن ۽ سندن ڪارنامن بابت احوال.

●●

مخدوم طالب المولیٰ

ون يونٽ مڙهجي چڪو هو. ون يونٽ جي علمبردار فيلڊ مارشل ايوب خان ۽ سندس خاص الخاص نائبن نواب ڪالا باغ ۽ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي ٻلي ٻلي هئي. سنڌي وڏيرن جي وڏي اڪثريت سندن پٺيان هئي. زميندار طبقي جا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ سياستڪار ون يونٽ جي خلاف بيان ڏيندا هئا جهڙوڪ جي ايم سيد صاحب جنهن "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" نالي ڪتاب لکيو هو ۽ سندس رفيق رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي، شيخ خورشيد صاحب وغيره هئا. جن اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ متعلق ٿيل ووٽنگ ۾ ون يونٽ خلاف ووٽ ڪيو هو.

ون يونٽ خلاف عملي جدوجهد ۾ ڪوبه وڏيرو سياستدان شامل نه هو. اها جدوجهد شروعات ۾ فقط ڪن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن سنڌي اديبن پٽي هلائي. سندن مکيه ٽارگيٽ هو، فيلڊ مارشل محمد ايوب طرفان قائم ڪيل تعليمي سڌارا تجويز ڪرڻ واري ڪميشن جنهن جو سربراهه مسٽر شريف هو ۽ ان ڪري اها ڪميشن تاريخ ۾ "شريف ڪميشن" سڏي وئي.

ان ڪميشن سفارش ڪئي هئي ته آئنده سنڌي ٻولي، تعليم جو ذريعو فقط ڇهين جماعت تائين رهندي. ستين جماعت کان وٺي تعليم اردو ٻوليءَ ۾ ڏني ويندي. جنهن وڏيرا شاهيءَ سنڌي قوم جي سموري هڙ پٽي ڪاڏي، سا ايوب ۽ سندس هر حڪم تان قربان قربان پئي ٿي. سنڌي قوم جي وجود خلاف اهو قهر جو آرڊر ٻڌي وڏيرن سياستبازن ان جو ڪوبه نوٽيس ڪونه ورتو ۽ ان جي مخالفت ڪرڻ جو سڄو بار سنڌي ادبي سنگت جي انهن باشعور ۽ باضمير مٺ جيترن ترقي پسند وطن دوست اديبن تي اچي پيو، جن جي ڪيسي ۾ پائي به ڪانه هئي.

چرچل جو اهو فقرو مشهور آهي جيڪو هن جرمنيءَ طرفان برطانيه کي گوڏن ڀر جهڪائڻ جي مهم دوران لنڊن ۽ ٻين شهرن تي جرمن بمبارن جي وحشي بمباريءَ جي ڏينهن ۾ جرمن ويڙهو جهازن سان وڙهي ڪين هيٺ ڪيرائيندڙ، برطانيه جي ويڙهو جهازن جي پائليٽن ۽ توبچين جي باري ۾ چيا هئا. "تاريخ ۾ هن کان اڳ ڪڏهن به ايترن ٿورن ماڻهن ايترن گهڻن ماڻهن کي ايترو احسانمند نه ڪيو هو جيترو اسان جي ويڙهو جهازن جي پائلٽن ۽ توبچين سموري انگريز قوم کي ڪيو آهي."

جيڪڏهن سنڌ ۾ به ڪو چرچل جي پايي جو پنهنجي وطن سان

وفادار مدبر هجي ها، تہ جيڪر هو ان دؤر جي مڻ جيترن ترقي پسند سنڌي اديبن کي بہ ڪن اهڙن ئي تاريخي ۽ لافاني لفظن سان خراج تحسين ڏئي ها.

جڏهن سنڌي وڏيرا ون يونٽ مڙهائي، ايوب کان ڪرسيون ولي، مخالفت جو نالو ڳنائي، پنهنجا پيٽ پيرڻ ۾ ڪتا نہ ٿي پيا، تڏهن سنڌ جا فاقن جا ماريل مڻ جيترا سنڌي اديب، ايوب شاهيءَ جي قهري ڪوٽ تي سر ڏڙ جي بازي لڳائي، هلائون ڪري رهيا هئا. انهن اديبن مان جڏهن بہ ڪنهن تي ڪنهن سبب جي ڪري، مون کي ڏک يا رنج ٿيندو آهي يا ڪاوڙ ايندي آهي (اياز ۽ رباني) جهڙا جوان تہ باقاعدي توبهہ تائب ٿي "سنئين رستي" تي اچي ويا آهن) تڏهن منهنجي اکين اڳيان اٽڪل 25 سال اڳ جو سندن اهو ڪردار بہ ياد ايندو آهي، جڏهن هو نڌڻڪي سنڌي قوم جا اڪيلا وارث هوندا هئا ۽ ڪين صبح شام، سواءِ ون يونٽ جي ڊاهڻ ۽ سنڌ بچائڻ جي ٻي ڪابہ وائي وات نہ هوندي هئي.

پوريءَ ٻي نہ تات، جيڪا سا جتن جي (شاهہ)

جڏهن اسلامي تحريڪ جي مڪي جي سرمائيدارن سان پهرين وڏي ٽڪر جي موقعي تي، مڻ جيترن تحريڪ جي حامين مڪي جي سردارن جي وڏي لشڪر کي شڪست ڏني هئي، تہ انهن آڳرين تي ڳڻڻ جيترن مجاهدن جي همتن ۽ جرئتن کي خراج تحسين ڏيندي فرمايو ويو هو تہ، "اهل بدر تي دوزخ جي باهہ حرام آهي."

اها ڳالهہ ڳٽي، آئون پنهنجي دل ۾ چوندو آهيان تہ جيڪي ايوب شاهيءَ جي آمرانہ آڳ ۾ ان وقت ٽپي پيا هئا، جڏهن سنڌ جو سمورو وڏيرو طبقو هاٿي وانگر عيش عشرتن ۾ مگن هو، تن مست ملنگن ۽ سنڌ جي فقير عاشقن تڏهن جيڪي پورهيا ڪيا، جيڪي مڙسيون ڪيون، تن کي وسارڻ کان وڏي ٻي انصافي ٻي ڪانہ ٿيندي.

چرچل ٻي جنگ عظيم جي موقعي تي پنهنجي قوم کي خطاب ڪندي چيو هو، "هن جنگ جي موقعي تي اچو تہ ائين پتوڙيون، لوچون ۽ لڙون جو جيڪڏهن اسان جي شهنشاهيت هن ڪانپوءِ هزار سال بہ قائم رهي تہ بہ دنيا اسان جون ڳالهيون ياد ڪري ائين چوڻ تي مجبور ٿئي؛ "هن انگريز قوم جي قومي زندگيءَ جي بهترين گهڙي اها هئي جڏهن هو جرمن درندن جي خلاف جنگ پئي وڙهيا."

منهنجي خيال ۾ سنڌي ادبي سنگت جي جهنڊي هيٺ ون يونٽ خلاف سنڌ جي وطن دوست ترقي پسند اديبن جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪا شاندار جدوجهد شروع ٿي، ان جدوجهد جي تاريخي گهڙي اسان جي قوم جي عزت، آبرو، وجود ۽ حيثيت بچائڻ جي ڏکي جدوجهد جي بهترين تاريخي

گهڙين ۾ شمار ڪئي ويندي.

اما ڳالهه قبول ڪرڻي پوندي ته جيڪڏهن ون يونٽ جي مخالفت ۾ وڌهندڙ هن ٽنيڙي علمي ادبي ٽولي جي پٺن تي، پاڪستان جي ترقي پسند تحريڪ جو اخلاقي، نظرياتي ۽ روحاني هٿ نه هجي ها، ته اما جيڪر ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي، انهن سرڪاري ياجوجن ماجوجن جو ڪاچ ٿي وڃي ها. جيڪي شهر جي بهترين هوٽلن ۾ اڏا ڄمايو- سنڌي قوم ۾ ذهني ۽ فڪري مورچي تي انتشار ۽ بي ويساهي ڦهلائڻ ۽ ٽوڙ ڦوڙ ڪرڻ جي سازش ۾ رات ڏينهن مشغول هوندا هئا ۽ اڄان تائين ان ڪرت ۾ لڳا پيا آهن. ان دؤر جي ادبين ڪي رڳو ڏسيو ماڻهو جي بڪ لهيو تي ويٺي. محمد ابراهيم جويو، شمشير، تنوير عباسي، رشيد ڀٽي، مولانا گرامي، اياز، سراج، جمال ابڙو، حميد سنڌي ۽ ٻيا راڄ مڙسن جا هئا. آئون به ان ساٿ جي پهرين صفن ۾ سرگرم هئس. ”انڌا اونڌا ويچ“ مون انهن ڏينهن لکيو هو. ايجنسين ماڻهو ڀرتي ڪري اسان کي ڪافر ٺهرايو ۽ سمورن ترقي پسند سنڌي ادبين تي غداريءَ جو ٺپو هڻائي ڇڏيائون. ڪفر جي فتوائن جا انبار ڪنا تي ويا. يونين ڪائونسلن ۾ ٺهراءُ پاس ٿيڻ لڳا ته هنن ڪافرن خلاف جهاد جائز آهي ۽ ڪئي ويندي. ٻي ڪا واهه نه ڏسي مون، اياز ۽ جويي صاحب کي چئي انهن ماڻهن خلاف قانوني ڪيس داخل ڪيو. جيڪو ڪجھ عرصو هليو. تان جو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هڪ ڏينهن وچ ۾ پئي رضانامو ڪرائي ڪيس ختم ڪرايو. اسان جي خلاف الزام تراشيءَ جو مکيه مرڪز حيدرآباد جي هڪڙي روزاني اخبار هئي.

ان جنگ ۾ سنڌي اديب ان وقت ڏاري بلڪل اڪيلا هئا. ان ڦهري دؤر جي ان منزل تي سنڌن ڪوبه واهر ۽ وسيلو ڪونه هو. جي هو ان منزل تي هٽيار ڦٽا ڪن ها ته امڪان آهي ته ون يونٽ اڄان به قائم هجي ها ۽ جيڪي وڏيرا ون يونٽ ڪانپوءِ ڪرسين جا ڏٽي ٿيا ۽ اربين روپيا ڪمايائون، سي شايد اڄان تائين جهنگن ۾ سڪا زور پيا ڏين ها.

ان وقت حاڪم طبقي ۽ ان جي سياست سان واڳيل هڪڙو ماڻهو سنڌ پاران وڙهندڙ ادبين جي فقرا لڏي جو خالص علمي ۽ ادبي مورچي تي پاسو جهليو بيٺو رهيو ۽ ڪڏهن به سنڌ لاءِ جاکوڙيندڙ ترقي پسند وطن دوست ادبين جو ساٿ ڇڏي، ڪانئن منهن نه موڙيائين.

سهسين سائر گجن، تو سهج نه مٺي سهٽي (شاهه)

هن جا ٻيا هزارين لکين حبدار ۽ مداح سنڌس ٻيا انيڪ گڻ ۽ قرب ياد ڪندا. پر جڏهن به مون کي اهو زمانو ياد ايندو آهي ۽ ان زماني ۾ سنڌس ڪردار ياد ايندو آهي تڏهن آئون سوچيندو آهيان ته مخدوم محمد

زمان طالب المولیٰ جي گوناگون زندگيءَ جا ٻيا سمورا ڪم هڪڙي پاسي ۽ مٿي ذڪر ڪيل سندس وطن دوست علمي ادبي موقف ٻئي پاسي. وطن جي ماٿهن تي آيل ان ڏکيءَ مهل اهڙي اهم مورچي تي پنهنجن جو پاسو وٺي بيهڻ ڪري ٻه هو سنڌ جي تاريخ ۾ هميشه ياد رهندو.

شال رب جون مٿس دائمي رحمتون وسنديون رهن.

••

رئيس وڏي جون ٿوپيون

جڏهن اهو ٻڌم ته سندس والد رئيس الهندي خان جي ڇڏيل لائبريريءَ ۾ انگريزن جي واريءَ جا ڪي دلچسپ دستاويز آهن، تڏهن رئيس محبت خان جي دعوت کان معذرت ڪرڻ جو ارادو بدلائي. ساٿس وعدو ڪيم، ته 15 ڊسمبر تي اول خير ڪراچيءَ مان سندس ڪيس هلائي، ساٿس گڏجي، سندس ڳوٺ هلبو.

رات جو ڪجهه دير رهاڻ ڪري ٿڪ سبب ڪجهه جلد سمهي پياسين. ٻئي ڏينهن نيرن ڪري رئيس وڏي جي ڪاغذن پٽن ڪي جاچڻ ۾ جنبي وياسين. ماضي هر هڪ کي حيرت ۾ وجهي ٿو، خاص ڪري انهن کي جيڪي ماضيءَ کي حال وانگر جيئرو جاڳندو محسوس ڪرڻ جي تصور ۽ تخيل جي ذهني قوت رکندا هجن. عجيب دنيا هئي، خانداني شجرا، قرآن شريف مٿان لکيل خاندان جي ڀاتين جي ولادت ۽ رحلت جون تاريخون، خانداني فيصلا، انگريز آفيسرن ڏانهن موڪليل درخواستون، انهن جا مختصر، تز ۽ مغرور فضيلت وارا جواب، شڪار جا بندوبست، انهن جي باري ۾ شڪر گذاريءَ جا خط، صاحب بهادرن کي رعيت جا ڏنل فصاحت بلاغت ۽ عاجزيءَ ۽ احسانمنديءَ جا فخر ڀريل نماڻائيءَ سان ڇلڪندڙ سپاسناما، صاحب بهادرن سان گڏ ڪڍايل فوٽا جن اڳيان صاحب ۽ ميم صاحبون ۽ پويان رئيسن جا ميرن جي واري جي يادگار لباسن ۾ ڀهڪندڙ، فرمانبردار ۽ تابعدار ديسي چهرا، پراڻي ابوالحسن واري سنڌيءَ جهڙين صورتخطين ۾ لکيل پراڻا طبي ۽ ٻيا ڪتاب، سنڌي ۽ فارسي شعر. مطلب ته هڪڙي پوري دور جي ڪهاڻيءَ جا مختلف عنوان اکين اڳيان هئا.

ان دور ۽ ان جي سماجي مزاج جا گونا گون رنگ ڏسي ماڻهوءَ لاءِ

اهو تصور ڪرڻ به مشڪل ٿي ٿي پيو ته هن هڪڙي ساڳيءَ ڌرتيءَ تي ههڙا مختلف بلڪ هڪبئي جي ابتڙ جهان ڪيئن ٿا آباد رهي سگهن.

جڏهن سڄو ڏينهن اهي گذريل زمانن جا دفتر ڏسي ۽ پڙهي، ماني کائي، ٿورڙي ننڊڙي ڪري اٿياسين، ته معلوم ٿيو ته مطالعي ۽ مشاهدي جي هڪڙي منزل اڃان به رهيل آهي.

رئيس چيو، "سيائي اول خير لئين ۽ پراڻي زماني جي پوشاڪن جو فرق ڏسي وڃجو پوءِ شام جو هليا هلنداسين حيدرآباد."

رئيس وڏي ۽ وڏن رئيسن جا لباس هوندئن ته اڄ جي لباس جي ڀيٽ ۾ بلڪل اور ٿي لڳا پر جيئن ته منهنجا قديم سنڌي لباس اڳيئي ڏٺل هئا، ان ڪري انهن ۾ مون کي ڪا خاص نواڻ نظر نه آئي. پر ته به اخلاقن، سمورا سٺاءِ ڏئم ۽ پنهنجي پسند جو دستوري اظهار ڪيم.

جيئن ئي پراڻين پوشاڪن واري ڪمري جي در وٽ آياسين ۽ پانير ته هاڻي موٽي اوطاق ڏانهن هلبو، تيئن رئيس چيو، "بس هاڻ رڳو رئيس وڏي جون ٽوپيون رهيون آهن، انهن تي به هڪڙي نظر وجهي ڇڏيو ته بهتر."

پوڙهو مگر چست، اڇا ڪڙو تڙو ملازم، ٽوپيون ڪڍي ڏيکارڻ لڳو. اهو معلوم ڪري خوش ٿيس ته هو نه رڳو چار درجا انگريزي به پڙهيل هو پر پنهنجي علميت ۽ قابليت جو ثبوت ڏيڻ ۽ ان جو داد وٺڻ لاءِ به تيار بلڪ بي چين هو. هر ٽوپي کڻي ان جو احوال تفصيل سان سمجهائڻ لڳو. مون کي لڳو ته جي هي ڪنهن ٻئي چڱي ملڪ ۾ هجي ها، ته سير سفر جي شوقين ماڻهن جو سٺو سونهون يا ٽوئرسٽ گائيڊ ثابت ٿي سگهي ها.

جڏهن ڏٺائين ته آئون رئيس وڏي جي ٽوپين جون عجيب غريب ڊزائينون ڏسي پنهنجو اچرج لڪائڻ جي ڪوشش پيو ڪريان، ته ادب سان چوڻ لڳو:

"سرڪار، توهان کي هيتريون ڀانت ڀانت جون عجيب غريب ڊزائينن واريون ٽوپيون ڏسي عجب ته ضرور لڳندو. قدرتي ڳالهه آهي، هيتريون ۽ ههڙيون ٽوپيون توهان کي ڪنهن به سنڌ جي سگهڙ جي پوشاڪ خاني ۾ مشڪل نظر اچن. ڳالهه هيئن آهي، منهنجا سائين، ته رئيس وڏو لباس ۾ ٽوپيءَ کي مرڪزي اهميت ڏيندو هو."

منهنجي چهري تي لکيل ٻيو سوال به جڻ پڙهي ورتائين. "سائين! رئيس وڏو راڄن ڀاڳن ۽ سگهڙن ۾ پڳ ٻڌڻ پسند ڪندو هو. پر سرڪارين درٻارين ۾ ٽوپي پائڻ وڌيڪ مناسب سمجهندو هو ۽ جيڪڏهن ٽوپي ڪنهن مختلف ڊزائين جي هجي ته ان کي عيب بدران خوبي سمجهندو هو."

"ته هي هيتريون ۽ هنن قسمن جون ٽوپيون سڀ رئيس وڏي جون

هيون؟" "سرڪار، رئيس وڏي جو اصول هو ته هر موقعي ۽ مهل لاءِ الڳ لباس ۽ خاص ڪري جدا ڊزائين واري ٽوپي هجڻ لازمي آهي مثلن:" هن کلندي چيو "قائد اعظم اڳيان ته توهان ڪانگريسي ٽوپي پائي ته نه وڃي سگهو ها نه!"

مون چيو "برابر، پر هيءَ ٽوپي.......؟"

"ها، اها ئي ته ڪانگريسي ٽوپي آهي نه! اها رئيس تن ڏينهن گهڻي پائيندو هو جڏهن سيٺ خوبچند ۽ ٻيا ڪانگريسي سندس مددگار ۽ پاڻ سندن مدد سان ڊسٽرڪٽ بورڊ جو صدر ۽ ضلعي ڪانگريس جو پريزيڊنٽ ٿيو هو."

"۽ هيءَ..........؟"

"اها قائد اعظم ڪيپ پائي رئيس وڏو 1936ع ۾، ڪراچيءَ واري مسلم ليگ جي ڪانفرنس ۾، قائد اعظم جي خدمت ۾ پيش ٿيو هو ۽ پاڻ کي ضلعي مسلم ليگ جو صدر مقرر ڪرائي موٽيو هو."

" ۽ هي ٽوپلو....؟"

"توهان کي ياد هوندو ته صدر اسڪندر مرزا اڪثر ٽوپلو پائيندو هو. جڏهن رئيس وڏو ليگ ڇڏي، ريپبلڪن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ هي ٽوپلو پائي، وڃي صدر جو سلامي ٿيو، ته ضلعي ڇا، سڄي سنڌ جا [illegible] سڙي ويا! اسڪندر مرزا واري ٽوپلي جهڙو ٽوپلو پائڻ جو خيال [illegible] ڪونه آيو. سائين دماغ به ته ڪپي اهڙين ڳالهين لاءِ! اسان جي سنڌ جي وڏيرن وٽ اهڙا دماغ هجن ها ته هيئن ڏکا ڇو ڪائون ها؟ ڀلا هيءَ شڪاري ٽوپي. ٻڌايو، ڪهڙي حاڪم جي پسند جي هئي؟"

مون کان جواب نه ملندو ڏسي، چيائين:

"سچاٽو نٿا؟ ٿورو ياد ڪريو! صدر ايوب شڪار تي ڪهڙي ٽوپي پائيندو هو؟"

"۽ هيءَ مائو ڪيپ؟"

"توهان خيرن سان ٽپ هٽي ڏسو!"

"ذوالفقار علي ڀٽو؟"

"هان شاباس!" هن ٺهڪ ڏيئي داد ڏيندي چيو، "نيٺ به ته سائين باليسٽر وڪيل آهيو. ڪا کهٽ ڳالهه ته ناهيو! ۽ هي سائين منهنجا!، اٿو اها ترڪي ٽوپي جيڪا رئيس وڏو تڏهن پائيندو هو، جڏهن خلافت تحريڪ زور شور سان پٽي هلي. هندستان ۾ وڏو خلافتي هو، سائين، ان زماني ۾، پنهنجو رئيس وڏو! مولانا محمد علي ۽ مولانا شوڪت علي سان گڏ اڳهڙو سندس گروپ فوٽو نه ڏيکاريومانو؟ هاڻي هيءَ به ڏسو مودودي ڪيپ. هي

مولانا نيازيءَ وارو ڪلو. هيءَ احراري ٽوپي....“ هن درجن کن ٽوپيون ڏيکاريندي سندن سياسي قبيلا ٻڌايا. هڪڙي ٽوپي نڪا تي لڳي ڪانگريسي نڪاليگي.

”اھا؟ اھا سائين، بنگالي بابوئن سان ياريءَ جي نشاني آھي. تن ڏينھن رئيس وڏو ۽ خواجه ناظم الدين چڻ پڳ مٽ يار ھئا. ھاڻ اصول ته طئي ٿيل ھو نه سائين منھنجا! ته جنھن جي پارٽيءَ ۾ داخل ٿيو، ان جي ٽوپي پائبي.“

مون چيو، ”۽ جڏھن پارٽي بدلائبي تڏھن ٽوپي به بدلائبي؟“ ”ھان شاباس! توھان جا پٽ بچن! جيئن ئي ھڪڙي ڏينھن کو حاڪم لٿو، تيئن ئي خبر ٻڌڻ شرط، ان جي ٽوپي لاھي ڦٽي ڪبي ۽ نئين حاڪم جي ٽوپي مٿي ۾ پائبي....... سائين ڪنھن کي به خبر ڪانه اٿو! ڪنھن کي به نه! معاملو ئي اھڙو ھو نه! پر ھن گنھگار اکين رئيس وڏي کي اسر مھل ماٺ مٺيءَ ۾، ڪلاڪن جا ڪلاڪ، ھر ھر ھيئن سلام ڪندي ڏٺو آھي!“

ھن سختيءَ سان ٻانھن گوڏن ڪان مٿيري اڳتي ڌڪي، نازي سلام ڪري ڏيکاريو.

”مشق پئي ڪيائين، منھنجا سائين، مشق! ڪھڙي خبر؟ ڇا به ٿي سگھيو ٿي! ھٽلر نامراد کي مصر مان يا ايران مان سٽ ڏيئي، سنڌ پھچي وڃڻ ۾ دير گھٽي لڳي ھا؟ ماٺھو ھڪڙي بدران ٻي ٽوپي پائي وڃي، ھٽلر جھڙي رھزن کي سلام ڪري، ته ابتي ڪل نه لھرائي ڇڏي؟ عزت ئي نه ڏوڙ ٿي وڃي؟“ منھنجي چھري جي تاثر کي پسنديدگيءَ سان ڏسندي چيائين ”۽ سائين! ٽورڙي ھن پاسي به قرب جي نظر ٿئي. ھي به بندوبست ھئا!“

پراڻي اخباري ڪٽنگ ۾ مشھور ھندستاني باغي ليڊر سباش چندر بوس فاتحانه شان سان جپان جي فوجي وزير اعظم جنرل ٽوجو سان گڏ ويٺو ھو.

”جپانين جي حاڪم جنرل ٽوجو جي جنَ کي قبضي ۾ ڪرڻ لاءِ ٽوجو جي ٽوپي به خيرن سان موجود ھئي! اجھا ھيءَ ڇپي ٽوپي ان چنگيز صفت جنرل جي! دور انديشيون ڏسندا ھلو، قبلا! چرچو ناھي؟ پر افسوس جو قوم جھڙو چئجي تھڙو قدر نه ڪيو!“ ھن ڏک وچان چيو. منھنجي وات مان بي اختيار نڪري ويو ”سبحان الله! پوءِ ته رئيس سوشلسٽ به ضرور ھوندو!“

”فرمايو ڇا ٿا قبلا! رئيس وڏو سؤ سال ڇا، سؤ صدين کان پوءِ ٿيڻ جوڳيون ڳالھيون به خيال ۾ رکندو ھو.“ ائين چئي ھو وري اندر ھليو ويو. سندس ھٿ ۾ ٽي ٻيا ٽوپلا ۽ ٽي ٻيون ٽوپيون ھيون.

"هي خاص ٽوپلو ان لاءِ ولي رکيو هئائين ته جي اتفاق سان وري به انگريزن ناهنجارن جي حڪومت موٽي اچي ته هڙو ٽوپلو هڪيو حاضر هجي، جيڪو پائي سڏو صاحب جي سلاميءَ تي هلبو وڃجي."

"هي فيلٽ هيٽ؟"

"ٻ هي فيلٽ هيٽ ٻ هوءِ پريان ٽنگيل صدري ان موقعي لاءِ هئا ته جي ڪنهن ڏينهن، خدا نه ڪري، هتي هندو ڪافرن جي حڪومت وري قائم ٿي وڃي، ته پوءِ اهو جواهر لال نهرو جو فيلٽ هيٽ ٻ هوءِ سندس دلپسند صدري پائي، ڪيس ڪراچيءَ ۾ وڃي هار پارائي، ڳوٺ ڏوري تي وٺي اچجي. رئيس جو دماغ ڏسي ڪانگريسي ڏوترن جا عقل نه چرخ ٿي وڃن ها!"

"ٻ هيءَ ٽوپي ڪهڙي حاڪم جي آهي؟"

"اهو ڪٿي توهان ڀڏايو!"

جڏهن گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ مون کان ڳجهارت ڀڳي نه ٿي، ته هو امالڪ اندر ويو ٻ هڪڙي فريم واري تصوير کڻي آيو. "ڀلا هن تصوير واري ٽوپيءَ تي نظر ڪريو. هي همراهه ڀلا سڃاڻو ٿا؟ زبر زنگ وڪيل آهيو. ضرور سڃاڻندا هوندا." هن مون ڏانهن دوستاڻي چئلينج وارين مرڪندڙ نظرن سان ڏسندي چيو. تصوير ۾ هڪڙو ماڻهو هوبهو اهڙي ٽوپي پايو ويٺو هو جهڙي رئيس وٽ هئي. اهو ماڻهو روسي سوشلسٽ انقلاب جو باني ٻ ان جو معمار ولاديمير لينن هو.

"سائين ٺهر جو ماڻهو هو رئيس وڏو. جي "ڪهڙي خبر اوچتو ڪميونزم ڪڙڪي پوي ته پوءِ ڇا ڪبو؟" امريڪا کان به غافل نه هو. چوندو هو، ڏسجو وڻنا! پس پيش امريڪا توهان کان ملڪ ڪسيندو نه مڙندو اصل نه، هي اٿو صدر جانسن وارو وڏو ٽوپلو. امريڪي اچن ها ته رئيس جي مٿي تي اڳواٽ ئي جانسن وارو ٽوپلو ڏسي ششدر نه ٿي وڃن ها؟!"

حيدرآباد موٽندي مون رئيس محبت خان کي چيو، "چوٿين تاريخ شام جو آفيس ۾ اچجو ته ڪيس بابت ڪجهه صلاح مصلحت ڪري وٺجي."

چيائين: "چوٿينءَ بدران ڇهين رکجي ته ڪيئن ٿئي؟"

مون چرچو ڪري چيس، "چوٿين تاريخ ڪنهن دلبر جي دربار ۾ حاضري آهي ڇا؟"

چيائين "نه سائين! اهڙا ڀاڳ ڪٿي؟ اڄڪلهه ڏسو وڻنا ته حسن جون سرڪاريون ڪرسيءَ وارين سرڪارين ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ڏانهن اک کڻي نهارڻ لاءِ به تيار ناهن."

" تہ پوءِ؟"

"ہيو خير آهي. ٽوپيون پراڻيون ٿي ويون آهن ڪجهہ نيون وٺيون آهن. مڙيئي وڏن جي ريت ڪي منهن ڏيڻو ٿيو."

شنوائيءَ واري ڏينهن ڏٺو مانس تہ هڪڙي نئين ۽ نرالي ڊزائين واري ٽوپي پاتل هيس. ان ڏانهن اشارو ڪندي ڪلي چيائين؛

"بلڪل نئون فيشن آهي!"

ڪپڙي جي چتيءَ تي ٽوپيءَ جو نالو هلڪي اڇ لکي رنگ جي سنڌ جي نقشي هيٺيان لکيل هو "خالص قوم پرست."

الائي ڪهڙو خيال آيس. اوچتو سنجيدو ٿي چيائين "هڪڙي ڳالهہ چوان؟ دل ۾ تہ نہ ڪندؤ؟ ڪڏهن صدر ۾ قومي ڪئمپ هائوس تان هلي ڪي يڪيون ٻہ درجن ڪر جهڙيون ٽوپيون وٺي ڇڏيو! سچي عمر لاءِ جان ڇٽي پوندي. موقعي ۽ موسم آهر ٽوپي پائي، پوءِ ماڻهوءَ کي جيڪي وڻي، سو پيو ڪري، ڪير پڇڻ وارو ڪونہ هوندو."

وڏيرڪي راڄ جي ڪوڙهہ

ماڻهو جهڙي ڪم ۾ پڙ هوندو، اهڙي ۽ اوتري سمجهہ، قابليت ۽ همت هوندس.حڪومت ۽ بادشاهي ڪرڻ بہ هڪڙو ڪم ۽ هڪڙو ڌنڌو آهي ۽ ان لاءِ اهڙي ۽ اوتري سمجهہ، قابليت ۽ همت گهرجي.

حڪومت جا ڪئين ڏاڪا آهن. اڪيلي جان جي مالڪي، گهر ۽ ڪٽنب جي چڱ مڙسي، راڄ جي وڏيرپ، قبيلي جي سرداري، بادشاهت، بادشاهت مٿان بادشاهت يعني شهنشاهيت. بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب ڪڏهن بہ بادشاهت جي منزل کي نہ پهتا. پاڪستان جي قوميتن ۾ اڪيلي سنڌ آهي جيڪا ١٥ صديون اڳ بہ بادشاهيءَ جي مالڪ هئي. سنڌ جو پهريون ڄاتل سڃاتل شاهي گهراڻو "سهاسي گهراڻو" هو.

بادشاهيءَ لاءِ سوچون، سمجهون. اڳ ڪٿتيون دور انديشيون، رٿائون، منصوبي بنديون ۽ حوصلا بہ بادشاهي سطح جا گهرجن ٿا.

ڪامياب بادشاهيءَ لاءِ بادشاهين جا اندروني ۽ خارجي انتظام ۽ بندوبست صحيح رکڻ، مخالفن سان ڪامياب ڇٽا پيٽيون ڪرڻ، سندن

ڳراين ۽ دست اندازين کي منهن ڏيڻ لاءِ ڳوات رٿابنديون ۽ سٽا؛ سٽڻ، سندن سخت قسم جا گهيرا ٽوڙڻ، لاڳيتيون ۽ توڙ تائين ثابت قدم، اڻ ورچ ۽ اڻ موٽ ويڙهيون ڪرڻ ۽ سويون پائڻ، سؤ دفعا مري، سؤ دفعا وري جيئرو ٿيڻ، هارائڻ، کٽڻ، وري هارائڻ، وري کٽڻ، وري هارائڻ، وري کٽڻ، پوءِ بہ ضرورت کان زياده دلي طرح آڻ نہ مڃڻ، ٿورو پوئتي هٽي وري پيش قدمي ڪرڻ، هر موقعي جو فائدو وٺڻ، وڏي نظر ڌارڻ، پنهنجي رفيقن، پنهنجي سپاهہ، پنهنجي اتحادين، پنهنجي ڪُڙم ۽ قوم، پنهنجي پوئلڳن جي سار سنڀار لهڻ، متن نظرداري رکڻ، کين ڊسيپلين ۾ آڻڻ ۽ رکڻ ۽ ٻيا اهڙا سوين ضروري ڪم ڪرڻ ۽ بندوبست رکڻا آهن.

سنڌ جي گذريل اٽڪل ٽن صدين جي تاريخ، سنڌي حاڪم طبقن جي حڪومت ڪرڻ جي لائق نہ هجڻ جي تاريخ آهي. صدين جي غلاميءَ ۽ ڪلهوڙا دور جي خانہ جنگي، افراتفري ۽ خونريزيءَ ڪانپوءِ ميرن جي راڄ سياسي ۽ انتظامي جوڙجڪ جي خيال کان، سنڌ کي چوڏهن پندرهن صديون پوئتي ڌڪي ڇڏيو ۽ پندرهن سورهن صديون اڳ جي قائم ٿيل هڪڙي يڪي مملڪت جي بادشاهي نظام کي ٽوڙي، ڀڃي ڊاهي، ان کي عملن هڪڙي قبائلي، سرداري راڄ طرف پوئتي ڌڪي ڇڏيو ۽ سنڌ عملي طرح هڪ مملڪت بدران ٽالپرين، ماٽڪاڻي، سهراباڻي وغيره قبائلي راڄن ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي. تان جو رڳو شڪارپور جو شهر بہ درجن کن حصيدارن ۾ ورهايو پيو هوندو هو.

ڏند ڪٿائون:

هر قوم جي تاريخ ۽ ثقافت جو ڪافي حصو ڪوڙين ڏند ڪٿائن تي ٻڌل ٿئي ٿو. سنڌي تاريخ جي وڏيڪ مشهور ڏند ڪٿائن مان ٻہ ڏند ڪٿائون اهي آهن تہ سنڌ ۾ مثالي مذهبي رواداري پئي رهي آهي. اها ڳالهہ تاريخ جي غلط بيانين مان هڪڙي آهي. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور کي تہ ڪٿي ڇڏجي پر خود ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور ۾ اسان جا سنڌي هندو ڀائر جنهن گهٽ ٻوسٽ، خاموش دٻاءُ، ۽ مذهبي ظلم زبردستي جي اشڪنجي ۾ جڪڙيل هئا، تنهن جو رڳو مثاچرو تصور ڪرڻ لاءِ شاهہ ولي الله اڪيڊميءَ طرفان ڇپايل ڪتاب "تيرهين صديءَ هجريءَ جا مشاهير" پڙهي ڏسڻ ئي ڪافي ٿيندو. سلام ڪرڻ گهرجي اسان جي انهن سنڌي ڀائرن کي جيڪي قبائلي، جاگيرداري ۽ ملاشاهيءَ واري ظالم اونده اندڪار ۾ نہ رڳو جيئرا رهيا پر مٿي ايريا. چمڪيا سڄي جهان ۾ ڦهلجي ويا ۽ جت ڪٿ پنهنجي نالي سان رهيا پيا آهن. مٿي ذڪر ڪيل پهرين ڪوڙي ڏند ڪٿا وري هڪڙي ٻيءَ ڪوڙي ڏند ڪٿا کي جنم ڏيڻ ۾ مدد ڪئي.

سنڌي قبائلي سردارن، وڏيرن ۽ تعصبي ملن خلاف روشن خيال وچين طبقي جي قدرتي شديد نفرت جو هڪڙو نتيجو اهو ٻه نڪتو جو ڪيترن سنڌي وچولي طبقي جي پڙهيل ماڻهن ولي اهو چوڻ، وسهڻ ۽ ويساهڻ شروع ڪيو ته سنڌي هندو واپاري سنڌي عوام ۽ قوم جا وڏا گهڻگهرا هئا. ان ڪان وڏيڪ غلط فهمي ٻي ڪانه ٿيندي. سرمايه دار سامراجي انگريزن ذات پات، قبيلي پرستي ۽ وڏيرا شاهيءَ جي مڪروه دهشتگرديءَ جي صدين ڪان سٽيل هندستان ۾ ڏاڍو ٻه گهٽو ۽ اڏيو ٻه گهٽو. پر پوءِ ٻه جيترو ڏاهڻ ڪپندو هون اوترو نه ڏاڍائون ۽ نه وري جيترو اڏڻ ڪپندو هون اوترو اڏيائون.

صليبي جنگين واري صلاح الدين ايوبيءَ جي حريف رومانوي شخصيت با-شاهم شير دل رچرڊ جي ننڊي ڀاءُ جان بادشاهه ڪان منگناڪارٽا جو آئيني دستاويز زوري لکائي وٺڻ ڪانپوءِ انگريز ماڻهو پنهنجي قومي تاريخي وجود جون پوريون 14 صديون دهشتگرديءَ جي سڀ ڪان وڏي علامت يعني آپيشاهه بادشاهت خلاف وڙهيا. ان وقت هو هڪڙو حقي تاريخي ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. پر هندستان ۾ هو ڪافي حد تائين ظلم ۽ ناحق جو ڪردار ادا ڪري رهيا هئا. ان ڪري هندستان ۾ مڪاني ناحق جي نظام جي هڪ حد تائين حمايت ڪرڻ ۽ ان ڪي هڪ حد تائين قائم رکڻ هنن جي ناحق پرست مقصدن لاءِ لازمي ٿي پيو هو.

سنڌين جي هاٺوڪن عذابن جون پاڙون ان انگريزي پاليسيءَ ۾ ٻه ڪتل آهن. هنن قبائليت ۽ جاگيرداري ڪي نه رڳو قائم رکيو پر ان ڪي زور ٻه وٺايو. قبائليت، جاگيرداري ۽ وڏيرا شاهيءَ جي سماجي مرض سنڌي قوم ڪي سڪائي مڙهه بنائي ڇڏيو آهي.

انگريزن جي هڪڙي ٻي پاليسيءَ سنڌي هندن ۽ پنجابي مسلمانن جي سنڌي مسلمانن مٿان برتريءَ ۽ بالادستيءَ ڪي گهٽو وڌايو ۽ زور وٺايو.

ٻين حاڪمن وانگر انگريزن جي ٻه پاليسي هئي ته سنڌن هندستان جي علائقن تي قابض ٿيڻ وقت جنهن جنهن علائقي ۾ جيڪي جيڪي گروهه، طبقا ۽ فرقا ۽ مذهب ڪمزور هئا تن تي هٿ رکيو وجي ۽ ڪين زور وٺايو وجي ۽ جيڪي ڏريون ڪانئن اڳ عروج تي هيون، تن ڪي هيٺو ڪري هيٺ ڪيرايو وڃي.

پنجاب ۾ انگريزن ڪان اڳ پنجاب جا حاڪم سک هئا. ان ڪري هنن پنجاب ۾ پنجابي مسلمانن تي هٿ رکيو ۽ ڪين ورسايو. سنڌ ۾ ڪانئن اڳ حاڪم مسلمان هئا ۽ هندو ماڻهو مظلوم هئا. هنن ان ڪري هندو واپاري ۽ ڪاموري ڪلاس ڪي ورسائي، زور وٺائي، ڪين پنهنجو گماشتو ۽ سنڌ جو ڇوٽو مالڪ بنائي ڇڏيو. سنڌي عوام ڪي، ان ڪري، پاڪستان ٺهڻ ڪان

اڳ، نااهل ۽ جاهل وڏيرا شاهيءَ جي عذاب سان گڏ سنڌي هندو واپارين جي بالادستيءَ جو ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنجابي مهاجر مهربانن جي بالادستيءَ جو شڪار ٿيندو پيو.

انگريز چوندا آهن ته، "جيڪي ڳالهيون ۽ حالتون عام دستور ۽ هليءَ چليءَ جي ابتڙ ٿين ٿيون، سي عام دستور ۽ هليءَ چليءَ کي ناثابت نه ٿيون ڪن. اُٽلو اهي ان عام دستور ۽ هليءَ چليءَ جي ثابتي ڏين ٿيون" (Exception proves the rule) اٿي ۾ لوڻ جيترن ٿورن نيڪ نيت، روشن خيال ۽ موتين ۽ گلابن جهڙن خوشبودار محبوب صفت اعليٰ انسانن کي ڇڏي، عام واپاري طبقي جي سنڌي هندوءَ جو سنڌي عوام ڏانهن رويو دشمني ۽ حقارت وارو هو. هو انگريز جو دادلو ۽ سنڌي وڏيري جو بالادست هو. سنڌس سوچ مطابق سنڌي عوام سنڌس جتيءَ برابر هئا ۽ هو وڏيرن، سردارن سان ڀائيواري ڪري، سنڌي هارين کي پوليس ۽ وڏيرن هٿان دٻرائي، لکن ڪروڙن جو مالڪ ٿي ويو هو. سنڌس بنيادي ڪردار سنڌي وڏيري جهڙو سنڌ دشمن هو. ڪن ڳالهين ۾ هو وڏيري کان وڌيڪ خطرناڪ هو، ڇو ته هو وڏيري کان وڌيڪ پڙهيل، وڌيڪ چالاڪ ۽ وڌيڪ لياقت، پهچ ۽ هلنديءَ وارو هو. ان ڪري هو سنڌي قوم جو وڏيري کان وڌيڪ نقصان ڪري سگهيو ٿي ۽ پهچ آهر وسان ڪونه گهٽايائين. هن ڪئين سال سنڌ کي صوبو بنجڻ نه ڏنو. هن ڪيترا سال سنڌ يونيورسٽي بنجڻ نه ڏني. هن سنڌي عوام جي هر گهر کي دٻائڻ ۾ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو. هن سنڌي ڳوٺاڻي کي غلام کان به ڪنهن به حيثيت ۾ ڏسڻ نٿي گهريو. اسان جا نوان مسلمان ڀائر، اسان جي سنڌي هندو واپاري ڀاءُ کان به سنڌ دشمنيءَ ۾ چوٽ چڙهي ويا. تنهن ۾ اسان جي سنڌي هندو واپاري ۽ ڪامورن ڀائرن جو ڪو به ڏوهه ڪونه هو. هنن وسان ڪونه گهٽايو پر پلان پليءَ جو ڇيهه آهي ئي ڪونه. اهڙيءَ طرح پاڪستان کان اڳ اسان جن وڏيرن ۽ اسان جي واپاري ۽ ڪامورن ڀائرن ۽ ان کانپوءِ اسان جي وڏيرن، اسان جي هندستاني ڀائرن ۽ اسان جي پنجابي مهربانن اسان کي هن حالت تي رسايو آهي.

انهن سڀني ۾ مکيه ڪردار وڏيرا شاهيءَ جو آهي.

سنڌ ۾ بمبئي کان جدائيءَ لاءِ فقط سنڌين جون ڪوششون ڪتب نه آيون، ان ۾ سڄي هندستان جي مسلمانن جي ڪوشش جو به وڏو دخل هو. چاڪاڻ جو گڏيل هندستان جي مسلمان سياست جي گهرج اها هئي ته هندو اڪثريت وارن صوبن جي ڀيٽ ۾ ڪافي تعداد ۾ مسلمان اڪثريت وارا صوبا به صوبائي خودمختياري رکندڙ هجن. 1936ع ۾ صوبائي خودمختياري ملڻ کانپوءِ جي سنڌ جي صوبائي تاريخ سنڌي وڏيرا شاهيءَ جي نڪمائي،

نااهلي ۽ مجرمانہ بي اعمالائي، هيچ ۽ ڪوتاهہ نظريءَ جي تاريخ آهي. هنن جوڙڻ هو انگريزن ۽ هندو سيٺين جي چپٽين تي نچڻ ۽ سچو ڏيڻهن خصيص لاڳڻ پويان پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ هڪڙيون وزارتون ڊاهڻ، ٻيون ٺاهڻ ۽ وري ڊاهڻ. محمد علي جناح صاحب سان ڪيل خط و ڪتاب جو رڪارڊ، جيڪو هاڻ بازار ۾ ملي ٿو، سو پڙهي ڏسبو ۽ ان ۾ سر غلام حسين، گدر ۽ ٻين جا محمد علي جناح صاحب کي لکيل خط پڙهي ڏسبا تہ ماڻهوءَ کي شرم ايندو تہ سنڌ جي قيادت ڪهڙي سطح جي ماڻهن جي حوالي هئي.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ پيپلز پارٽيءَ جي دور جهڙي چانس سنڌي وڏيرا شاهيءَ کي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڪانہ ملي. مرڪز جي اقتدار تي سندن قبضو هو. بظاهر قبضو بہ قبضن جهڙو. جيڪڏهن پيپلز پارٽيءَ جي مالڪ وڏيرن ۾ ڪو انتظامي افعال، ڪا لياقت، ڪا دور انديشي، ڪا پنهنجائپ هجي ها، ڪا پنهنجا پيٽ ڀرڻ، وير ورائڻ ۽ غريبان مار ڪرڻ ۽ ٻين هلڪڙاين کان واندڪائي هجي ها، منجهن پنهنجن ووٽ ڏيندڙن ۽ ڪرسين تي ويهاريندڙن لاءِ اکين ۾ ڪا ديد ۽ ڪا وفاداري هجي ها ۽ منجهن حڪومت ڪرڻ جي صحيح لياقت هجي ها تہ هو سنڌ جا ڪافي درد دور ڪري سگهن ها ۽ ڪنهن کي مجال ٿي ڪونہ ٿئي ها جو سنڌي قوم ڏانهن اک کڻي نهاري سگهي ها. مثلن هو لياريءَ سميت ڪراچيءَ جا ڳوٺ پڪا ڪري سگهيا ٿي. انهن کي مڪمل سهوليتون ڏيئي سگهيا ٿي، انهن کي جيوانن بدران انسانن جون بستيون ٺائي سگهيا ٿي، ان سان گڏ هو جيڪڏهن سنڌ جي اندروني ضلعن جي ماڻهن کي ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ٽنڊي آدم، ٽنڊي الهيار وغيره سنڌي شهرن ۾ اجها ۽ بستيون ڏئي ڪين رهائش ۽ گذر جون سهوليتون بہ مهيا ڪري ڏين ها تہ اڄ لکين ڌارين بدران سنڌ جي اندرين حصن جا لکين سنڌي ماڻهو اچي ڪراچيءَ ۽ ٻين سنڌي شهرن ۾ آباد ٿيل هجن ها. ڪراچي اڄ سنڌين جو شهر هجي ها ۽ ان ۾ ڪوچڙا شاهي هيئن من مستيون نہ ڪري سگهي ها. اهڙي طرح هو نهايت آسانيءَ سان حيدرآباد کي بہ سنڌين جو شهر بنائي سگهيا ٿي. هزارين اهڙا ڪم ڪري سگهيا ٿي، جيڪي مخالفن جي مُرلي بند ڪري ڇڏين ها ۽ هي ڌاڙا ۽ هي دهشتگرديون ۽ هي من مستيون ٿيڻ ۽ روز حڪومتن کي ڊاهڻ جا قصا ٿي نہ ٿي سگهن ها.

هر نئين وڏيرڪي حاڪم ٽولي سنڌ جا صوبائي اختيار، جنهن لاءِ سنڌي ماڻهن هيترا سال واجهايو ۽ ويڙهيون ڪيون، تنهن ۾ ڪو واڌارو تہ نہ ڪيو، پر اٽلو هر دفعي ان مان هڪڙو وڏو حصو تين وال ڪري ويرين جي حوالي ڪري ڇڏيو.

پيپلز پارٽيءَ جي پهرين حڪومت ۾ سواءِ هڪ ٻن جي ٻيا سڀ

وزير سنڌي هئا.

دراصل سنڌي وڏيرو پاڻ کي سنڌ جو وارث سمجھي ئي نٿو. هن کي ان تي ڪابہ غيرت نٿي ولي تہ سنڌ جي صوبائي اختيارين مان سنڌي ماڻهن جي ڪيتري پتي وچي ٿي بچي. هن کي جيڪي مليو سو ڪار، سندس گھر پرجي پوءِ سنڌي قوم جي اقتدار مان ڀيو ڪير ڇا ٿو ڪٽي تنهن ۾ هو ارهو ڪونهي.

اهڙيءَ ريت وڏي جدوجهد ڪانپوءِ حاصل ڪيل سنڌي صوبائي اختيار وڏيرا شاهي تين وال ڪري قرائي چڪي آهي. جي اها وڏيک وقت اقتدار ۾ رهي، جي اها ئي سنڌ جي ماڻهن جي وڪيل، سندن نمائندي ۽ سندن پاران سودا ڪرڻ جو اختيار رکندڙ رهي، تہ پوءِ ايندڙ هک ٻن ڏهاکن اندر سنڌي وڏيرا شاهي سنڌ تان سنڌين جو حق ۽ واسطو عملي طرح اٿي ۾ لوڻ برابر وچي ڇڏيندي.

سنڌ جي سياست ۽ اقتدار تان سنڌي وڏيرا شاهيءَ جي صدين جي بالادستيءَ هک هٽي ڏاکي بہ ڏاکي ختم ڪرڻ ۽ سنڌي اقتدار ڏاکي بہ ڏاکي سنڌي عوام جي حوالي ٿيڻ کانسواءِ سنڌي ماڻهن جو قومي وجود بچائڻ ناممکن آهي.

••

خوشيءَ جهڙي خوراڪ

چوندا آهن ته ”خوشيءَ جهڙي خوراڪ ڪانهي، ڳڻتيءَ جهڙو مرض ڪونهي.“

خوش طبعي ۽ چرچو زنده دليءَ جون نشانيون آهن. جيئن لوڻ بنان ڪاڌي جو سواد ڪونهي، تيئن موقعي مهل آهر، نيڪ دليءَ واري خوش طبعي ۽ کل يوڳ بنان زندگيءَ جي صحيح لذت حاصل نٿي ٿئي. خوش طبعي روح جي قوت آهي ۽ عمر وڌائي ٿي. شادين ۽ شادمانن جي موقعي تي به جي منهن سچيل آهي ۽ پيشانيءَ ۾ گهنج آهي ته اها شادي به ان ماڻهوءَ لاءِ غمي ٿي. ڦاسي گهاٽ ۾ به ماڻهو کل يوڳ ڪن ٿا ته هڪڙي پل لاءِ اهو وسريو وڃي ته ماڻهو موت جي چانئٺ وٽ بيٺل آهي. سنڌائتو چرچو وڏن وڏن جابرن ۽ قهارن جي جبر ۽ قهر جي هيبتناڪ ديوارن ۾ ڏار وجهيو ڇڏي. قربائتو چرچو سالن جا رنڌل پرچايو ڇڏي. جيڪا ڳالهه هوندئن ڪجي ته لٺ لڳي پوي سا جي کل يوڳ ۾ چئي ٿي ڇڏجي ته ٺهيو وڃي.

اسڪاٽ لئنڊ جي مشهور اديب ٿامس ڪار لائل (1841) چيو آهي، ”کو يوڳ چرچو اهڙو به هوندو آهي جيڪو سنجيدگيءَ ۽ غمگينيءَ مان ائين اسرندو آهي، جيئن اونداهي، طوفان مان اندرڻ جا ست رنگ اڀرندا آهن. فقط هڪڙي سچي پچي همت واري دل ئي اهڙو يوڳ، چرچو پيدا ڪري سگهندي آهي.“

اڄ صدي پوءِ جڳ مشهور آمريڪي ترقي پسند يوڳائي اديب مارڪ ٽوين (1997) ساڳي ڳالهه هنن لفظن ۾ چئي، ”چرچي يوڳ جو مخفي ذريعو خوشي نه پر غم هوندو آهي.“

آمريڪي صحافي، اديب، نقاد ۽ ناول نويس لوئي ڪروتسبرگ (1954) چرچي يوڳ جي گهڻ طرفي ۽ تخليقي سماجي ڪارج جو ذڪر ڪندي چيو آهي، ”يوڳ چرچو ساڳئي وقت زخمي به ڪري ٿو ۽ زخم ڇٽائي به ٿو. اهو تهمت به هٽي ٿو ۽ معاف به ڪري ٿو. سُسائي به ٿو ۽ وڏو به ڪري ٿو. اهو ماڻهوءَ جو ٻاهريون نفعو گهٽائي سندس اندريون واڌارو ڪري ٿو. جن کي يوڳ چرچو ڪرڻ جو ڏانءُ ايندو آهي ۽ اهي ان ڏانو کي ايمانداريءَ سان استعمال ڪندا آهن، سي پاڻ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي، درحقيقت پاڻ کي وڏيڪ ڪندا آهن.“

فرينچ ناول نويس ۽ سفارتڪار رومئن گئري (1961) يوڳ چرچي

جي اهميت جو هڪڙو انوکو پاسو هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي، ”يوڳ چرچو اظهار آهي انساني وقار جو ۽ اعلان آهي ان ڳالهه جو ته انسان سان پل ته ڪهڙي به ڪئي هلت ٿئي، پر هو ان حالت کان برتر ۽ اعليٰ آهي.“

يوڳ چرچو زباني به ٿئي ٿو ۽ لکت ۾ به.

مزاحيه ادب ۽ صحافت جو ادب ۽ صحافت جي دنيا ۾ وڏو مرتبو آهي. پي. جي. ووڊ هائوس، عصمت چغتائي جي ڀاءُ عظيم بيگ چغتائي، شفيق الرحمان، مجيد لاهوري، مشتاق يوسفي، ڪرنل محمد خان، آرٽ بخوالڊ جهڙا سوين هزارين ملڪي، علائقائي ۽ عالمي مزاح نويس اديب، صحافي ۽ ڪارٽونسٽ ادب ۽ صحافت جي دنيا جا هيرا ليکجن ٿا. هزارين لکين ماڻهو سندن لکڻين ۽ ڪارٽونن پٺيان چريا هوندا آهن.

اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ڪيترن ماڻهن ادبي ۽ صحافتي مزاح ۽ کل يوڳ ذريعي ماڻهن جو روح راضي پئي ڪيو آهي. علي احمد بروهي، رشيد ڀٽي، قمر شهباز ۽ ٻين جا شائق هزارن جي تعداد ۾ آهن.

مون کي ياد آهي ته هڪڙي دفعي مون اديب جي ذميوارين بابت ڪو مضمون لکيو يا ڪا تقرير ڪئي. ان تي اخبار ۾ قمر شهباز جو ڪالم آيو، جنهن ۾ هن منهنجي موقف تان هڪڙو مزيدار چرچو ٺاهيو ۽ ائين ظاهر ڪيائين، ڄڻ منهنجي نظر ۾ ترقي پسند اديب اهو آهي، جيڪو 24 ڪلاڪ هٿيارن پنهوارن سان مسلح ٿيو، جنگ لڙڻ لاءِ تيار ٿيو وينو هجي.

ان ڪالم واري اديب جي فرضي حليي ۽ ڊائلاگ کي ياد ڪري مون کان اڄ به کل نڪري ويندي آهي.

ٻين ڳالهين وانگر خوش طبعي، کل يوڳ ۽ چرچن جون به هڪڙيون فضيلتون ۽ هڪڙيون پرهيزون هونديون آهن. کل يوڳ جو اصل مزو ۽ اصل لطف تڏهن هوندو آهي، جڏهن اهي زنده دلي، من جي موج ۽ اعليٰ ظرف جي پيداوار هجن ۽ نه حسد، ساڙ، ڪيني ۽ بغض جي.

جيئن ٻي هر شيءِ ۽ هر ڳالهه جو غلط ۽ ناجائز استعمال ٿي سگهي ٿو ۽ ٿئي پيو، تيئن يوڳ، چرچي، مزاح ۽ طنز جو به ٿي سگهي ٿو. مثلن ڪڏهن ڪڏهن قلمي ڦشري بازي، غنڊا گردي ۽ ڏاڏاگيريءَ تي پوش وجهڻ لاءِ مزاح ۽ طنز جي ليبل استعمال ٿيندي نظر ايندي آهي. جتي ادب جي مختلف صنفن گهربل حد تائين ترقي نه ڪئي هجي ۽ عام ماڻهن ۾ ادبي ذوق ۽ سمجهه شروعاتي ڏاڪن تي هجي، اتي ڪيترين حالتن ۾ هڪ طرف ڪريل قسم جي ڏچرپي، خرمستيءَ ۽ ٻئي طرف مهذب کل يوڳ ۽ چرچي ۾ جيڪو زمين آسمان جو فرق آهي سو سمجهڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪيتريون اهڙيون لکڻيون سامهون اچي وڃن ٿيون، جيڪي حقيقت

SOORIH SINDHI ADAB

۾ هجن تہ بدذوق ڏچرپي، ٽرڊ ڪلاس خرمستيءَ ۽ واهيات ٺٺولي بازيءَ جي خانن ۾ داخل ٿيڻ جوڳيون، پر پڙهندڙن جي مخصوص درجي جي ذهني سطح جي ڪري، ناجائز طرح، چرچي ۽ مزاح جي خاني ۾ داخل ٿي ويل هجن. نڪما ذهن ۽ اپاهج روح جيڪڏهن رڳو نڪما ۽ اپاهج نہ هجن، پر منجهن نڪمائي ۽ اپاهج پڻي سان گڏ فطرتي ڪميڻپائي، ساڙ ۽ بغض بہ شامل ٿي وڃي ۽ انهن جي اظهار لاءِ ڪم ٽپائڻ جيتري ٻولي لکڻ بہ ايندڙ هجي ۽ چرچي ڀوڳ جو لبادو بہ ميسر هجي تہ پوءِ گهٽ ڇو ڪجي؟ اڪثر گهٽ ٿيندي بہ ڪانهي. نفسيات جي سموري خارش، سوچ جي سموري غلاظت ۽ روح جي سموري ڪوڙهہ جيستائين پني تي نٿي اوتجي پوري ٿئي تيستائين مخصوص قسم جو قلم بس نٿو ڪري سگهي.

ان قسم جي صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪئين طريقا ٿي سگهن ٿا. پهريون تہ آهي اهو تہ مزاح ۽ ظرافت جي ملڪي، علائقائي ۽ عالمي شهپارن جا گهڻي ۾ گهڻا ٽڪرا ترجما ڪري سنڌيءَ ۾ آندا وڃن تہ جيئن ماڻهو معياري ادبي مزاح ۽ بيهودي ٺٺولي بازيءَ ۾ فرق سمجهڻ شروع ڪري سگهن. ٻيو آهي تہ سنڌي تنقيد نگار ادبي ڀوڳ چرچي ۽ مزاح جي باري ۾ لکندڙن ۽ پڙهندڙن جي رهنمائي ڪن. ان رهنمائيءَ جون بہ ٽي صورتون ٿي سگهن ٿيون. هڪڙو تہ مضمون لکي سمجهايو وڃي تہ صحيح مزاح ٿيندو ڇا آهي ۽ ڇا کي چئي سگهجي ٿو. ٻيو تہ سٺي مزاحيہ لکڻين جي نشاندهي ۽ ساراهہ ڪئي وڃي. آخر ۾ سڪٽي ڏچرپي ۽ بيهودي ٺٺولي بازي جي بہ نشاندهي ۽ اپٽار ڪئي وڃي.

ڀوڳ چرچي ۽ صاف سٿري طنز وارو ادب علمي ادب جي هڪڙي انتهائي مزيدار، ڪارائتي ۽ قيمتي صنف آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان صنف جي حفاظت ڪرڻ، ان کي وڌائڻ ۽ عالمي سطح جي ويجهو آڻڻ هڪڙي اهم ادبي، ثقافتي ۽ قومي فرض جي بجا آوري ٿيندي.

●●

SOORIH SINDHI ADAB

سنڌي ساهت گهر

حيدرآباد، سنڌ

طرفان

رسول بخش پليجو

جا ڇپيل ڪتاب

١. سنڌي ذات هنجن

٢. اوهان جي پڇاڻان

٣. هرڻ هنيلا ٻيڻا سوچن

گهرائڻ لاءِ لکو.

منصور پبلشنگ ايجنسي

دڪان نمبر - 5 باسم چيمبرز،

SOORIH SINDHI ADAB

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani